# مونکي محبت آهي

## خليل جبران

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مونکي محبت آهي

ليکڪ: خليل جبران
سنڌيڪار: ستار

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1996ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ چار

چپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ نيو سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن سيپٽمبر 1996ع

قيمت [redacted] رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

MOONKAY MAHBAAT AHAY. Written By KHALIL JIBRAN. Translated in Sindhi By. SATTAR. Published By New Fields Publications, Tando Wali Mohammad Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition September 1996. Price Per Copy Rs [redacted]
Book No. 204


Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# فهرست


| | |
|---|---|
| روڙيل رنڊا | 7 |
| تمهيد | 11 |
| جبران جي جيون جون جهلڪون | 13 |
| ملاقات | 21 |
| حسن جي بارگاهه | 25 |
| ملامت ڪار | 28 |
| رفيق حيات | 31 |
| وصال | 33 |
| انسان جي تڪميل | 35 |
| عورت جي عظمت | 37 |
| حڪمت جي زيارت | 43 |
| محبت جي ڪهاڻي | 46 |
| محبوبه | 50 |
| ڏوهي | 54 |
| جل پريون | 56 |
| رات | 59 |
| محبوب جي موت | 64 |
| روحن جا سرباٽ | 71 |
| شاعر جو آواز | 76 |
| فطرت جا نغما | 84 |
| غريب دوستن جي نانءِ | 92 |
| غريب بيواهي | 97 |
| هڪ خواب | 101 |
| اجڙيل وسندي | 103 |
| هڪ خواب | 106 |
| اڄ ۽ ڪلهه | 111 |
| مڙدن جي وسندي | 116 |
| بي لاش | 120 |
| محبت جي زندگي | 127 |
| شاعر جو موت | 131 |
| مونکي محبت آهي | 134 |
| توهين ۽ اسين | 141 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# روڙيل رندا

جبران خليل جبران جي سنڌ جي ادبي کيتر ۾ اڳ ئي خاصي سڃاڻ آهي، تنهن ڪري ان جي نئين سري ساهه سڃاڻ ڏيڻ، منهنجي نظر ۾ اجايو، پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ جي برابر ٿيندو. باقي ان ڳالهه جو افسوس آهي ته جبران تي، سنڌ جي ڪنهن به وڏي اديب نه لکيو آهي. اسين، جنهن ٿهيءَ سان تعلق رکون ٿا، اها ٿهي مختلف وقتن تي، مختلف ليکڪن کان متاثر ٿيندي رهي آهي. انهن ليکڪن مان جبران خليل جبران به هڪ آهي.

هن کان اڳ، مون هڪ ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو مون جبران جو هڪ ناولٽ (Prophet) کي سنڌيءَ ۾ ترجمو نومبر 1984ع ۾ 'پيغامبر' جي نالي سان ڪيو، جيڪو ڏهه سال اڳ جون 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبلڪيشنس، حيدرآباد پاران ڇپيو؛ ان جا به ڇاپا نڪتا ۽ هاڻي وري به اهو شايد وڪرو تي ڇڪو آهي. انهيءَ مان جبران جي ڪتابن جي، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهرج جي پروڙ پوي ٿي.

انهيءَ گهرج کي ذهن ۾ رکي مون ٻيهر هڪ ڪوشش ڪئي آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ان جي ترجمي لاءِ ياءُ فيروز احمد ميمڻ مون کي اتساهيو. ان جو سبب اهو آهي ته هو، ڇپائيندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ آهي. ان ڪري ڪيس ٻليءَ پٽ پروڙ آهي ته سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڙهندڙ چا ٿو پڙهڻ گهري. ان ڪري هن ڪتاب ۾ جبران جون مختلف لکڻيون ترجمو ڪيون اٿم.

مان جيئن ته، عربي ٻوليءَ لاءِ ٻنهه ڪورو ڄڻ آهيان. تنهن ڪري، هر ان ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو عربي نه ٿو ڄاڻي، اهو ٻين ڌارين ٻولين، جيڪي اڄڪلهه اسان لاءِ اوترين اوپرين به نه رهيون آهن، يعني انگريزي يا اردو ٻولين تان سنڌيءَ ۾ منتقل ڪجي. مون به هي لکڻيون، اردوءَ تان، سنڌيءَ ۾ آنديون آهن. هي ترجما مون 'جبران نامہ' نالي ڪتاب تان اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيا آهن، جنهن جو ترجمو 'بشير هنديءَ' نالي ڪنهن ليکڪ ڪيو آهي ۽ اهو ڪتاب مکتبہ اردو ادب، لاهور وارن ڇپايو آهي. هن ڪتاب ۾ مترجم جو ڪنهن به قسم جو تعارف ڏنل نه آهي. نه ئي ورري اهو لکيل آهي ته هي ترجمو سڌو عربي ٻوليءَ تان ڪيو ويو آهي، يا انگريزي ٻوليءَ تان يا ماڳهين ڪنهن ٽين ٻوليءَ تان. بهرحال مون پنهنجي پاران ديانتداريءَ سان، هي ترجمو ان مٿي ڄاڻايل ڪتاب تان ڪيو آهي.

ترجمي جي اهميت، دنيا جي هر سڌريل ٻوليءَ ۾ رهندي آئي آهي. ان مصداق سنڌي ٻوليءَ ۾ به ترجمي جي اوتري ئي اهميت آهي ۽ مان پاڻ؛ بذاتِ خود؛ هڪ پڙهندڙ جي؛ ڪيترائي ٻين ٻولين جا اديب، ترجمي جي ذريعي پڙهيا آهن. دنيا ۾ نه ڄاڻ ڪيترين قومون رهن ٿيون، ڪيتريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اهي سڀ جون سڀ ته ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو ڄاڻڻ ڏاڍو محال آهي. پر هر ماڻهو جي اها خواهش ضرور هوندي آهي ته هو دنيا ۾ وسندڙ قومن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري ۽ ان ڄاڻ جو بهترين طريقو ادب آهي. ڇاڪاڻ ته ادب ئي آهي، جنهن ۾ اسان کي: هڪ ئي وقت ڪنهن به قوم جي، رهڻي ڪهڻي، کاڌ خوراڪ، رسم و رواج، لباس، موسيقي، رقص، آرٽ، تاريخ، جاگرافي، ان جي موسمن، ويندي جانورن ۽ گلن ٻوٽن جي باري ۾ معلومات حاصل ٿي سگهي ٿي. هونءَ مٿي ڄاڻايل ڳالهين تي جدا جدا معلومات به ملي سگهي ٿي، پر اها معلومات هر عام ماڻهوءَ جي دلچسپي جي گهٽ ۽ انهن شعبن سان تعلق رکڻ وارن جي دلچسپيءَ جي وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. اديب، جيڪو هر قوم ۽ ٻوليءَ جو، حساس ترين ۽ ڄاڻو ٿئي ٿو، جيڪو ڪڏهن شعوري ۽ ڪڏهن لاشعوري طور، پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي، فنائتي ۽ خوبصورت طريقي سان، نه صرف پنهنجي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن لاءِ واضح ڪري ٿو، پر دنيا وارن کي به ڏيکاري ۽ ٻڌائي سگهي ٿو. دراصل اديب، پنهنجي ٻوليءَ ۽ قوم جو بي لوث سفير آهي. پوءِ ڀل ڪٿي ڪنهن قوم جا ڪنهن ٻي قوم سان ڪيڏا به سياسي ۽ جاگرفيائي اختلاف ڇو نه هجن. ادب، سياسي ۽ جاگرافيائي سرحدن ۽ اختلافن کان مبرا آهي ۽ هو نه صرف پنهنجي ٻولي، قوم ۽ ملڪ لاءِ لکي ٿو، پر هو پوريءَ ڌرتيءَ تي وسندڙ انسانن لاءِ لکي ٿو. اديب وٽ 'انسان' اتم آهي ۽ هو انسانيت کي زنده ڏسڻ گهري ٿو ۽ ان لاءِ ئي جاکوڙي ٿو. جنهن لاءِ کيس ڪنهن به اجوري جي ضرورت به نه هوندي آهي. هو لکي ٿو، پنهنجي ذهني ۽ روحاني اُڃ اجهائڻ لاءِ، هُو لکي ٿو، جو ڪجهه هو ڄاڻي ٿو، ان ڄاڻ کي ٻين تائين پهچائڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ. هو لکي ٿو، جيئن پنهنجن سورن جي ورهاست ڪري ۽ ٻين جي سورن، ڏکن ۽ خوشين جي ڄاڻ عوام تائين پهچائي. سڀ ڪان خاصي ڳالهه اها چئي سگهجي ٿي ته هو پنهنجي خيالن کي ٻين ذهنن منتقل ڪرڻ گهري ٿو ۽ ٻين سان ونڊي ورهائي رهڻ چاهي ٿو. اهوئي جيايو سڦل آهي. باقي، ورنه هون ته جانور به جيئي ٿو ۽ پنهنجي حياتيءَ جا مقرر ڪيل ڏينهن گهاري ٿو ۽ گذري وڃي ٿو. منهنجي ڪيل هيءَ ڪوشش ڪيتري ڪارائتي، ڪيتري لاڀائتي ۽ ڪيتري ڄاڻ ڏيندڙ آهي. ان جو فيصلو قاري يعني پڙهندڙ کي ڪرڻو آهي. مون هيءَ ڪوشش ڀٽائيءَ چوائي ڪئي آهي ته:

”محبت پائـي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائي ڇڏيو.“

اميد رکان ٿو ته منهنجا هي روڙيل رندا، اڳ جيان روڙيل رندن، يعني ’Prophet‘ جي ترجمي، ’پيغامبر‘ جيان، ٻولي ۽ ڌرتيءَ سان چاهه رکڻ وارا ضرور اگهائيندا. جڏهن مون کي ان جي اگهامڻ جا پَرون پيا ته مان سمجهندس ته منهنجي ڪوشش، منهنجي محنت ٿاب پئي ۽ مون کي اڪٿ اجورو ملي ويو.

ستار پيرزادو
14- ڊي، گلشن ڪامپليڪس فيز -2
گلستان جوهر، بلاڪ -19م
راشد منهاس روڊ، ڪراچي
تاريخ: 5 فيبروري 1994ع

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تمھيد

مان پنهنجي دل جا ڏک، ماڻهن جي خوشين سان متائيندو ناهيان. مان چاهيندو ئي ناهيان ته منهنجا اهي لڙڪ جيڪي لکڻ وقت منهنجي اکين مان مسلسل لڙندا رهندا آهن، ڪل ۾ تبديل ٿي وڃن. مان ته چاهيندو آهيان ته منهنجي زندگي، لڙڪ ۽ مُرڪ، مُرڪ ۽ لڙڪ ٿي رهي.

لڙڪ – منهنجي دل کي روشن ڪري ڇڏيو. مون کي زندگيءَ جي رازن ۽ نفاستن کان باخبر ڪري ڇڏيو.

مرڪ – جيڪا مون کي انسانن جي بنهه ويجهو ڪري ڇڏي، ۽ جنهن ۾ خدا جي بندگيءَ ڏانهن اشارو هجي.

لڙڪ – جنهن جي گهرائين مان، مان ٽٽل دلين جو غمگسار بڻجان.

مرڪ – جنهن مان ماڻهن کي منهنجي خوشي ۽ شادمانيءَ جو علم هجي.

مان ته چاهيان ٿو ته مان ڪنهن جي شوق ۾ مران، پر مون کي اهو پسند ناهي ته اداسيءَ جي زندگي گذاريان.

مون غور ڪيو ۽ ڏٺم ته اهي ئي ماڻهو وڏيڪ بدقسمت نظر آيا، جيڪي ڪنهن کي به نه پيا چاهين ۽ دنيا سان ڇهنئيل اهڙا ئي ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي لائي ڇڏيو تہ ڪنهن کي چاهڻ وارا، ڪنهن جي تمنا دل ۾ سانڍيل، انسان جون آهون، مون کي راڳ جي ڪومل سرن کان وڌيڪ مٺيون لڳيون. ان ڪري مان چاهيان ٿو تہ منهنجي دل جي هر ڪنڊ ۾، حسن ۽ محبت جي لاءِ تڙپ هجي.

شام ٿيندي آهي تہ مکڙي پنهنجي پنکڙين کي پاڻ سان ملائي ڇڏيندي آهي، پنهنجي معشوق سان ٻڪجي، سمهي پوندي آهي.

صبح ٿيندو آهي تہ سج جي ڪرڻن کي چھڻ لاءِ پنهنجو وات کوليندي آهي. مکڙين جي زندگي بہ شوق ۽ ملاقات آهي.

لڙڪ ۽ مرڪ –

آسمان ۾ ڦرندڙ ڪڪرن کي ڏسو. سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي اٿندو آهي. اها متانهين تي پاڻ ۾ ملي، ڪڪرن جي شڪل اختيار ڪندي آهي. ڪڪر وادين ۽ جهڳٽن تي، خوشيءَ مان اڏامندا رهندا آهن. فصلن تي روئندي ڪِرندا آهن؛ ناليون مان وهي، وري پنهنجي وطن، سمنڊ سان ملي ويندا آهن. ڪڪرن جي زندگي، فراق ۽ وصال آهي.

لڙڪ ۽ مرڪ –

بلڪل ان طرح روح عالمِ ابديءَ کان دنيا ۾ ايندي آهي. ڪڪرن جيان غم جي پهاڙن ۽ خوشيءَ جي جهڳٽن تي اڏامندي رهندي آهي. موت جي ٿڌين هوائن سان وچي ٽڪرندي آهي ۽ جتان جي هئي اوڏانهن موٽي ويندي آهي.

محبت ۽ جمال جي سمنڊ ڏانهن – الله ڏانهن –

جبران

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جبران جي جيون جون جهلڪون

ٿورڙا ماڻهو موتين داڻا ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي حياتي نه صرف پنهنجي ملڪ ۽ ديس واسين لاءِ، پر انسان ذات جي ڀلي لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ هيءَ آسمان هيٺان ڌرتي، سموري ڌرتي، پنهنجي گهر جي اڱڻ مثال هوندي آهي. اهڙن ماڻهن مان هڪڙو جبران خليل جبران به هڪ آهي.

6 ڊسمبر 1883ع جي رات، لبنان جي هڪ شهر بشريٰ جي هڪ ننڍي گهر ۾ هڪ ٻار جنم ورتو. دنيا جي هر نئين پيدا ٿيل ٻار جيان ’اونئان اونئان‘ ڪندو، هن مادي دنيا ۾ وارد ٿيو. دائي ’امِ حنا‘ مبارڪباد ڏيندي، پٽ جي پيدا ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته ويائيل ’ڪامله‘ جي چهري تي ستارا چمڪڻ لڳا. ڪانئس ٿورو اڳ، دنيا ۾ نئين ڄاول آدم جي اولاد يا شرابي خليل جي اولاد کي جنم ڏيڻ ويل، پيش آيل سور به وسري ويو. پر سندس گهر ۾ آيل سندس ڀينرن، سهيلين ۽ پاڙيسرائين ۾ هڪ عجيب قسم جي خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. اها خبر جڏهن خليل کي پئي ته هو ڊوڙندو نئين ويائيل ڪامله وٽ پهتو ۽ کيس روئندو ڏسي چوڻ لڳو: ”ڪامله تون روئي رهي آهين؟“ کيس تسلي ڏيندي، مڇن کي وَٽ ڏيندي، ڪنڊ ۾ رکيل هڪ پيتيءَ ڏانهن وڌيو ۽ ان مان اخروٽ، ڪشمش ۽ بادام ڪڍي عورتن ۾ ورهائڻ لڳو. ”کائو خوب کائو، هي جبران جو منهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي." ان کان پوءِ هن پنهنجي زال ڪامله کي چيو ته اسين هن ٻار جو نالو ’جبران‘ رکنداسون، قوم جي سردار جي نانءُ وارو نانءُ.

هڪ پاڙيسرڻ پنهنجي گهر پهچي، پنهنجي مڙس کي ٻڌايو، ”سچ پچ ڪامله ان جي لائق هئي. هوءَ هڪ فرشته سيرت عورت آهي. عقلمند، حسين، شيرين زبان ڪامله، لبنان ۾ سندس جيس ملڻ محال آهي." پوءِ به هن جي زندگيءَ ۾ روج لکيل آهي. هن پهرين يوحنا عبدالسلام رحميءَ سان شادي ڪئي، جيڪو کيس برازيل وٺي ويو ۽ اتي هن جي جهوليءَ ۾ ننڍڙي پطرس کي ڇڏي پاڻ هيءَ دنيا ڇڏي ويو."

صبح جي سوير نئين ڄاوَل ٻار جي غون غون خليل جي مختصر گهر کي جاڳائي وڌو. خليل، ڇهن سالن جي پطرس جو چهرو ڇهندي کيس چيو ته، ”پنهنجي والده کي چئو ته، توکي تنهنجو ننڍڙو ڀاءُ ڏيکاري."

ڪامله هڪ اڌڙوٽ يعني 35- سالن جي عمر جي خوبصورت ۽ وجيهه، نيڪ عورت هئي. جنهن خليل سان ٻيهر شادي ڪئي. ڄاڪاڻ جو سندس اڳيون مڙس يوحنا عبدالسلام رحمي، کيس پنهنجي هڪڙي نشاني پطرس جي صورت ۾ ڏئي هن دنيا مان ٿي هليو ويو. عورت نيٺ عورت آهي، کيس ڪيترن ئي وقتن تي مرد جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ هن خليل سان شادي ڪئي، پر هو بيحد شرابي هو ۽ هر وقت نشي ۾ ڌت رهندو هو. ان جي باوجود به ڪامله هن سان نباهه ڪيو ۽ کيس خليل مان به نيائيون مريانا ۽ سلطانه نالي به هيون. مريانا سيني

کان وڏي ۽ سلطانه سيني کان ننڍي عمر جي هئي.

جبران کي جڏهن اسڪول ۾ داخل ڪيو ته هو پڙهڻ لکڻ جو ڪم چور هو. هڪ ڀيري اسڪول جي سبق ياد نه هئڻ ڪري، جڏهن استاد ڪيس اهو سبق ڦرهيءَ تي ڏهه ڀيرا لکڻ جو حڪم ڪيو ته هن سبق لکڻ بدران اتي هڪ گڏهه جي تصوير ٺاهي، جيڪو ستل ڏيکاريل هو ۽ ان جي مٿي تي ٽوپلو، هڪ ڪن تي ڪتاب ۽ ٻئي ڪن تي ٿيلهو رکيل ڏيکاريل هو. جڏهن استاد سندس اها حرڪت ڏٺي ته ڪيس خوب مار به ڏنائين ۽ موڪل به بند ڪري ڇڏيائين. ان کان اڳ، هڪ ڏينهن خليل ڏٺو ته جبران ديوار تي ڪوئلي سان ڪجهه تصويرون ٺاهي رهيو هو. اهو ڏسي ڪيس چيائين ته ديوارن کي ڪارو ڪرڻ کان بهتر آهي ته تون پنهنجو سبق ياد ڪر. پر پنهنجي دل ۾ چيائين ته هي اهو ئي ڪجهه ڪري ٿو سگهي ۽ اهو ئي ڪندو.

1894ع ۾ ڪاملہ پنهنجي ٻارن سميت بوسٽن آمريڪا هلي آئي ۽ ان محلي ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين، جتي عام طور تي چيني، جاپاني، اطالوي، پولش، شامي ۽ لبناني رهندا آهن. اتي جبران انهن چيني ۽ اطالوي ٻارن سان ڪيڏڻ بدران لکڻ ۽ پڙهڻ کي ترجيحه ڏيندو هو. هڪ ڀيري والده جي پڇڻ تي چيائين ته، ”هي ڇوڪرا اوباش آهن ۽ ڇوڪريون بيحد واترڀون ۽ غليظ آهن. مون کي پاڪ زبانون ۽ پاڪ دليون پسند آهن. مون کي ته هي ڪتاب، قلم ۽ پينسل ۽ ڪاغذ وڌيڪ ٿا وڻن، ڇاڪاڻ جو اهي صاف ته آهن.“

هڪ ڀيري سندس استاديائي هڪ ماڻهوءَ کي ساڻ وٺي آئي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيائين تہ ھي ڇوڪرو مصور آھي ۽ پوءِ ڪيس جبران جون ٺاھيل ٻصويرون ڏيکاريائين، جنھن کي ڏسي ھن بي اختيار ٿي چئي ڏنو تہ، ”ھي ننڍڙو مصور آھي.“ ۽ ڪيس پنھنجي ايڊريس ڏيندي، گھر اچڻ جي ڪوٺ ڏني. جبران اھا ڳالھہ جڏھن پنھنجي ماءُ کي ٻڌائي تہ ھن چيس تہ، ”تون بجاءِ تصويرون ٺاھڻ ۽ ناولن پڙھڻ ۾ ضايع ڪرڻ جي پنھنجي ڀاءُ پطرس سان دوڪان تي ڪم ڪر، جيئن واپار سکي پئين ۽ پنھنجي ڀاءُ جو مددگار ثابت ٿين.“ جنھن تي ورائيائينس تہ، ”مصور اھا ھستي آھي، جيڪا پطرس جي آڳر چڙي بہ دنيا جي واپارين کان بھتر آھي ۽ شاعريءَ جو ھڪڙو صفحو بہ دنيا جي دڪانن کان وڌيڪ قيمتي آھي.“

نيٺ جبران ڳولي وڃي ان مصور جو گھر لڌو. ھن دروازو کڙڪايو. مصور در کولي کيس ڀليڪار ڪئي ۽ اندر ڪرسيءَ تي ويٺل ھڪ عورت وٽ وٺي ويو ۽ ان کي چيائين تہ، ”ھي آھي اھو نوجوان شامي، جنھن بابت مون توکي ٻڌايو ھو. مون ھن جي تصويرن ۾ عجيب تخيل ۽ فني ذوق جھلڪندو ڏٺو آھي.“ اھا عورت حقيقت ۾ پنھنجي تصوير مصور کرائڻ آئي ھئي. جڏھن سندس اڌوري تصوير جي باري ۾ جبران کان راءِ جو اظھار پڇيو ويو تہ ھن ورائيو، ”تصوير ان وقت تائين مڪمل نہ ٿيندي آھي، جيسين مصور ان مان ھٿ نہ ڪڍي. اسين ماڻھو تہ صرف تصوير جا اڌورا خاڪا ۽ شروعات ٺاھيندا آھيون، حقيقي مصور تہ خدا آھي.“ ان وقت جبران جي عمر صرف 14 سال ھئي. اھو ٻڌي ان عورت چيس تہ تون پنھنجي عمر ۽ سمجھہ کان گھڻو وڌيڪ بھتر ڳالھائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهيو آهين. ان عورت تي جبران جي ڳالهين جو ايترو اثر پيو جو هن ٻه جبران کي پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوٺ ڏني. ان مصور ڪيس يادگار جي طور تي رنگين پينسلن جي هڪ دٻي تحفي ۾ ڏني.

اوچتو ۽ لاڳيتو جبران کي ذهني صدما رسيا. اهي اهڙا صدما هئا، جن في الحال ته جبران کي ڏاڍي عجيب حالت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهي صدما هئا لاڳيتو يعني 4 اپريل 1902ع تي سلطانه جو موت، وري 12 مارچ 1903ع تي پطرس ۽ 18 جون 1903ع تي سندس والده جو موت. جنهن سان هو بيحد محبت ڪندو هو. پطرس، جنهن والده سان واعدو ڪيو هو ته، ”خدا مون کي توفيق ڏني ته هن جو (يعني خليل) سگريٽ ڪڏهن نه اجهامندو. هن جو قهوو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو ۽ سندس پيالو ڪڏهن به خالي نه ٿيندو. امان، ان ڪري جو مون کي سيني تڪليفن جي باوجود هن سيني سان محبت آهي. جبران عزم حاصل ڪندو، مريانا، سلطانه ۽ تون عزت سان گذاري سگهنديون.“

سندس والده جيڪا ڪيس هميشه هي جملو چوندي هئي ته، ”خدا توکي آزمائش جي گهڙيءَ کان محفوظ رکي.“ سڀ هڪ ٻئي جو ساٿ سارينداه هڪ ٻئي پٺيان راهي ٿيندا ويا ۽ باقي رهجي ويا مريانا ۽ جبران. هاڻي جبران جو فن به اپار ڪائڻ لڳو. ٻئي طرف هن جون لکڻيون هيون، جن هن کي پنهنجي دؤر ۾ ممتاز بنائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. هڪ ڀيري هڪ عجيب اتفاق ٿيو. ’مس هاسڪل‘ نالي هڪ عورت جڏهن ڪانئس ٿي سندس تصويرن جي مصور جي باري ۾ پڇيو. هن وراڻيو، ”مصور پاڻ اوهان آڏو حاضر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشيلين‘ پڪارڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو، ”مشيلين تون منهنجي حواسن ۽ منهنجي دل جي ڪنجين تي قابض آهين. جيڪڏهن مان خوش ٿيندو آهيان تہ تنهنجي ڪري ۽ ڏکوئبو بہ تنهنجي ڪري ئي آهيان.“

هڪ ڀيري مشيلين ڪانٽس پڇيو، ”منهنجا پيارا خليل! اڄ مون لاءِ ڇا آندو اٿئي. لڙڪ يا مرڪ؟“

”مرڪ جا تنهنجي هڪ مرڪ جي مستحق آهي. ڪاش! تون عربي ڄاڻندي هجين ها، پوءِ مان توکي سوڏو پوڏ ان شڪل ۾ ٻڌايان ها، جنهن ۾ نظم لکيا ويا آهن ۽ مان مترجم ٿيڻ کان بچي پوان ها. ڇا تون ڄاڻين ٿي تہ منهنجا اهي شاهڪار جيڪي مون نيويارڪ جي عربي رسالي ۾ ’لڙڪ ۽ مرڪ‘ جي عنوان سان لکيا هئا، اهي سيني عربي رسالن ڪنيا آهن ۽ انهن تي تبصره بہ ڪيا آهن.“

جبران پنهنجي محبوبہ کي سيني سان لاتو ۽ پوءِ پنهنجي کيسي مان ’المهاجر‘ جو تازو پرچو ڪڍي ’ساٿي‘ جي عنوان وارو هڪ قطعو ترجمو ڪرڻ لڳو.

جبران نفس جي تنگ دائري مان ٻاهر نڪري، هن عالم جي پري کان تماشو ٿو ڪري تہ ڪيس خبر ٿي پوي تہ هو ٻن ضدن جي وچ ۾ چڪر هڻي رهيو آهي، جنهن جو نالو جبران آهي.

اپريل 1931ع ۾ جبران جي موت جي خبر نيويارڪ ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي. نيويارڪ جي پادريءَ بوسٽن جي ماروني ڪليسا جي پادريءَ کي جبران جي جنازي جي نماز پڙهڻ جي اجازت نہ ڏني. ڇو تہ هو پاڻ اسپتال ويو هو ۽ هن کي راهبہ بہ ٻڌايو هو تہ جبران

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيٿولڪ (عيسائي) ناهي.

سومر جي شام جو سندس جنازو گاڏيءَ وسيلي بوسٽن پهچايو ويو. هن جي تابوت کي شامي عورتن جي انجمن جي ميدان ۾ رکيو ويو. ماڻهن کيس نذرانءِ عقيدت پيش ڪيو.

اڳاري جي ڏينهن ماروني ڪليسا ۾ تابوت پهچايو ويو. نماز جنازه ٿي ۽ هڪ جلوس جي شڪل ۾ سندس تابوت قبرستان پهچايو ويو. جتي کيس امانت جي طور تي دفن ڪيو ويو. جيئن جبران جي وصيعت ڏسجي ته ان ۾ لبنان يا ڪنهن ٻي جاءِ تي دفن ڪرڻ جي باري ۾ ذڪر ڪيل هجي.

چند مهينن کان پوءِ مريانا جي راءِ مطابق اها راءِ بيٺي ته سندس ڀاءُ جو لاش لبنان پهچايو وڃي، ڇو ته هن کي ان سرزمين سان بي انتها محبت هئي. ان ڪري جبران جو لاش 21 آگسٽ 1931ع تي بيروت جي بندرگاهه تي پهتو. اتي سندس اهڙو استقبال ٿيو جو بيروت اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

ٻئي ڏينهن بشريٰ لاءِ تابوت کي روانو ڪيو ويو. جيئن جيئن ماتمي جلوس جبران جي آخري آرام گاهه ڏانهن ٿي وڌيو ته هجوم وڌندو ويو. ان حد تائين جو پسگردائيءَ ۾ ڪوبه بالغ شخص اهڙو نه هو، جيڪو ان جلوس ۾ شامل نه ٿيو هجي.

جبران جي تمنا مطابق مارسرڪيس جي ڪليسا ۾ جاءِ خريد ڪري کيس دفن ڪيو ويو، جنهن جي دروازي تي هي لفظ اڪيريا ويا:

'هڪ قابل رشڪ هيڪلائي - هڪ بي نظير راحت.'

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# ملاقات

جڏهن رات آسمان جي لباس ۾ تارن جا جواهر ٽاڪي ڇڏيا، تہ نيل واديءَ جي هڪ پري، پنهنجي پرن کي ڦڙڪائيندي مٿي آئي ۽ رومي سمنڊ مٿان ڇانيل انهن ڪڪرن جي تخت تي وڃي ويٺي، جيڪي چنڊ جي شعاعن جي ڪري سونهري ٿي ڏسڻ ۾ آيا. فضا ۾ اڏامندڙ روحن جو هڪ ولر، هن جي سامهون لانگهائو ٿيو، جيڪو وڏي واڪ چوندو ٿي ويو، ”پاڪ آ! پاڪ آ! پاڪ آ! مصر جي اها نياڻي، جنهن جي عظمت، سڄي ڌرتيءَ تي ڇانيل آهي.“

ان چشمي جي بلندين کان، جيڪا صنوبر جي جهڳٽي ۾ وڪوڙيل هو، هڪ نوجوان جو پاڇو، سارو فيم(1) جي هٿن ۾ ويڙهيل، اٿيو ۽ پريءَ جي پر ۾ ويهي رهيو. روح وري آيا ۽ هيئن چوندا انهن جي آڏو لنگهي ويا، ”پاڪ آ! پاڪ آ لبنان جو اهو نوجوان، جنهن جي وڏائيءَ کان زمانو پُر ٿيل آهي.“

جڏهن عاشق محبوبہ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ ان جي اکين سان اکيون اڙايون تہ موجن ۽ هوائن سندن انهن سرباٽن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي ڇڏيو.

”ايسس جي ڌيءَ! تنهنجو حسن ڪيترو مڪمل آهي، ۽ منهنجي محبت ڪيتري بيپناهہ!“

---

(1) فيم: هڪ فرشتي جو نالو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”عشروت جا پٽ! تون نوجوانن ۾ ڪيترو سهڻو آهين، ۽ منهنجي شوق جو جذبو ڪيترو گهڻو آهي!“

”منهنجي محبت، تنهنجي احرامن جي مثال آهي، منهنجي محبوبہ! جنهن کي زمانو ريتي نٿو سگهي!“

”منهنجي محبت صنوبر جي وڻن سان مشابهہ آهي، منهنجا دوست! جنهن تي عناصر غلبو حاصل نٿا ڪري سگهن!“

”مختلف قومن جا فلسفي، مشرق ۽ مغرب کان ايندا آهن؟ منهنجي محبوبہ! جيئن تنهنجي حڪمت کان نفعو حاصل ڪري سگهن ۽ تنهنجا اسرار ۽ رمزون ڄاڻي سگهن.“

”دنيا جون وڏيون وڏيون هستيون، مختلف مرڪن مان وارد ٿينديون آهن. منهنجا دوست! جيئن تنهنجي جمال جي شراب مان مخمور ۽ تنهنجي رازن جي طلسم مان حظ حاصل ڪن.“

”منهنجي پياري، تنهنجي تري انهن بيشمار نيڪين جو فصل آهي، جنهن سان گدام ڀريا ويندا آهن.“

”منهنجا پيارا، تنهنجون ٻانهون مٺي پاڻيءَ جا چشما آهن ۽ تنهنجو ساهہ جنت آفرين هوائون!“

”نيل جا محل ۽ هيڪل، منهنجي پياري! تنهنجي عظمت جا ڳڻ ڳائيندا آهن ۽ ابوالهول تنهنجي بزرگيءَ جا داستان ٻڌائيندو آهي.“

”تنهنجي ڇاتين جا هي صنوبري وڻ، منهنجا پيارا! تنهنجي شرافت جون نشانيون آهن ۽ تنهنجي ڇوڏاري هي قلعہ، تنهنجي عظمت ۽ شجاعت جا ترجمان آهن!“

”اوهہ! منهنجي محبوبہ! ڪيتري حسين آهي تنهنجي محبت! ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيتري مٺي آهي اها اميد. جيڪا تنهنجي ارتقا سان لاڳاپيل آهي!"

"آهہ! هو ڪيترو محترم دوست ۽ ڪيترو وفادار مڙس آهي. تنهنجا تحفا ڪيترا خوبصورت ۽ تنهنجون بخششون ڪيتريون نازڪ آهن! تو مون ڏانهن ان نوجوانن کي موڪليو. جيڪي گهور ننڊ کان پوءِ واري سجاڳي هئا. تو مون کي تحفي ۾ اهڙو شهسوار عطا ڪيو. جيڪو منهنجي قوم جي ڪمزوريءَ تي ڇانئجي ويو. تو هن ئي جي طور مون کي اديب ڏنو. جنهن منهنجي قوم کي بيدار ڪيو ۽ اهڙو سپاهي موڪليو. جنهن انهن جي قومي غيرت کي ٻڙڪايو!"

"مون توڏانهن ٻج موڪليو ۽ تو انهن کي گل بڻائي ڇڏيو. مون توڏانهن ٻوٽا موڪليا ۽ تو انهن کي وڻ بنائي ڇڏيو. تون اهو اڻ ڇهيو باغ آهين، منهنجي پياري! جيڪو گلاب ۽ سوسن ۾ ساهہ وجهندو آهي. سروَ ۽ صنوبر کي بلندي عطا ڪندو آهي!"

"مون کي تنهنجي اکين ۾ غم جي جهلڪ نظر اچي رهي آهي. منهنجا دوست! ڇا تون منهنجي پاسي ۾ هوندي بہ دکي آهين؟"

"منهنجا پيارا! ڪاش! مون کي بہ تو جيان غم عطا ٿئي ها، ۽ خوف و هراس جو ڪوبہ اثر منهنجي دل تي نہ رهي ها!"

"نيل جي ڌيءَ! ڇا تون قومن جي پياري هوندي بہ خوفزده آهين؟"

"مان ان شيطاني جماعت کان ڊڄندي آهيان جيڪا پنهنجي مڪارين جي ڪري منهنجي ويجهو اچي رهي آهي، جيڪا پنهنجي ٻانهن جي ٻَل سبب، منهنجون واڳون سنڀالي رهي آهي!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”منهنجي پياري! قومن جي زندگي، فردن جي زندگيءَ سان مشابهت ٿي رکي. ان زندگيءَ سان، جنهن کي اميد پيار ڪندي آهي، جتان خوف ڪافي ويجهو آهي. جنهنجي ڇوڏاري آرزو ڦيرا پائيندبون آهن ۽ جنهن تي مايوسي نظرون ڪپائي ڇڏيندي آهي.“

محبت ۽ محبوب پاڻ ۾ ملي ويا ۽ چمين جي پيالن ۾ خوشبودار شراب پيئڻ لڳا. ان ويل روحن جو ولر ڳائيندو لانگهائو ٿيو.

”پاڪ آهي، پاڪ آهي، پاڪ آهي! اها محبت جنهن جي عظمت ۽ بزرگيءَ زمين ۽ آسمان کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.“

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حسن جي بارگاهه

مان اجتماعي زندگيءَ کان ڀڄِي وسيع دنيا ۾ ڀٽڪڻ لڳس.
مان ڪڏهن ندين جي ڪنارن تي ٿي گهميس ۽ ڪڏهن جهرڪين جو
چهڪڻ ٿي ٻڌم. نيٺ مان اهڙي جاءِ تي پهتس، جتي گهاٽن وڻن سج
جي نظرن کي لڪائي ڇڏيو هو. اتي ويهي مان پنهنجي اڪيلائي
سان ڳالهيون ڪرڻ لڳس ۽ روح سان سرهاڻ. ان اڃايل روح سان،
جنهن جتي به نظر ڪِيائي، ان شيءِ کي ڏٺائين. جيڪا شراب نه هئي،
پر اها چمڪندڙ واري، جنهن تي پاڻيءَ جو گمان ٿئي.

جڏهن منهنجو ذهن مادي قيد کان آزاد ٿي خيالي دنيا ۾ اڏامڻ
لڳو ته مون پوئتي مڙي ڏٺو. هڪ نوجوان حسينه منهنجي سامهون
بيٺي هئي. اها نوجوان حسينه، جيڪا انگور جي شاخن کان سواءِ،
جنهن سان هن جي جسم جو ڪجهه حصو ڍڪجي ويو هو، هر قسم
جي لباس ۽ زيورن کان بينياز هئي، جنهن جي سونهري وارن کي گل
لاله جي تاج سميٽي ڇڏيو هو.

جڏهن ڪيس خبر پئي ته مان حيرت جو شڪار ٿي ويو آهيان
ته چيائين، ”دِج نه! مان جهنگل جي شهزادي آهيان.“

هن مٺڙي لهجي ۾ مون ۾ همت پيدا ڪئي ۽ مون چيو. ”ڇا
توهان جهڙي حسين شخصيت جهنگ ۾ رهي سگهي ٿي، جيڪو
اڪيلائين ۽ درندن جو مسڪن آهي؟ توهان کي پنهنجي زندگيءَ جو
واسطو! مون کي سچ پچ ٻڌاءِ! توهين ڪير آهيو؟ ۽ ڪٿان آيون آهيو؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن گاهه تي ويهندي چيو، ”مان فطرت جو راز آهيان! مان اها دوشيزه آهيان، جنهن جي پوڄا، تنهنجا ابا ڏاڏا ڪندا هئا ۽ جنهن لاءِ هتي بعلبڪ، افقا ۽ جبيل ۾ هيڪل ۽ قربان گاهه ٺاهيا هئا.“

مون چيو، ”اهي هيڪل ڊهي ويا ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جون هڏيون به ڳري مٽيءَ ۾ ملياميٽ ٿي ويون. هاڻي سندن ديوتائن ۽ مذاهب جا نشان ڪتابن جي چند ورقن ۾ باقي وڃي بچيا آهن ۽ بس!“

هن وراڻيو، ”ڪجهه ديوتا اهڙا آهن جيڪي پنهنجي پوڄاري رهندڙن سان زنده رهندا ۽ مري ويندا آهن ۽ ڪجهه اهڙا آهن، جيڪي ازلي ۽ ابدي الوهيت سان زنده رهندا آهن. باقي منهنجي الوهيت، سو اها حسن جي بخشش آهي، جنهن کي تون هرطرف جلوه گر ٿو ڏسين. اهو جمال، جيڪو سڄي فطرت آهي، جيڪا ڌڻن جي وچ ۾ ڌنارن جي لاءِ، فصلن ۾ هاريءَ لاءِ ۽ پهاڙن ۽ نديءَ ڪنارن جي پر تي لاڏو قبيلن جي لاءِ سعادت جو سرچشمو آهي. اهو جمال حڪيم جي لاءِ عرش حقيقت جي ڏاڪڻ آهي.“

اهڙي حالت ۾ جو منهنجي دل جي ڌڙڪڻ اهو ڪجهه چئي رهي هئي، جنهن کان زبان اڃان واقف به نه هئي. مون چيو، ”بيشڪ جمال هڪڙي قوت آهي، خوفناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ.“

هن جي چپن تي گلن جهڙي مرڪ هئي ۽ نظرن ۾ زندگيءَ جا اسرار. هن چيو، ”توهان انسان هر شيءِ کان ڊڄندا آهيو، ان حد تائين به ته پنهنجو پاڻ کان به. توهين آسمان کان ڊڄندا آهيو، جيتوڻيڪ اهو امن ۽ سلامتيءَ جو سرچشمو آهي. فطرت کان ڊڄندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيو، جيتوڻيڪ اها اطمينان ۽ راحت جو گُڙهه آهي. خدائن جي خدا کان ڊڄندا آهيو ۽ عداوت ۽ غضب کي ان جي ذات سان منسوب ڪندا آهيو، جيتوڻيڪ اهو محبت ۽ رحمت ناهي ته ڪجهه به ناهي!“

ٿوري دير ماٺ رهڻ کان پوءِ، جنهن ۾ لطيف خواب مليل جليل هئا. مون هن کان پڇيو، ”اهو جمال ڇا آهي؟ ڇو جو ماڻهو ان جي تعريف ۽ ايجاد ۾ مختلف راءِ رکندا آهن. بلڪل ائين جيئن هن جي محبت ۽ عزت ۾!“

هن جواب ڏنو، ”جمال اهو آهي جنهن ڏانهن تون پاڻمرادو ڇڪبو وڃين. جنهن کي ڏسي تون کيس ڪجهه ڏيڻ چاهين پر وٺڻ ڪجهه نه گهرين. جنهن کي جسم مصيبت ۽ روح عنايت ڄاڻن. جيڪو رنج ۽ خوشيءَ جي وچ ۾ ٻڌيءَ جو نالو هجي. جنهن کي تون روپوشيءَ ۾، ظاهر ظهور ڏسين. ان ڄاڻائيءَ ۾ سڃاڻو ۽ خاموشيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌين. جيڪا هڪ طاقت آهي، جنهن جي شروعات، تهنجي ذات جي انتهائي پاڪيزگيءَ سان ٿيندي آهي. ۽ انتها ان لفظ تي، جيڪو تهنجي تصورن کان گهڻو مختلف آهي.“

جهنگل جي شهزادي منهنجي ويجهو آئي ۽ پنهنجو معطر هٿ منهنجي اکين تي رکي ڇڏيائين، جڏهن هن پنهنجو هٿ منهنجي اکين تان کنيو ته مون پاڻ کي ان واديءَ ۾ اڪيلو ڄاتو. مان اتان موٽي آيس. دل ئي دل ۾ هر هر هيئن چوندو، ”جمال اهو آهي، جنهن کي ڏسي تون، ان کي ڏيڻ چاهين پر وٺڻ نه گهرين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ملامتِ ڪار

اي ملامِت ڪار! مون کي اڪيلو ڇڏ!
مان توکي ان محبت جو قسم ٿو ڏيان، جيڪا تنهنجي روح کي، تنهنجي محبوبہ جي حُسن ۾ جذب ڪندي آهي، تنهنجي دل کي تنهنجي ماءُ جي شفقت جي زنجير ۾ سوگهو ٿي ڪري ۽ تنهن جا پدرانہ جذبا تنهنجي پٽ سان لاڳو ڪندي آهي. مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي!

مون سان ۽ منهنجي خوابن سان ڪو واسطو نہ رک. ۽ سڀاڻي تائين صبر ڪر. سڀاڻ جو ڪجھ چاهيندو، مون بابت فيصلو ڪري ڇڏيندو.

تو نصيحتن سان پنهنجو خلوص ظاهر ڪيو، پر نصيحت هڪڙي ڇانءَ آهي، جيڪا روح کي حيرت جي ساوڪ ۾ وٺي ويندي آهي. ان مقام ڏانهن ان جي رهنمائي ڪندي آهي، جتي زندگي مٽيءَ جان بيٺل آهي!

منهنجي دل ننڍڙي آهي. مان چاهيان ٿو تہ ان کي سيني مان ڪڍي پنهنجي ترِيءَ تي رکان، ۽ ان جي اونهاين جو اندازو لڳايان ۽ ان جي اسرارن کي پروڙيان! ان ڪري اي ملامت ڪار! پنهنجي اعتقادن جي تيرن سان ان جي نظرداري نہ ڪر! ان کي خوفزده ڪري، هڏائين پڃري ۾ لڪو رهڻ تي مجبور نہ ڪر! جيسين هوءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي رازن جو رت نہ وهائي، پنهنجو اهو فرض نہ ادا ڪري، جيڪو ديوتائن، هن کي حسن ۽ محبت جي آميزش سان پيدا ڪندي وقت سندس ذمي ڪيو هو.

سج ابريو ۽ بلبل هزار داستانن جيان ٻولڻ لڳا. آس (1) ۽ منشور (2) جون خوشبوئون فضا ۾ وکري ويون. مان چاهيان ٿو تہ ننڊ جي سوڙ مان نڪري، سفيد رڍ جي ٻچن سان گڏجي گهمان! ان ڪري اي ملامت ڪار! تون مون کي نہ جهل! جهنگ جي شينهن ۽ وادين جي نانگن کان مون کي نہ ڊيڄار! ڇو جو منهنجو روح، خوف کان ناواقف آهي ۽ ڪنهن بہ برائيءَ کان وقت کان ٻهرين نٿو ڊڄي.

اي ملامت ڪار! مون کي ڇڏي ڏي ۽ نصيحت نہ ڪر! ان ڪري جو مشڪلن منهنجي اکين جي نظرن کي کولي ڇڏيو آهي. لڙڪن منهنجي اکين کي چمڪائي ڇڏيو آهي ۽ غم مون کي دلين جي زبان سمجهائي ڇڏي آهي.

منع ڪيل شين جو ذڪر ڇڏ! جو منهنجي ضمير جي عدالت مون تي منصفاڻا حڪم جاري ڪندي آهي. جيڪڏهن مان بيگناهہ هوندس تہ اها مون کي سزا کان بچائيندي ۽ جيڪڏهن ڏوهي هوندس تہ ثواب کان محروم ڪري ڇڏيندي.

ڏس محبت جو جلوس وڃي رهيو آهي. حسن، پنهنجو جهنڊو کنيو ان سان گڏ وڃي رهيو آهي ۽ جواني خوشيءَ جا ڍول وڄائي رهي آهي! مون کي نہ جهل! اي ملامت ڪار! پر وڃڻ ڏي ڇو جو رستي ۾ گلاب ۽ چنبيليءَ جا گل وڇائل آهن ۽ فضا مشڪ جي

(1) ولائتي ميندي. (2) هڪ خوشبودار ٻوٽو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشبو سان واسيل آهي.

دولت جي کهاڻي ۽ عظمت جا قصا نہ ٻڌاءِ! ڇاڪاڻ جو منهنجو نفس پنهنجي قناعت جي ڪري بينياز ۽ ديوتائن جي عظمت ۽ بزرگيءَ جي پوڄا ۾ مگن آهي! سياست جي ڳالهين ۽ اقتدار جي خبرن چارن ٻڌائڻ کان مون کي معاف ڪر! ڇو جو ساري ڌرتي منهنجو وطن ۽ سڀ انسان منهنجا هم وطني آهن.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رفيقِ حيات

پهرين نظر.

هيءَ اها گهڙي آهي، جيڪا زندگيءَ جي بي سُدَ ۽ سُڌائپ جي وچ ۾ هڪ سَندُو آهي. هي پهريون شعلو آهي، جيڪو زندگيءَ جي خلائن کي روشن ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ انساني قلب جي سُرود جي تار جي پهرين طلسمي جهنڪار آهي. هي اهڙو مختصر لمحو آهي، جيڪو روح جي گردش ۾ گذريل ڏينهن جي واقعن کي ورجائيندو آهي. هن جي هڪ نگاهہ سان راتين جا عمل واضح ڪري ڇڏيندو آهي. هن جي نظرن کي هن دنيا جي وجداني ڪارنامن کان واقف ڪري ڇڏيندو آهي. هي اهو ٻج آهي، جنهن کي عشروت (1) متاهينءَ کان اڇلائيندو آهي ۽ اکيون دل جي کيت ۾ ڇٽينديون آهن. جذبا ان ٻج جي سيوا ڪندا آهن ۽ روح ان جو ميوو کائيندو آهي.

محبوبہ جي پهرين نظر ان روح مثال آهي، جيڪو گهري سمنڊ جي متاڇري تي ڦيرا پائيندو رهندو هو ۽ جنهن مانِ زمين ۽ آسمان پيدا ٿيا آهن. رفيقِ حيات جي پهرين نظر خدا جي قوٰل 'ڪُنْ' مثال آهي.

---

(1) عشروت، نيقيا. لبنان جي رهواسين جي لاءِ حسن ۽ محبت جي ديوي آهي. جنهن کي يوناني 'افروداتي' چوندا آهن ۽ رومي کيس 'وينس' جي نالي سان ياد ڪندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين چمي.

هي ان پيالي جو پهريون ڍڪ آهي، جنهن کي ديوتائن محبت جي شراب سان لبريز ڪيو آهي. هي شڪ، جيڪو دل کي برغلائي سگهائي، ڪيس غمگين ڪندو آهي. وري يقين، جيڪو دل جي خالن کي پري ان کي خوشي بخشيندو آهي. اها ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلي جي حد آهي. اها روحاني قصيدي جو تلهه (مطلع) ۽ معنوي انسان جي جيون داستان جو پهريون حصو آهي. هيءَ اهڙو گهيرو آهي، جيڪو ماضيءَ جي ڌنڌلڪي کي مستقبل جي روشنيءَ کي هم رشتا ۽ احساسن جي خاموشيءَ کي ان جي گيتن سان ڳنڍي ٿو. هي اهو قلعو آهي جنهن کي چار چپ، دل جي تخت، محبت جي بادشاهه ۽ وفا جي تاج هئڻ جو اعلان ڪندي، ادا ڪندا آهن. هي اهڙو لطيف ڇهاءُ آهي، جيڪو گلاب جي پنکڙين کان، هير جي آڱرين جي گذرڻ سان مشابهت رکي ٿو. اهي آڱريون جن جي گرفت ۾، ڊگهيون ۽ لذيذ آهون ۽ ڳجهيون - پياريون ڪنجهون آهن. هي ان طلسمي ڏڪٽيءَ جي شروعات آهي، جيڪا ٻن چاهيندڙن کيءَ هن کي جهان جي پاڻي ۽ گلن مان ڪڍي، وحي ۽ خوابن جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿي. هي گلِ لالا جو ڏاڙهونءَ جي گل سان اتحاد ۽ هڪ ٽئين نئين وجود جي لاءِ سندن گڏيل هيڪلائي آهي.

جيڪڏهن پهرين نظر ان ٻج سان مماثلت ٿي رکي، جنهن کي محبت جي ديوي، انساني قلب جي ميدان ۾ پوکيندي آهي، ته پهرين چمي، زندگيءَ جي وڻ جي پهرين ٽاريءَ جي پهرين گل سان مشابهت رکي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وصال

هتي محبت زندگيءَ جي ٽڙيل پکڙيل جزن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪندي آهي ۽ زندگيءَ جي گهرجن جي اثر هيٺ، انهن صورتن جي شڪل ۾ وڌندي ويجهندي آهي، جنهن کي ڏينهن سريلي آواز ۾ اچاريندا آهن ۽ راتيون ترنم سان ورجائينديون آهن.

هتي شوق گذريل زماني جي ڳجهارتن تان ڍڪيائين جو پردو کڻي ٿو ۽ لذتن جي جزن سان، اها سعادت پيدا ڪندو آهي، جنهن تي ڪنهن کي بہ سبقت حاصل ناهي، سواءِ نفس جي سعادت جي، جڏهن اهو پنهنجي پروردگار سان ڳنڍجي وڃي.

وصال، زمين تي هڪ ٿين الوهيت کي وجود بخشيندو آهي. اهو ڪمزور زماني جي بغض ۽ ساڙ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ٻن طاقتور هستين جو پنهنجي محبت جي وسيلي ڳانڍاپي جو واعدو آهي. اهو قرمزي شراب ۾ پيلي شراب جي آميزش آهي، جيئن ان مان اهو نارنگي شراب وجود ۾ اچي، جيڪو شفق جي رنگ سان ملندڙ جلندڙ آهي، اهو ٻن روحن جي نفرت کان نفرت ۽ ٻن نفسن جو اتحاد آهي. هي ان زنجير جي سونهري ڪڙي آهي، جنهن جو پهريون ڇيڙو نگاهہ آهي ۽ آخري ڇيڙو سرمديت. اهو پاڪ آسمان تان، فطرت جي مقدس زمين تي شفاف بادلن جي ڦوهار آهي تہ جيئن فصلن جون مبارڪ قوتون اپرن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن محبوب جي چهري تي ڀرين نظر، ان ٻج جي مثال آهي، جنهن کي محبت دل جي کيت ۾ پوکيندي آهي ۽ ان جي چپن جي ڀرين چمي، زندگيءَ جي ٽاريءَ جي ڀرين گل وانگر، ته ان جو وصال ڀرين ٻج جي، ڀرين گل جو ڀريون ميوو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# انسان جي تڪميل

وري خدائن جي خدا پنهنجي ’ذات‘ مان هڪ ’روح‘ الڳ ڪري، اول ڪيس حسن و جمال عطا ڪيو، پوءِ تڏڙي هير جي نرم، باغ جي گلن جي خوشبو ۽ چنڊ جي نور جي لطافت بخشي.

ان ڪان پوءِ ڪيس عشرت سان پُر ٿيل پيالو ڏنو ۽ چيائينس، ”تون هي ان وقت پيئجان جڏهن ’عُمر‘ جي ڪري غافل ۽ ’انساني فڪر‘ ڪان بي نياز ٿي وڃين.“ وري غمن سان لبريز هڪ پيالو ڏيندي چيائينس، ”هن جي پيئڻ سان زندگيءَ جي خوشين جو راز تنهنجي سمجهه ۾ اچي ويندو.“

وري ان ۾ اها محبت پيدا ڪيائين، جيڪا گهٽ حوصلي جي پهرين آهه سان گڏ فنا ٿي ويندي آهي، جيڪا غرور جي پهرين ٻول سان ختم ٿي ويندي آهي.

وري هن تي آسماني علم نازل ڪيائين، جيڪو سچائيءَ جي راهن ڏانهن هن جي رهنمائي ڪندو آهي. ان جي اونهاين ۾ هڪ بصيرت پيدا ڪيائين، جيڪا نامانوس شين کي ڏسندي آهي ۽ ان ۾ هڪ جذبو پيدا ڪيو، جيڪو خيالن سان گڏ وهندو آهي ۽ تصورات سان گڏوگڏ هلندو آهي.

وري تمنا جو لباس پهرايائينس، جيڪو فرشتن اندلٺ جي لهرن مان اڻيو هو. ان ڪان پوءِ ان ۾ هن حيرت جي اونده پيدا ڪئي. هاڻي اهو نور جو پاڇو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري خدائن جي خدا قهر ۽ غضب جي بنيءَ مان 'باه'، جهالت جي بيابانن مان 'هوا'، انانيت جي سمنڊ جي ڪناري تان 'پاڻي' ۽ زماني جي قدمن هيٺان 'مٽي' ڪنئي ۽ انهن سڀني جي ميلاپ سان انسان کي پيدا ڪيو. (1)

وري ڪيس هڪڙي انڌي طاقت عطا ڪيائين. جيڪا 'جنون' جي وقت پڙڪي ٿي اٿي ۽ 'خواهشن' جي آڏو اجهامي ٿي وئي. ان کان پوءِ هن ۾ زندگي پيدا ڪيائين ۽ اها موت جو پاڇو آهي.

خدائن جي خدا اول کليو ۽ پوءِ رنو. هن محبت جو اڻ کٽ جذبو محسوس ڪيو. انسان ۽ روح کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيائين.

(1) قديم طالبن جي نظرئي مطابق انسان جي چئن عنصرن مان تخليق ٿي آهي. باهه، پاڻي ۽ هوا. هي ان نظرئي جي تائيد ۾ مصنف لکيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عورت جي عظمت

منهنجي هڪ اهڙي نوجوان سان ملاقات ٿي، جيڪو زندگيءَ
ي راهن ۾ گم، شباب جي اثرن کان بيپرواهه، پنهنجي خواهشن
و اصل سبب ڄاڻڻ لاءِ آتو هو. هڪ نرم ۽ نازڪ گل ڏنائين، جنهن
ي تيز هوائون بي معنيٰ تمنائن جي گهري سمنڊ ڏانهن، اڏائينديون
ي ويون.

مون هن کي هڪ ڳوٺ ۾ شرير ڇوڪرو ڏٺو. جيڪو پکيه
ا آکيرا برباد ڪري، انهن جي ٻچن کي ماري ڇڏيندو هو. گلن جي
رڪ پنکڙين کي مروڙي، انهن جي حسن ۽ دل لڀائڻ کي ختم
ڪري ڇڏيندو هو. درسگاهه ۾ هڪڙو نوجوان مليو، جنهن کي
ڻ پڙهڻ سان ڪابه دلچسپي نه هئي، جيڪو خاموشيءَ جو دشمن
بدتميزيءَ جو اڳواڻ هو. وري شهر ۾ جوان ڏٺم، جيڪو ڳتيل
زارن ۾ خانداني شرافت جو واپار ڪندو ٿي وتيو. ننگ ۽ ذلت جي
بستانن ۾، پنهي هٿن سان دولت لٽائي رهيو هو. جنهن پنهنجو
قل، بنتِ زر جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

پر انهن سيني خرابين جي باوجود، مان سائس محبت ڪندو
وس. اهڙي محبت، جنهن ۾ افسوس سان گڏوگڏ همدردي هئي.
ان کيس چاهيندو هوس، ڇاڪاڻ جو اهي سڀ خراب عادتون
لبعي نه هيون، هن جي ڪمزور ۽ مايوس فطرت جو نتيجو هيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوستو! سخت جبر، انساني نفس کي عقل ۽ حڪمت جي راهن کان پري ڪري ٿو ڇڏي. جوانيءَ جون انداريون پنهنجي دانون ۾ گند ڪچرو ڪٺي اينديون آهن. جيڪو اڪيڻ ۾ پئجي انهن کي بند ڪري ڇڏيندو آهي، اندو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڊگهي عرصي تائين اندو ڪري ڇڏيندو آهي.

مان ان نوجوان سان محبت ڪندو هوس ۽ منهنجي دل ۾ هن لاءِ خلوص، بي انتها خلوص هو. ڇو ته مان ڏسندو هوس ته هن جي ضمير جو ڪبوتر، هن جي بداعمالن جي ڳجهه تي حاوي ٿيڻ ٿو چاهي، پر هن تي غلبو ٿيو وڃي. پنهنجي بزدليءَ جي ڪري نه، پر پنهنجي دشمن جي طاقت جي ڪري.

ضمير هڪ انصاف پسند پر ڪمزور قاضي آهي، جنهن جي ڪمزوري هن جي حڪم جاري ڪرڻ جون راهون جهليو بيٺو آهي.

مون چيو آهي ته مان هن سان محبت ڪندو هوس. محبت مختلف لبادا تبديل ڪري ايندي آهي. ڪڏهن حڪمت جي ويس ۾، ڪڏهن انصاف جي ويس ۾ ۽ ڪڏهن اميد جي ويس ۾! مون کي هن سان محبت هئي، اها اهڙيءَ تمنا جي ويس ۾ هئي جو ان جي فطرت جي سچ جي روشني، هن جي عارضي بدعنوانين جي ظلمت تي حاوي پئجيو وڃي. پر مان هن کان محض اڻ ڄاڻ هوس، هن جي گدلاڻپ، پاڪيزگيءَ کان، بداخلاقي خوش اخلاقي کان ۽ جهالت عقلمنديءَ کان، ڪڏهن ۽ ڪيئن مختلف هئي؟ انسان نٿو ڄاڻي ته روح، جسم جي قيد مان ڪيئن ٿو آزاد ٿئي؟ جيسين اهو آزاد نه ٿي وڃي! ڪيس ڄاڻ ناهي ته گل ڇا لاءِ مرڪندا آهن؟ جيسين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کان پڇيو، ”اهو نئون دوست ڪٿي آهي؟“

هن جواب ڏنو، ”منهنجا دوست! اهو مان ئي آهيان!“ ائين چئي هو ماٺ ڪري ويهي رهيو. اها ڳالهه مون لاءِ بنهه نئين هئي. هن مون ڏانهن ڏٺو. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب نور هو، جيڪو چاتيءَ کي چيري جسم جي هر رڳ، هر تند کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ٿي چڏيو. اهي اکيون، جن کي مون جڏهن ڏٺو، هٺ ۽ سنگدليءَ کان سواءِ انهن ۾ ڪجهه نه ڏٺو هو، هاڻي انهن مان روشني ڦٽي رهي هئي، جيڪا دل کي لطف ۽ مهربانيءَ سان پُر ڪري پئي ڇڏي. نيٺ هن هڪ اهڙي آواز ۾، جنهن کي مون سمجهيو ته هن جي تڙيءَ مان نه پر ڪنهن ٻئي جي واتان نڪري رهيا آهن:

”اهو شخص، جنهن کي تون ٻالاپڻ کان ڄاڻندو هئين، شاگرديءَ جي زماني ۾ جنهن سان تنهنجي ياراني هئي، ۽ جنهن سان جوانيءَ ۾ تون ساڻ رهئين، هاڻي اهو مري چڪو آهي ۽ ان جي مرڻ سان آءٌ پيدا ٿيو آهيان. مان تنهنجو نئون دوست آهيان، مون سان مل!“

مون هن سان هٿ ملايو ته مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جي هٿ ۾ هڪ لطيف روح آهي. جيڪو سندس رت سان گردش ڪري رهيو آهي. اهو سخت ۽ کهرو هٿ، هاڻي نرم ۽ نازڪ ٿي ويو هو. اهي آڱريون، جيڪي پنهنجي عملن جي ڪري، چيتي جي چنبي جهڙيون هيون، اڄ پنهنجي لطيف ۽ گداز هئڻ ڪري، دل کي موهي رهيون هيون. ڪاش! مان پنهنجي ڳالهه جي سادگيءَ جو خيال ڪري سگهان، جيڪا مون ان وقت هن کان پڇي هئي، ”تون ڪير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهين؟ هيءَ تبديلي تو ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن پيدا ٿي؟ ڇا روح تنهنجي جسم کي عبادتگاهه ناهي، توکي مقدس ڪري ڇڏيو آهي، يا تون منهنجي آڏو ڪنهن شاعرائي دؤر جي تمثيل پيش ڪري رهيو آهين؟"

هن جواب ڏنو، "ها، منهنجا دوست! روح مون ۾ نزول ڪري مون کي پاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ عظيم الشان محبت منهنجي دل کي مقدس قربان گاهه بڻائي ڇڏيو آهي. اها عورت آهي، منهنجا دوست! اها عورت جنهن کي ڪالهه تائين مرد جو رانديڪو سمجهندو هوس، پر ان مون کي جهنم جي اونده مان ڪڍي جنت جا دروازا مون لاءِ کولي ڇڏيا آهن ۽ مان ان ۾ داخل ٿي ويو آهيان. اها حقيقت عورت، جيڪا مون کي پنهنجي آرام گاهه ۾ وٺي وئي ۽ مون لاءِ سهارو بڻي. اها عورت، جنهن جي ڀينرن کي مون پنهنجي جهالت سان ذليل ڪيو، پر هن مون کي عظمت جي تخت تي ويهاري ڇڏيو. اها عورت، جنهن جي هم چشمن کي مون پنهنجي ناداني‌ءَ سان خراب ڪيو، پر هن پنهنجي محبت سان مون کي پاڪ ڪيو. اها عورت، جنهن جي هم جنسين کي مون پنهنجي دولت سان پنهنجي ٻانهي بڻايو، پر هن پنهنجي حسن ۽ جمال جو نور مون تي وسائي مون کي آزاد ڪري ڇڏيو. اها عورت جنهن پنهنجي قوت ارادي ۽ آدم جي ڪمزوري‌ءَ مان فائدو وٺي ان کي جنت مان تڙايو، اڄ پنهنجي مهرباني ۽ منهنجي اطاعت جي اثر هيٺ مون کي ان جنت ۾ وٺي وئي."

ان ويل مون هن ڏانهن ڏٺو. لڙڪ هن جي اکين ۾ چمڪي رهيا

هئا. مرڪ هن جي چپن تي ڪيڏي رهي هئي ۽ محبت جي شعاعن جو تاج هن جي متي تي رکيل هو. مان هن جي ويجهو ويس ۽ برڪت جي طلب خاطر هن جو چهرو چميو، جيئن ڪاهِن قربان گاهہ جي چانئٺ چمندو آهي. ان کان پوءِ مون هن کان موڪلايو ۽ هن جو هي جملو دل ۾ ورجائيندو واپس وريس: "اها عورت، جنهن پنهنجي قوتِ ارادي ۽ آدم جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي، کيس جنت مان تڙايو. اڄ پنهنجي مهرباني ۽ منهنجي اطاعت جي اثر هيٺ مون کي انهيءَ جنت ۾ وٺي آئي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حڪمت جي زيارت

رات جي سناٽي ۾ حڪمت مون وٽ آئي ۽ پلنگ وٽ اچي بيهي رهي. هڪ شفيق ماءُ جيان مون ڏانهن ڏٺائين ۽ منهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيائين، ”مون تنهنجي روح جي پوڪار ٻڌي ۽ تنهنجي اڄ اجهائڻ لاءِ هلي آيس. پنهنجي دل منهنجي آڏو کول! جيئن مان ان کي نور سان ڀري ڇڏيان. منهنجي دانوَن جهل! جيئن مان توکي حقيقت جو رستو ڏيکاريان!“

مون پڇيس، ”اي حڪمت! مان ڪير آهيان؟ هن خوفناڪ جڳهه تي ڪيئن اچي سهڙيو آهيان؟ هي اهم خواهشون، هي گهڻا ڪتاب ۽ هي عجيب غريب تصويرون ڇا آهن؟ هي فڪر ڇا آهن؟ جيڪي ڪبوترن جي ولر جيان پر ڦڙڪائيندا لنگهي ٿا وڃن؟ هي ڪلام ڇاهي؟ جنهن ڪي خواهش مرتب ڪري ٿي ۽ لذت منتشر ڪري ٿي ڇڏي؟ هي ڏک ڏيندڙ ۽ فرحت بخش نتيجا ڇا آهن، جيڪي منهنجي روح سان ڳنڍيل ۽ منهنجي دل کان هوش ڏيندڙ آهن؟ مون کي تڪ ٻڌي ڏسڻ واريون اکيون ڇا آهن، جيڪي منهنجي گهراين کي گهوري رهيون آهن ۽ منهنجي ڏکن جي پاسي کان بند آهن؟ هي منهنجي زندگيءَ تي ماتم ڪندڙ آواز ڇا آهن، جيڪي منهنجي بي سرو ساماني‌ءَ تي خوش آهن؟ هي منهنجي تمنائن سان کيڏندڙ جواني ڇا آهي؟ جيڪا منهنجي جذبن تي مذاق ٿي ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماضيءَ جي افعالن ۽ عملن کي وساري ٿو ويهي. حال جي بدمزگيءَ تي خوش آهي ۽ مستقبل جي سست چال تي، منهن خراب ٿو ڪري؟ هي ڪهڙو عالم آهي، جيڪو مون کي اهڙيءَ جڳهه وٺي ٿو وڃي، جو مان نٿو ڄاڻان، ۽ جيڪو مون سان گڏ ذلت جي جاءِ تي بيٺو آهي؟ هيءَ زمين ڇا آهي؟ جيڪا جسمن کي ڳڙڪائڻ لاءِ وات ڦاڙيو بيٺي آهي ۽ جنهن حرص و طمع کي آباد ڪرڻ لاءِ، پنهنجو سينو چيري ڇڏيو آهي؟ هي انسان ڇاهي، جيڪو سعادت ۽ ڪامرانيءَ جي محبت تي راضي آهي، جيتوڻيڪ ان جي محبت، دوزخ جي انتهائي هيٺئين طبقي تائين پهتي ناهي. جا ڇمي حياتيءَ جي طالب آهي، موت هن جي منهن تي چماٽ هڻي رهيو آهي. جيڪا لذت هڪ پلڪ جي لاءِ، ندامت جو هڪ سال خريد ڪري رهيو آهي. جيڪو ننڊ جي هٿ وڪامي چڪو آهي ۽ خواب ڪيس سڏي رهيا آهن، جيڪي ناداني ۽ جهالت جي ندين سان گڏ ظلمت جي سمنڊ ڏانهن وڃي رهيو آهي؟ هي سڀ شيون ڇا آهن، حڪمت!“

حڪمت جواب ڏنو، ”اي آدم جي اولاد! تون هن دنيا کي الله جي اک سان ڏسڻ ٿو گهرين، ايندڙ زماني جي رازن کي انساني فڪر جي وسيلي سمجهڻ ٿو گهرين. اها حماقت جي انتها آهي. جهنگل ۾ وڃ! تون ماکيءَ جي مک کي گلن تي ڦيرا پائيندي ۽ عقاب کي شڪار تي ڦرندو ڏسندين. پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر وڃ! تون ٻار کي باهه جي چڻين کان گهبرائيندي ۽ ماڻس کي گهرو ڪم ڪار ڪندي ڏسندين.

”ماکيءَ جي مک جهڙو تي وچ ۾ بهار جا ڏينهن عقاب جا اعمال ڏسڻ ۾ نہ وچاءِ. ٻار جهڙو تي وچ ۾ ان کي سندس ماءُ جي رحم ڪرم تي ڇڏي، ٻاهه جي ڇپين مان فرحت حاصل ڪر!

”جو ڪجهہ بہ تو ڏٺو، اهو تنهنجي لاءِ ٿي هو. هي وڏي تعداد ۾ ڪتاب، هي عجيب و غريب تصويرون ۽ هي حسين جميل فڪر، انهن ماڻهن جو ٻاچو آهن، جيڪي توکان اڳ ٿي گذريا آهن. هي ڪلام؛ جيڪو تون ترتيب ڏئي رهيو آهين، تنهنجي ۽ تنهنجي ڀائرن، بني نوع انسان جي وچ ۾، ٻڌيءَ جو رشتو آهي. هي غم ڏيندڙ ۽ فرحت بخشيندڙ نتيجا، اهو ٻج آهن، جيڪو ماضيءَ روح جي فصل ۾ پوکيو هو ۽ جنهن جو ميوو مستقبل حاصل ڪندو.

”هيءَ تنهنجي تمنائن سان کيڏندڙ جواني، تنهنجي دل جي دروازن کي کولڻ واري آهي، جيئن ان ۾ نور داخل ٿي سگهي. هيءَ وات پٽيل زمين، اها آهي جيڪا تنهنجي روح کي تنهنجي جسم جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريندي. توکي پاڻ سان گڏ نيندڙ دنيا، تنهنجي دل آهي ۽ تنهنجي دل اهو سڀ ڪجهہ آهي، جنهن کي تون دنيا ٿو ڄاڻين، ۽ هي انسان جيڪو توکي حقير ۽ جاهل ٿو نظر اچي، جيڪو غم مان خوشيءَ جي ۽ ظلمت کان معرفت جي تعليم حاصل ڪرڻ، خدا تعاليٰ جي حضور مان آيو آهي.“

حڪمت، پنهنجو هٿ، منهنجي ٻرندڙ نراڙ تي رکيو ۽ چيائين،

”اڳتي وڌ ۽ ڪٿي بيهي نہ رهہ! ڇو جو اڳتي وڌڻ جو ٻيو نالو ڪمال آهي. وڌ ۽ رستي جي ڪنڊن کان نہ ڊڄ! ڇو جو اهي ڪنڊا، خراب رت وهائڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# محبت جي ڪهاڻي

هڪ نوجوان، جنهن اڃان زندگيءَ جي صبح ۾ قدم مس رکيو هو، پنهنجي گهر ۾ هيڪلو ويٺو، دريءَ مان ڪڏهن تارن ڀريل آسمان کي ڏسي رهيو هو ۽ ڪڏهن نوجوان حسينہ جي تصوير کي، جا سندس هٿ ۾ هئي.

تصوير جنهن جا روش ۽ رنگ، سندس چهري تي اڀري، ان عالم اسرار ۽ ابديت جي رمزن جي اظهار جو سبب بڻجي رهيا هئا. هڪ عورت جي ورنن جا نقش، جيڪي هن جي اکين کي ڪن ٻنائي، هن سان سرٻاٽ ڪري رهيا هئا. اهڙا ڪن ٻڌائي، جيڪي ان ڪمري جي فضا ۾ ڦرندڙ روحن جي زبان سمجهندا هئا ۽ پنهنجي مجموعي اثر کان اهڙيون دليون وجود ۾ تي آنديائين، جيڪي محبت سان روشن هيون ۽ شوق سان ٽمٽار!

ان طرح هڪ ڪلاڪ گذري ويو. ڄڻ تہ اهو دل کي وڻندڙ خوابن جو هڪ لمحو هو يا اتفاق جي زندگيءَ جو هڪ سال. نوجوان اها تصوير پنهنجي آڏو رکي ۽ پنو پين کڻي ڪجهہ لکڻ شروع ڪيو.

منهنجي روح جي محبوبہ!

اهي وڏيون وڏيون حقيقتون، جيڪي فطرت جي مطابق ناهن، عام انساني ڪلام جي ذريعي هڪ انسان کان ٻئي انسان ڏانهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منتقل نہ ٿينديون آهن، پر اهي ئي روحن جي وچ ۾ خاموشيءَ سان پاڻ خاطر رستو جوڙي وٺنديون آهن. مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ان رات جي خاموشي اسان ٻنهي جي وچ ۾ گرم رفتار آهي. ان جي هٿن ۾ اهڙا نشان آهن جيکي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي، هير جي جهوٽن سان لکيل تحريرن کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ آهن، ۽ اهي اسان جي دلين تي لکيل لکٽي، اسان جي ئي دلين کي پڙهي ٻڌائي رهي آهي.

پر جيئن خدا چاهيو ۽ روح کي جسم جي قيدخاني ۾ بند ڪري ڇڏيو، اهڙيءَ طرح محبت بہ گهريو ۽ مون کي ٻولن جو باندي بڻائي ڇڏيائين.

منهنجي محبوبہ، ماڻهو چوندا آهن! "محبت پنهنجي چوڌاري ڦرندڙن جي لاءِ ساڙي وجهندڙ باهہ بڻجي ويندي آهي." پر مان ڏسان ٿو تہ فراق جون گهڙيون اسان جي ذات کي جدا ڪرڻ جي قدرت نٿيون رکن. جيئن پهرين ملاقات ويل مون کي ائين لڳو هو تہ منهنجو روح توکي، سدائين ڄاڻندو رهيو آهي. تنهنجي چهري تي منهنجي پهرين نظر، دراصل پهرين نظر ناهي."

منهنجي دل جي ملڪ! اها گهڙي، جنهن اسان جي دلين کي، عالم علويءَ مان نڪتل دلين کي، هڪ جاءِ ملايو. انهن چند گهڙين مان هڪ گهڙي آهي، جنهن نفس کي ازلي ۽ ابدي هئڻ کي، منهنجي اعتقاد کي پختو ڪيو. ان قسم جي گهڙيءَ ۾، فطرت پنهنجي عدل جي چهري تان پردو کڻي ٿي، جنهن کي عام طور تي ظلم ڇٽبو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي پياري، توکي اهو باغ ياد آهي، جتي ويهي پنهنجي پنهنجي محبوب جو چهرو ڏسندا هئاسين؟ توکي خبر آهي، تنهنجون نظرون مون کي چونديون هيون تہ توکي مون سان جا محبت آهي، مون تي اها تنهنجي مهربانيءَ جو نتيجو ناهي؟ اهي نگاهون جن مون کي ٻڌايو تہ مان، پاڻ کي ۽ دنيا وارن کي چوان تہ، ”اها عطا، جنهن جو سرچشمو عدل ۽ مساوات هجي، ان بخشش کان ڪافي بهتر آهي، جنهن جي شروعات مهرباني ۽ ڪرم هجي ۽ اها محبت جنهنجا ورن، حسن ۽ دلڪشيءَ تي ٻڌل هجن، تلاءَ جي ڪني پاڻيءَ سان مشابهت ٿو رکي!“

منهنجي جان! منهنجي اڄو جا زندگي آهي، مان چاهيان ٿو تہ ان کي عظمت ۽ جمال جو ميلاپ هجي. اها؛ اهڙي زندگي هُجي، جو ايندڙ نسل جي تصور ۾ پائيچاري جو ٻول ٻڌي ۽ ان جي اعتبار ۽ محبت جي طالب هجي. ها! مان اهڙي زندگي ٿو گهران، جنهن جي شروعات ان ويل ٿي هئي، جڏهن مان توسان پهريون ڀيرو مليو هوس. جنهن جي غير فاني هئڻ جو مون کي پورو ڀروسو آهي. ان ڪري مڪمل ڀروسو آهي جو تنهنجي وجود جي باري ۾ منهنجو اهو ايمان آهي تہ اهو منهنجي ان قوت کي، جيڪا الله مون ۾ پيدا ڪئي آهي، اها شان مان سان ۽ قوّل ۽ فعل جي صورت ۾ نمايان ڪري ٿو سگهي. جيئن سڄ باغ جي خوشبوءِ دار گلن کي زمين مان ظاهر ڪندو آهي.

پنهنجي ذات ۽ قومن سان منهنجي اها ئي محبت رهندي. اها پنهنجي آفاقيت جي لاءِ، اهڙيءَ طرح انانيت کان پاڪ ۽ توسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خصوصيت جي آثار ان ريت بيقدريءَ کان مٿاهين رهندي.

نوجوان اٿيو ۽ ڪمري ۾ هوريان هوريان قرب لڳو. ان کان پوءِ هن دريءَ مان ڏٺو ته چنڊ افق جي پويان نڪري رهيو هو ۽ فضا ان جي لطيف شعاعن سان روشن آهي. هو واپس وريو ۽ پنهنجي خط ۾ هنن سٽن جو اضافو ڪيائين:

”منهنجي پياري! مون کي معاف ڪر! جو مان توسان غير جيان مخاطب ٿيو آهيان. جيتوڻيڪ تون منهنجو اهو اڌ حسين آهن، جنهن کي مون ان وقت وڃايو هو، جڏهن اسين ٻئي، هڪ ئي وقت ۾ خدائي هٿن مان نڪتا هئاسون. مون کي معاف ڪج! منهنجي محبوبا!“

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH


Scanned with CamScanner

# محبوب

هن ويل تون ڪٿي آهين؟ او منهنجي حسينہ!

ڇا تون پنهنجي ننڍڙي جنت ۾ انهن گلن جو رس چوسي رهي آهين، جيڪي توسان محبت ڪندا آهن. جيئن ٻارڙو پنهنجي ماءُ جي ڇاتين سان محبت ڪندو آهي؟ يا پنهنجي اڪيلي ڪمري ۾ آهين، جتي تو پاڪيزگيءَ جي لاءِ هڪ قربان گاھہ ٺاهيو آهي. ۽ منهنجي روح ۽ ان جي پاڇي ڦوتن ڪي ان تي ويهاري ڇڏيو آهي؟ يا پنهنجي ڪتابن ۾ گم آهين، جن جي وسيلي تون انساني حڪمت ڪان وڌي ڪجھہ چاهين ٿي. جيتوڻيڪ تون ديوتائن جي حڪمت سان مالامال آهين؟

تون ڪٿي آهين؟ اي منهنجي من موهڻي! ڇا تون هيڪل ۾ مون لاءِ عبادت ڪري رهي آهين؟ يا پنهنجي باغ ۾ پنهنجي انوکن تصورن جي چراگاهن جي باري ۾ فطرت سان سرگوشيون ڪري رهي آهين؟ يا غريبن جي جهوپڙين ۾ پنهنجي روح جي لذت سان، ٽٽل دل ماڻهن کي تسلي ڏئي رهي آهين. ۽ پنهنجي احسان سان انهن جون مٺيون ڀري رهي آهين؟

تون هر جاءِ تي آهين. ان ڪري جو تون خداوندي روح جو هڪڙو حصو آهين! تون هر وقت آهين، ان ڪري جو تون زماني کان طاقتور آهين!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇا تون انهن راتين کي ياد ڪري رهي آهين، جن ۾ اسان هڪ هنڌ گڏ ٿيا هئاسون. تنهنجي نفس جا شعلا، گهيري جيان اسان کي وڪوڙي ويا هئا ۽ محبت جا فرشتا، روح جي ڪارنامن جو راڳ ڳائيندي، اسان جو طواف ڪري رهيا هئا؟

ڇا تون انهن ڏينهن کي ياد ڪري رهي آهين، جن ۾ اسان وڻن جي ڇانوَ ۾ ويٺا هئاسون ته انهن اسان تي ائين ڇانوَ ڪئي جڻ اسان کي انساني نظرن کان لڪائڻ ٿا گهرن. جيئن پاسريون، دل جي مقدس اسرارن کي لڪايون بيٺيون هونديون آهن؟

ڇا تون انهن رستن ۽ لاهين کي ياد ڪري رهي آهين، جن تي اسان هلندا هئاسون. تنهنجون آڱريون منهنجي آڱرين سان، اهڙيءَ طرح ويڙهجي ونديون هيون، جيئن تنهنجي چوٽين جا وار. اسان پنهنجا مٿا ائين ملائيندا هئاسون، جڻ پاڻ کي، پاڻ کان بچائڻ چاهيندا هجون.

ڇا تون اهي پل ياد ڪري رهي آهين؟ جڏهن مان توکان موڪلائڻ آيو هوس ۽ تو مون کي سيني سان لائي مون کان وداعي چمي ورتي هئي، جنهن مان مون کي خبر پئي ته جڏهن ٻن پيار ڪندڙن جا چپ پاڻ ۾ ملندا آهن، ته اهڙا وڏا اسرار ظاهر ٿيندا آهن، جن کي زبان نه ڄاڻندي آهي. اها چمي جيڪا ٺڙي آهه جو اثر هئي ۽ اها آهه، ان روح سان مشابهت رکي پئي، جنهن کي الله تعاليٰ مٽيءَ جي بوتي ۾ ڦوڪيو هو ۽ ان مٽيءَ مان انسان ٺهجي ويو! اها ٿي آهه اسان جي نفس جي عظمت جو اعلان ڪندي، اسان کي روحن جي دنيا ۾ وٺي وئي، جتان هوءَ تيسين واپس نه ورندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي باهه انهن چپن کي سکائي ٺوٺ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي تهنجي چميءَ جي ڪري پريل ۽ گلابي رهندا هئا.

تون ڪٿي آهين؟ او منهنجي مني! ڇا تون ستن سمنڊن جي پرڀان، منهنجا سڏ ۽ پوڪارون سُڻي رهي آهين. منهنجي ذلت ۽ بيچارگي کي ڏسيءَ پئي. منهنجي صبر ۽ تحمل جو اندازو لڳائي رهي آهين؟ ڇا فضا ۾ اهي روح ناهن، جيڪي هڪ ڏک درد کان ٿڪندڙ جان کي پاڻ سان وٺي وڃن؟ ڇا روحن جي وچ ۾ اهي لڪل رشتا ناهن، جيڪي مرڻ واري عاشق جي شڪايت سندس محبوب تائين پهچائي سگهن؟

تون ڪٿي آهين؟ منهنجي زندگي! ظلمت مون کي پنهنجي هنج ۾ جڪي وٺي آهي ۽ مون تي مايوسيءَ جو غلبو ٿي ويو آهي! فضا ۾ مرڪون وکير ته مون ۾ چرپر پيدا ٿئي! ايٿر ۾ ساهه وٺهه ته مان وري زنده ٿي پوان!

تون ڪٿي آهين؟ منهنجي محبوبا! تون ڪٿي آهين؟ اهه، محبت ڪيتري نه عزت لائق آهي ۽ مان ڪيترو نه خود غرض آهيان!

SHER ALI CHANDIO CHANDIA GOTH QASIMABAD SINDH


Scanned with CamScanner

حرام کي خيرات ڏيڻ جائز ئي ناهي.“

”اي منهنجا رب! مون کي ماءُ تنهنجي حڪم سان پيدا ڪيو ۽ هاڻي مان تنهنجي وجود جي ڪري زنده آهيان. پوءِ ماڻهو مون کي ماني ڇو نه ٿا ڏين. جڏهن ته مان ڪانئن تنهنجي نانءِ تو گهران.“

ڏکويل نوجوان جو منهن ڦري ويو ۽ اکيون اُلن جيان ٻرڻ لڳس. هو اٿيو ۽ وڻ مان هڪ سڪل ٽاري ڀڳي ۽ پوءِ هن شهر ڏانهن اشارو ڪندي وڏي واڪ چيو:

”مون پنهنجي پگهر جي بدلي زندگيءَ جي طلب ڪئي. پر اها نه ملي. هاڻي مان اها پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان حاصل ڪندس! مون محبت جي نانءِ ماني گهري، پر انسانن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. هاڻي مان ظلم ۽ سرڪشيءَ جي نالي ماني ٿي نه پر ڪانئن گهڻو ڪجهه کسيندس. ۽ هو ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا.“

هڪ زمانو گذري ويو. نوجوان سردارن خاطر ڪيترائي ڪنڌ ڪپيندو رهيو. ۽ پنهنجي لالچ جون ماڙيون اڏيندو رهيو ۽ لڳاتار روحن جا هيڪل ڊاهيندو رهيو، ايتري تائين جو هن وقت اڻ ڳڻت دولت ۽ دٻدٻو وڏي ويو. ملڪ جا ڌاڙيل هن کي چاهڻ لڳا ۽ حڪومتي ڪارندا هن جي نالي کان وڻءُ وجڻ لڳا. آخرڪار بادشاهه ڪيس ان شهر لاءِ پنهنجو نائب مقرر ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي پروسي لائق ماڻهن ۾ شامل ڪري ڪيس وڏي عهدي تي پهچائي ڇڏيو.

ان طرح انسان پنهنجي ڪنجوسيءَ ڪري، مسڪين کي بدمعاش ۽ پنهنجي پٿر دل هٺ ڪري امن پسند ماڻهوءَ کي قاتل بڻائي ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جل پريون

ايرنڊي جزيري جي چوڌاري پکڙيل سمنڊ جي اونهاين ۾، جتي بيشمار موتي آهن، اتي هڪ نوجوان جو مڙهه پيو هو. پرسان سهڻي وارن واريون جل پريون، موتين تي ويهي پنهنجي حسين اکين سان مڙهه ڏي نهاري رهيون هيون ۽ سُريلي آواز ۾ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

سندن گفتگو سمنڊ ٻڌي، لهرون انهن کي ڪنارن تائين گهلي ويون ۽ اتان هوا جا لطيف جهونڪا مون تائين پهچائي ويا.

هڪڙيءَ چيو ٿي، ”هي ماڻهو ڪالهه ان مهل پاڻيءَ ۾ ڪريو هو، جڏهن سمنڊ موج ۾ هو.“

ٻيءَ چيو، ”سمنڊ ته مستيءَ ۾ نه هو! ها، انسان - جو پنهنجي ليکي پاڻ کي ديوتائن جو تت سمجهندو آهي - هڪ خوفناڪ جنگ ۾ وڪوڙيل آهي. جنهن ۾ اڄ تائين، ايترو قتل و غارت متو آهي، جو پاڻيءَ جو رنگ ئي ڳاڙهو ٿي ويو آهي.“

ٽينءَ چيو، ”جنگ ڇنگ جي ته مون کي پروڙ ڪانهي، اها ڪهڙي بلا آهي. ها! ايترو سو ڄاڻان ٿي ته انسان سڪيءَ تي قبضو حاصل ڪرڻ کان پوءِ حرص جي سمنڊ تي به حڪومت ڄمائي، نت نوان اوزار ٺاهي ۽ انهن سان سمنڊ جي ٻوڏن کي جهليو. جڏهن ان جي خبر 'بنتونِ' پاڻيءَ جي ديوتا کي پئي ته هو ان هٽ ڇراند تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاڍو ڪاوڙيو. نيٺ انسان لاءِ سواءِ قربانيءَ جي ڪابه واٽ نه بچي، جنهن تان لنگهي هو اسان جي بادشاهه کي راضي ڪري سگهي. هو بي جان جسم، جن کي ڪالهه اسان پاڻيءَ ۾ ڪِرندي ڏٺو هو، بنتونِ اعظم جي حضور ۾ آخري قرباني هئي."

چوٿينءَ چيو، "بنتونِ ڪيڏو نه ماناڻتو ۽ پٽردل آهي، جيڪڏهن مان جَل راڻي هجان ها ته ڪڏهن به خوني آمادگين مان راضي نه ٿيان ها. اڇو! ته هن نوجوان جي ميت کي ڏسون. ممڪن آهي ته بني نوع انسان جي باري ۾ ڪا ڳالهه ڄاڻي وٺون."

جل پريون نوجوان جي لاش جي اوڏو آيون، ۽ هن جا کيسا ڦولهڻ لڳيون. دل جي ويجهو کيسي ۾ هڪ خط ڏسڻ ۾ آيو. هڪڙي وڏي اهو خط ڪڍي ورتو ۽ پڙهڻ لڳي:

"منهنجا حبيب! اڌ رات وهامي چڪي آهي، ۽ مان جاڳي رهي آهيان. ان ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾، جيڪڏهن ڪوئي تسلي ڏيڻ وارو آهي ته منهنجا لڙڪ. يا اها اميد ته تون جنگ جي چنگل مان نڪري، زنده سلامت مون وٽ ايندين. مان هاڻي سوچڻ ويچارڻ جي لائق ناهيان، جيڪڏهن ڪجهه سوچيندي به آهيان ته توهان جا اهي لفظ، جيڪي توهان هلندي مهل مون کي چيا هئا. 'هر انسان وٽ لڙڪن جي امانت هوندي آهي، جيڪا هڪ نه هڪ ڏينهن موٽائڻي پوندي آهي."

پيارا سمجهه ته مان اڄي نٿو سگهان. توکي ڇا لکان؟ پنهنجي دل کي ٿي ڇو نه ڪاغذ تي ڪڍي رکان.

دل، جنهن کي بدبختي عذابن ۾ مبتلا ڪندي آهي ۽ ڏک کي لذت ۽ غم کي خوشي بنائڻ واري محبت، تسڪين عطا ڪندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن محبت اسان جي دلين کي ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏيو هو ته اسان کي اميد هئي ته اسان جا جسم اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ملي جلي ويندا ته انهن ٻنهي ۾ هڪ ئي روح گردش ڪندو.

اوچتو جنگ توکي سڏيو ۽ تون فرض ۽ وطنيت جي جذبن سان ڀرجي ان جي پويان لڳي پئين. هي ڪهڙو فرض آهي، جيڪو ٻن محبت ڪندڙ دلين کي جدا ڪري ڇڏي. عورتن کي بيواهه ۽ ٻارڙن کي يتيم ٺاهي ڇڏي؟

هيءَ ڪهڙي وطنيت آهي، جيڪا خسيس خسيس ڳالهين ڪري شهرن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي لاءِ جنگ ڇيڙي ڇڏي؟

هي ڪهڙو اهم فرض آهي، جيڪو غريب ڳوٺائن لاءِ اڻ ٽر آهي، پر طاقتور ۽ خانداني شريف زادا ان جي بنهه پرواهه ئي نه ٿا ڪن؟

جيڪڏهن فرض قومن جي سلامتيءَ کي تباهه ۽ وطنيت، انساني جياپي جي سڪون کي تباهه ڪري ته اهڙي فرض ۽ اهڙي وطنيت کي پري کان سلام! نه نه. منهنجا حبيب! تون منهنجي ڳالهين جي پرواهه نه ڪر ۽ وطن لاءِ وڌيڪ بهادريءَ ۽ جان نثاريءَ جو ثبوت ڏي. ان ڇوڪريءَ جي ڳالهين تي ڪن نه ڌي، جنهن کي محبت اندو ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي اکين تي، جدائيءَ پردو وجهي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن محبت توکي زنده سلامت مون وٽ نه پهچايو ته ايندڙ زندگيءَ ۾، مون کي توسان ضرور ملائيندي."

جل پرين، اهو خط نوجوان جي کيسي ۾ ان طرح ئي رکي ڇڏيو ۽ ڏکوئيندڙ ماٺ ميٽ ۾ واپس وريون. ٿورو پرڀرو وڃي، انهن مان هڪڙيءَ چيو، "انسان جي دل ته 'بنتونِ' جي دل کان به وڌيڪ سخت آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رات

اي عاشقن، شاعرن ۽ ڳائڻن جي رات!

اي پاڇن، روحن ۽ خيالن جي رات!

اي عشق، جواني ۽ يادن جي رات!

اي پوياڙيءَ جي جهڙ ۽ صبح جي وچ ۾ بيٺل ديو[illegible] جو لباس پهري، ڪمربند ۾ رعب ۽ جلال جي تلوار لڙڪائي، متي تي چنڊ جو چٽ رکي، هزارين اکين سان زندگيءَ جي اونهائين کي ڏسي رهيو آهي ۽ هزارين ڪنن سان موت ۽ نيستيءَ جون آهون ٻڌي رهيو آهي.

تون اها ظلمت آهين، جيڪا اسان کي، آسماني نور جو مشاهدو ڪرائيندي آهين ۽ ڏينهن ۽ نور جيڪو اسان کي ڌرتيءَ جي انڌيرن ۾ وڪوڙي ويندو آهي.

تون اها اميد آهين، جيڪا لڳاتار طاقت جي حضور ۾ اسان جي اکين جي ديد کي کولي ڇڏيندي آهي ۽ ڏينهن، اهو فريب، جيڪو اسان کي انڌن جيان هن مادي دنيا ۾ ڇڏي ڏيندو آهي!

تون اها خاموشي آهين، جيڪا پنهنجي سڪوت سان، پاڪ فضا ۾ اڏامندڙ روحن جا راز اسان لاءِ پڌرا ڪري ٿي ۽ ڏينهن اهو هنگامو، جيڪو مقصد ۽ غرض منديءَ جي ٽڏن ۾ پيل انسانن کي هرڪائيندو آهي. تون اهو انصاف پسند آهين، جيڪو ننڊ جي ٻانهن

SHER ALI CHANDIO CHANDIA GOTH QASIMABAD SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هينيان، ڪمزورن جي تمنائن کي طاقتورن جي خواهشن سان ملائيندي آهي.

تون اهي مهربان آهين، جيڪا پنهنجي لکل اگرين سان قسمت جي مارين جون اکيون بند ڪندي آهين ۽ سندن دلين کي هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچائيندي آهين، جنهن جون بيرحميون هن دنيا جي بيرحمين کان ڪافي گهٽ آهن!

تنهنجي آسماني لباس جي تهن ۾ عاشق پنهنجي محبت جا دم پکيڙيندا آهن. ماڪ سان ڀڪيل تنهنجي قدمن تي، وڇوڙي جا ماريل پنهنجا لڙڪ لاڙيندا آهن ۽ تنهنجي واديءَ جي سڳنڌ سان واسيل ترين تي، مسافر پنهنجي شوق ۽ آرزوئن جي شوڪارن جو سرمايو رکندا آهن. ان ڪري تون عاشقن جي دوست، اڪيلائي پسندن جي ساٿياڻي ۽ پرديسين جي رفيق آهين.

تنهنجي ڇانءَ ۾ شاعرن جا جذبا ريڙهيون پائيندا آهن. تنهنجي ٻانهن تي پيغمبرن جون دليون سجاڳ ٿينديون آهن ۽ تنهنجي ڇڳن ۾ مفڪرن جون تخليقي قوتون ڪنبي ونديون آهن. ان ڪري تون شاعرن جي استاد، پيغمبرن جو الهام ۽ غور و فڪر ڪندڙن جي رهنما آهين.

جڏهن منهنجي طبيعت انسانن کان پرجي وئي ۽ منهنجون اکيون ڏينهن جي چهري کي ڏسندي ڏسندي ٿڪجي پيون، ته مان پري ٻنين ۾ هليو ويس، جتي گذريل زماني جا پاڇا نوان آرامي آهن. اتي مان هڪ ڪاري، سخت پر ڏکندڙ وجود جي آڏو اچي بيٺس، جيڪو هلڪن قدمن سان ميدانن ۽ وادين کي عبور ڪري رهيو هو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ظلمت جي اکين ۾ اکيون وجهي ۽ اڻ لکي ٻانهن جي آواز تي ڪن ڌري، ان کي چتائي ڏسڻ لڳس. ماڻ جي لباس جو ڇهاءُ مون کي محسوس ٿي رهيو هو ۽ مون پاڻ کي ظلمت جي ٻپ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

اتي اي رات! مون توکي ڏٺو. هڪ بيچارينڌڙ پر حسين پريءَ جي روپ ۾. جيڪا ڪڪرن جو نقاب پائي ۽ ڏنڌ جي پٽي ٻڌي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ بيهي سڄ سان کلي رهي هجي، ۽ ڏينهن سان چرچا ڪري رهي هجي. ٻئي جي آڏو اکين ۾ رات گهارڻ وارن غلامن جي عيب جوئي ڪري رهيو هو. جيڪو ريشم جي نرم ۽ گداز بسترن تي سمهڻ وارن بادشاهن کي پريشان ڪري رهيا هئا. رهزنن جي چهرن تي جوهر پائي ڏسي رهيو هو ۽ ٻارن جي جهولن وٽ بيهي، انهن جي نظرداري ڪري رهيو هو. ڪميڻن جي کلڻ تي روئي رهيو هو ۽ عاشقن جي روئڻ تي کلي رهيو هو. پر عظيم دلين کي پنهنجي هٿن سان ڪٽي رهيو هو ۽ حقير روحن کي پنهنجي قدمن سان لتاڙي رهيو هو.

اتي اي رات! مون توکي ۽ تو مون کي ڏٺو. تون پنهنجي عظمت ۽ جلال جي ڪري، مون لاءِ والد جو درجو پٽي رکين ۽ مان پنهنجي اميدن ۽ گهرجن جي ڪري، تنهنجي لاءِ پٽ واري حيثيت پيو رکان. نيٺ اسان جي وچان مشڪلاتن جا پردا ڪنيا ويا ۽ اسان جي چهرن تي پيل قياس ۽ گمان جو پردو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. تنهن ڪري تو مون تي پنهنجا اسرار ۽ مقصد کولي ڇڏيا ۽ مون تنهنجي آڏو پنهنجون خواهشون ۽ آرزو رکي ڇڏيا، ان حد تائين ته تنهنجو خوف نغمن ۾ تبديل ٿي ويو. جيڪو گلن جي سرٻاٽن کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيڪ منو هو ۽ منهنجي دهشت انهن ۾ تبديل ٿي وئي، جيڪي پکين جي اطمينان ۽ سڪون کان وڌيڪ خوشگوار آهي. تو مون کي ڪٽي پنهنجي ڪلهن تي ويهاريو ۽ منهنجي ڪنن کي ٻڌڻ، اکين کي ڏسڻ ۽ چپن کي ڳالهائڻ سيکاريو. تو مون کي انهن شين سان محبت ڪرڻ سيکاري، جن سان دنيا محبت نٿي ڪري ۽ انهن شين سان نفرت ڪرڻ سيکاري، جن سان دنيا نفرت نٿي ڪري. پوءِ تو منهنجي فڪرن کي پنهنجي آڱرين سان ڇهيو ۽ منهنجا فڪر هڪ سريلي نهر جيان وهي هليا، جيڪا ڳالهه کي لوڙهي ويندي آهي. ان کان پوءِ تو منهنجي روح کي پنهنجي چپن سان چميو ۽ منهنجو روح هڪ شعلي جيان ڀڙڪي پيو، جيڪو سرد ۽ بيجان مجسمن کي خاڪ جو ڍير ڪري ڇڏيندو آهي.

اي رات! مان توسان گڏ رهيس، ان حد تائين جو توسان مشابهه ٿي ويس. توسان هري مري ويس، ان حد تائين جو منهنجون خواهشون، تنهنجي خواهشن سان ملي جلي ويون. مون توسان محبت ڪئي، ايتري شديد محبت ڪيم جو منهنجو وجود تنهنجي وجود جي هڪ ننڍڙي تصوير بڻجي ويو. تنهن ڪري منهنجي اونداهي روح ۾ چمڪندڙ ستارا آهن، جن کي شوق جو جذبو رات جو وکيريندو آهي ۽ وسوسا صبح جو ويڙهي وٺندا آهن. منهنجي قلب ۾ هڪ چنڊ آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڪرن مان رنگين فضا ۾ ايرندو آهي ۽ ڪڏهن پاڇولن سان ڀريل خلا ۾. منهنجي سجاڳ روح ۾ هڪ خاموشي آهي، جيڪا پنهنجي اثرن سان عاشقن جا راز کوليندي آهي ۽ جنهن جون خلائون رات جي زنده عابدن جي دعائن کي ورجائينديون آهن ۽ منهنجي مٿي جي چوڌرد، هڪ طلسمي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غلاف تاثيل آهي، جنهن کي مرڻ وارن جي خرخراهٽ تکرا تکرا ڪندي آهي ۽ شاعرن جا گيت سرجندا آهن.

اي رات! مان توسان مشابهه آهيان، ڇا ماڻهو منهنجي ان مشابهت کي قابل فخر سمجهندا. جڏهن تہ هو تنهن سان مشابهت رکندڙ کي خوشين جو خزانو سمجهندا آهن.

مان توسان مشابهه آهيان ۽ اسان ٻئي ان گناهہ جي سلسلي ۾ گڏ آهيون، جيڪو اسان کان سرزد نہ ٿيو آهي.

مان توسان مشابهه آهيان، پنهنجي فطرت، پنهنجي اخلاق، پنهنجي اميدن، پنهنجي تمنائن جي لحاظ سان.

مان توسان مشابهه آهيان، جيتوڻيڪ پوپاڙيءَ پنهنجي سونهري ڪڪرن جو تاج منهنجي مٿي تي رکيو ناهي.

مان توسان مشابهه آهيان، جيتوڻيڪ صبح پنهنجي گلابي ڪرڻن سان منهنجي دانون کي سنواريو ئي ناهي.

مان توسان مشابهه آهيان، جيتوڻيڪ جرڪندڙ پٽي منهنجي چيلهہ سان ٻڌل ناهي.

مان خاموش ۽ بي چين رات آهيان، جنهن جا وار ڪليل آهن ۽ لباس هڪ ڪرو. منهنجي اونداهيءَ جي ڪائي ابتدا ناهي ۽ نہ ئي منهنجي اونهائين جي ڪا انتها.

جڏهن بہ روح پنهنجي خوشين جي روشنيءَ ۾ خوبصورت انداز ۾ بيٺا هوندا آهن، تہ منهنجو روح پنهنجي ڏکن جي اونده سان گڏ عظمت ۽ بزرگيءَ جي اوچائين ڏانهن اڏامندو آهي.

اي رات! مان توسان مشابهه آهيان ۽ جيسين موت مون کي، پنهنجي هنج ۾ آرامي نہ ڪري تيسين منهنجو صبح نہ ٿيندو.


Scanned with CamScanner

# محبوب جي موت

رات ٽيڻ کان پهرين دشمن جا سپاهي شڪست کائي وٺي ڀڳا، ان حالت ۾ جو سندن پٺين تي تلوارن ۽ نيزن جا، چاٽيءَ جيان زخم هئا ۽ فاتحن جو لشڪ فخر ۽ خوشيءَ جا جهنڊا جهولائيندو ۽ گهوڙن جي سنبن جي آوازن تي، جيڪي واديءَ جي پٿرين تي متڙڪن جيان ٿي لڳا، فتح ۽ ڪامرانيءَ جا راڳ آلاپيندو واپس ٿيو.

جڏهن اهو لشڪر هڪ پهاڙيءَ تي پهتو ته چنڊ پهاڙ پويان ابري چڪو هو. ان جي لطيف روشنيءَ ۾ اهي اوچيون ٽڪريون اٿين لڳي رهيون هيون جڻ قوم جي ماڻهن سان گڏ غرور مان ڳاٽ اوچا ڪيو بيٺيون آهن، ۽ واديءَ ۾ صنوبرن جو جيڪو جهڳٽو هو، اهو ائين ٿي ڏٺو، جڻ گذريل نسلن لبنان جي سيني تي، هڪ اڻ مِٽ داغ ڇڏيو هجي. لشڪر وڃي رهيو هو، چنڊ جا ڪرڻا سپاهين جي هٿيارن کي چمڪائي رهيا هئا، ۽ پري وارا غار سندن فتح جا گيت ڳائي رهيا هئا. ايسين جو هو ان پهاڙيءَ جي آخري چوٽيءَ تي پهتا ته هيناهين پهاڙيءَ تي بيٺل هڪ گهوڙي جي هٽڪار، جيڪا پهاڙين کي چيريندي محسوس پئي ٿي، ڪين بيهاري ڇڏيو. سپاهي اصل واقعي جي خبر وٺڻ لاءِ، جڏهن ان جي ويجهو پهتا ته رت ۾ ٻڏل هڪ لاش ڏٺائون. اهو ڏسي لشڪر جي سرواڻ رڙ ڪئي، "ان سپاهيءَ جي تلوار مون کي ڏيکاريو، ته مان سڃاڻان."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه سوار گهوڙن تان لٿا ۽ لاش کي چئني پاسي کان وکوڙي، هن کي جاچڻ لڳا. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ سپاهي، سرواڻ ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ ڪرخت آواز ۾ چوڻ لڳو!

”هن جون ٻي ست آڱريون تلوار جي هٿئي ۾ ايتريون ڦهيل آهن، جو انهن مان تلوار ڇڏائڻ مشڪل آهي!“

ٻئي چيو، ”تلوار جڻ رت جي مياڻ ۾ آهي. ان جو فولاد ٻه نٿو ڏسجي.“

ٽئين چيو، ”رت هن جي هٿ ۽ تلوار جي مُٺئي تي ڄمي ويو آهي ۽ هن جي مٺ تلوار جي تار سان ان طرح چهٽيل آهي، ڄڻ اهي ٻئي هڪ آهن.“

سرواڻ گهوڙي تان لهي، مقتول جي ويجهو ويو ۽ چيائين، ”هن جو مٿو ٿورو مٿي ڪريو، جيئن چنڊ جي روشنيءَ ۾ هن جو چهرو ڏسڻ ۾ اچي.“

سرواڻ جي حڪم جي تعميل جلد ئي ڪئي وئي. مقتول جو چهرو، جنهن مان همت، جوانمردي ۽ تحمل جا آثار ظاهر هئا. موت جي نقاب مان جهلڪي رهيا هئا. هڪ قومي شهسوار جو چهرو، جيڪو زبان، بي زبانيءَ سان، مردانگيءَ جي وفد جو داستان ٻڌائي رهيو هو. ڏکويل ۽ خوش تر چهرو. اهو چهرو، جنهن دشمن جو مقابلو ڪُيي ۽ موت جو مقابلو مرڪندي ڪيو هجي. هڪ لبناني سورمي ـجو چهرو، جيڪو ان ڏينهن جنگ ۾ شامل ٿيو ۽ پنهنجي اکين سان فتح جا آثار ڏٺائين، پر پنهنجي ساٿين سان گڏجي فتح جا گيت ڳائڻ لاءِ زنده رهي نه سگهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن سندس چهري تان رومال پري ڪيو ويو ۽ جنگ جي ميدان جي ڌوڙ، هن جي چهري تان صاف ڪئي وئي تہ سرواڻ تي هيبت طاري ٿي وئي ۽ هن دردناڪ آواز ۾ رڙ ڪري چيو: "اوهہ! هي تہ ابن الصبعي آهي!" سپاهي بہ شوڪارا ڀريا ۽ اهو نالو دهرايو ۽ ماٺ ڇانئجي وئي. ڄڻ تہ فتح ۽ ڪامرانيءَ سان ڀريل دلين جو نشو ٽُٽي پيو. اها ڳالهہ هو ڄاڻي چڪا آهن، تہ ان نوجوان جي موت ڪري جيڪو کين نقصان پهتو آهي، اهو فتح جي شان ۽ ڪاميابيءَ جي عزت کان وڌيڪ اهم آهي. انهيءَ ڏک سندن زبانون بند ڪري ڇڏيون ۽ هو مقتل جي چوڌير سنگ مرمر جي بتن جيان خاموش بيٺا هئا.

بهادرن ۽ سورهين جي دلين تي موت جو اهڙو اثر ٿيندو آهي، ان ڪري جو روڄ ۽ راڙو عورتن جي عادت آهي ۽ واويلا ٻارن جو ڪم. تلوار وارن ۽ جنگي جوڌن کي تہ ان خاموشيءَ کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ جڙي ئي نہ ٿي. جيڪو وقار ۽ هشمت سان ٽمٽار هجي، اها خاموشي، جيڪا باهمت دلين کي ان طرح ٻڪبي آهي، جيئن عقاب جو چنبو پنهنجي شڪار جي ڳچي ۾. اها ماٺ جا لڙڪن ۽ دانهن کان مٿاهين هوندي آهي، ان طرح مصيبت جو ڏڀ ۽ بي رحمي وڌندي ويندي آهي. اهو آرام جيڪو ڪنهن بزرگ جو روح پهاڙ جي چوٽيءَ کان سمنڊ جي اونهائين ۾ ڏڪيندو آهي. اها خاموشي جيڪا طوفان جي اچڻ جي اعلان ڪندي آهي ۽ طوفان جي نہ اچڻ ڪري، پاڻ ان جو عمل طوفان کان وڌيڪ شديد ٿي ويندو آهي.

اهو ڏسڻ لاءِ تہ موت پنهنجو هٿ ڪٿي رکيو آهي. نوجوان مقتول جا ڪپڙا لاٿا ويا. هن جي سيني تي ڀالن جا زخم اڻين تي لڳا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڻ ماٺ مڙهيل وات هئا. جيڪي ان رات جي سناٽي ۾ مردانگي همت جا داستان ٻڌائي رهيا هئا.

سرواڻ اڳتي اڌو ۽ حيرت مان لاش تي نِوڙيو. سندس نظر هڪڙي زريدار رومال تي پئي؛ جيڪو نوجوان جيءَ ٻانهن ۾ ٻڌل هو. سيني کان نظر چورائي هن ان رومال کي غور سان ڏٺو ۽ ان هٿ کي سڃاڻي ويو، جنهن هن تي ڀرت ڀريو هو. انهن آڱرين کي سڃاتائين، جن انهن تي زري مڙهي هئي.

سرواڻ اهو رومال پنهنجي پوشاڪ ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجو چهرو ڏڪندڙ ڪنبدڙ هٿن سان ڍڪي ٻه چار وکون پوئتي پرڪي ويو.

اهي هٿ، جيڪي پنهنجي عزم ۽ طاقت جي ڪري دشمن جي بدن کان سندن سِر جدا ڪندا هئا. هاڻي ڪمزور ٿي چڪا هئا. ان تي غشي طاري هئي ۽ هو ڳوڙها اگهڻ لڳو. ان ڪري جو هن رومال کي ڇهيو هو، جيڪو هڪ محبوبہ جي آڱرين؛ نوجوان جي ٻانهن ۾ ٻڌو هو. ان نوجوان جي ٻانهن تي، جيڪو پنهنجي بهادريءَ جي ڪري مجبور ٿي؛ جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو ۽ مارجي ويو. هاڻي هو پنهنجي ساٿين جي هٿن تي پنهنجي محبوبہ ڏانهن ويندو.

سرواڻ جا تصور؛ موت جي ظلمن ۽ محبت جي اسرارن جي وچ ۾ ڦري رهيا هئا. لاش جي چوڌرد بيٺل سپاهين مان هڪڙي چيو، ”اچو! تہ هن شاهہ بلوط جي هيٺان هن جي قبر کوٽيون. هن جون پاڙون هِن جو رت پي ان جون ٽاريون هِن جي جسم مان ڪاڏو حاصل ڪري طاقتور ۽ لافاني ٿي ويندیون ۽ هي وڻ؛ هتي بهارن لاءِ، نوجوان جي بهادري ۽ شجاعت جو جاڳندڙ تصويري ڪتاب بڻجي پوندو!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي چيو، ”اسان کي ڪيس صنوبرن جي جهڳٽي ۾ وجي دفن ڪرڻ گهرجي، جيئن هن جون هڏيون پيدائش جي انتها تائين صليب جي ڇانوري ۾ محفوظ رهن!“

ٽئين چيو، ”اسان کي ڪيس اتي دفن ڪرڻ گهرجي، جتي زمين هن جي رت سان ڳاڙهي ٿي هجي. هن جي تلوار هن جي ساڄي پاسي رکي وڃي ۽ نيزو هن جي پير ۾ کوڙيو وڃي. گهوڙي کي هن جي قبر تي ذبح ڪيو وڃي ۽ هن جي هٿيارن جي هيڪلائيءَ ۾ ان جي ڏک ڏور ڪرڻ جي لاءِ ڇڏي ڏيڻ گهرجي.“

چوٿين مخالفت ڪئي، ”نه نه! دشمن جي رت ۾ رنگيل تلوار کي نه پوريو. دليريءَ سان موت جو مقابلو ڪندڙ گهوڙي کي ذبح نه ڪريو، ۽ هن جي هٿيارن کي ڏکين لنگهن واريءَ جاءِ تي نه ڇڏيو، جيڪي وڙهڻ وارن هٿن ۽ پختين ٻانهن ۾ رهڻ جا عادي آهن. اڃان به انهن سيني شين کي سندس مائٽن وٽ ڪٽي هلو، جو اهي ئي هن جو بهترين تحفو آهن.“

پنجين چيو، ”اچو ته اسين هن جي چوڌير ٻيهي عيسوي نماز ادا ڪريون، جيئن خدا سندس مغفرت فرمائي ۽ اسان جي فتح کي برڪت ڏئي.“

ڇهين پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو، ”نيزن ۽ ڀالن جو تابوت ٺاهي، کيس پنهنجي ڪلهن تي کڻجي ۽ فتح ۽ ڪامرانيءَ جا گيت ڳائيندي واديءَ جو چڪر هڻڻ گهرجي، جيئن دشمن جي لاشن کي ڏسي ۽ هن جا چڪيل چاڪ مرڪن، ان کان اڳ جو قبر جي مٽي هن کي گونگو ڪري ڇڏي!“


Scanned with CamScanner

ستيہ چيو، ”اچو! تہ هن کي سندس گهوڙي تي سوار ڪريون ۽ مقتولن جي سرن سهاري ڪيس ويهاريون، هن جو نيزو هن جي ڳچيءَ ۾ لڙڪايون ۽ ڪامياب سپاهيءَ جيان، ڪيس شهر ڪٺي هلون، ان ڪري جو هن، ان ويل تائين پنهنجي جان موت جي حوالي نہ ڪئي، جيسين هن جي پٺيءَ تي دشمن جي روحن جو ڳورو وزن نہ سٽيو ويو.“

ائين هڪ نئين تجويز پيش ڪئي، ”اچو! تہ ڪيس هن پهاڙ جي تري جي سپرد ڪريون، جتي غارن جو پڙاڏو هن لاءِ روشنائي ثابت ٿيندو ۽ ڦوهارن جو ترنم هن جو دوست ۽ ڏک ڏور ڪندڙ ٿئي ۽ هن جون هڏيون هن جهنگل ۾ راحت محسوس ڪنديون. جتي رات جا قدم هوريان ۽ نرم هوندا آهن!“

نائين اها تجويز رد ڪئي، ”نہ! هن کي هتي نہ ڇڏيو! ڇو تہ جهنگل ۾ ڪڪ ڪندڙ وحشت ۽ بي رحم هيڪلائي آهي. پر اچو، تہ ڪيس ڳوٺ جي قبرستان ۾ دفن ڪريون، اتي هن کي ابن ڏاڏن جي روحن جي رفاقت ملندي. رات جي خاموشيءَ ۾ هن سان سرباڻ ڪندا ۽ ڪيس پنهنجي جهدن ۽ عظمتن جا قصا ٻڌائيندا!“

سردار اڳتي وڌيو ۽ هنن جي وچ ۾ بيهي هٿ جي اشاري سان هنن کي ماٺ ڪرايائين، ”هن کي جنگين جي يادن سان پريشان نہ ڪريو ۽ هن جي روح جي ڪنن ۾، جيڪو هن وقت اسان جي مٿان اڏامي رهيو آهي، ان کي تلوارن ۽ نيزن جون ڳالهيون نہ پهچايو! پر اچو! اطمينان ۽ خاموشيءَ سان، اسان ڪيس سندس وطن پهچايون. ڇو تہ ان بستيءَ ۾ هڪ هستي هن جي انتظار ۾ جاڳي رهي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نوجوان حسينا جي هستي، جيڪا نيزن جي هجوم ۾، هن جي موٽڻ جو انتظار ڪري رهي آهي. اسان کي گهرجي ته ڪيس هن وٽ پهچايون، جيئن هن جي چهري تي نظر وجهڻ ۽ هن جي چهري کي چمڻ کان رهجي نه وڃي."

ڳوڙهن هاڻين نظرن ۽ جهڪيل ڪنڌن وارن سپاهين هن جو لاش ڪلهن تي کنيو ۽ ڏکويل سکون سان روانا ٿيا. پويان پويان ڏکويل گهوڙو هو، جيڪو پنهنجون نظرون گهليندو ۽ هر هر هڻڪندو هلندو ٿي آيو. غار هن جي آوازن جو جواب ان طرح ڏئي رهيا هئا، ڄڻ دل اٿن، جيڪا حيوان سان اذيت ۽ مايوسيءَ جي شدت جو احساس ڪندي آهي.

ان واديءَ ۾ جتي چنڊ جا ڪِرڻا نرم قدم رکندا آهن. فتح جو جلوس، موت جي جلوس جي پويان پويان هلي رهيو هو. هن جي آڏو محبت جو پاڇولو، پنهنجي هارايل ٻانهن کي گهليندو هلي رهيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# روحن جا سرباٽ

اٽ منهنجي محبوبہ! منهنجو روح، خوفناڪ سمنڊ جي پرينءَ
پر ڪان ٻوڪي سڏي رهيو آهي. منهنجو نفس مضبوط ۽ غضبناڪ
لهرن تي پنهنجون ٻانهون توڙانهن ڊگهيري رهيو آهي.

اٽ! جو چرپر، سڪون جي هنج هلي وئي آهي. خاموشيءَ
گهوڙن جي ٽاپ ۽ راهہ ويندڙن جي قدمن جي آواز کي ختم ڪري
ڇڏيو آهي، ۽ ننڊ انسان جي روح سان ٻڪجي وئي آهي.

فقط مان اڪيلو جاڳي رهيو آهيان. ننڊ مون کي جيترو غرق
ڪندي آهي، ان قدر مون کي شوق اياريندو آهي ۽ وسوسا مون کي
توڪان پري ڪندا آهن، پر محبت ويجهو ڪندي آهي.

منهنجي محبوبہ! ڀُل ۽ فراموشيءَ جي ڀاڇن جي ڊپ ڪان،
جيڪي سَوَڙِ جي تهن ۾ لڪل هيون، مان پنهنجي هنڌ مان ٽپ ڏئي
اٿيو آهيان، ۽ ڪتاب اڇلائي ڇڏيم، ان ڪري جو منهنجي آهہ و
زاريءَ، ان جا جملا ڊاهي ڇڏيا هئا، ۽ اهو منهنجي آڏو بنهہ خالي
سفيد ڪتاب رهجي ويو هو.

اٽ منهنجي محبوبہ! اٽ ۽ مون کي ٻڌ!!

”مان هتي آهيان، منهنجا حبيب! مون ست سمنڊن جي پريان
تنهنجو آواز ٻڌو ۽ تنهنجي ٻانهن جو ڇهاءُ محسوس ڪيو، تہ منهنجو
روح ڇرڪي اٿيو ۽ پنهنجي اڪيلائيءَ مان نڪري، سرسبز گاهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي تخت تي اڇي ويو. منهنجا پيرِ ۽ لباس جي دانون ماڪ ۾ پسي
ويا. ڏس تہ مان هن بادام جي ٻور سان جهنجهيل وڻ جي هيٺان ويٺي
تهنجي روح جي پڪار ٻڌي رهي آهيان، منهنجا پيارا!"

"ڳالهاءِ! منهنجي محبوبا! ۽ لبنان جي وادين مان ايندڙ هوا سان
گڏ پنهنجي ساهن کي مون ڏانهن اچڻ ڏي!! ڳالهاءِ!! مون کان سواءِ
ڪوبہ ٻڌڻ وارو ناهي! ان ڪري جو اوندھ سڄيءَ مخلوق کي
سندن گهرن ڏانهن ڊوڙائي ڇڏيو آهي ۽ ننڊ، شهر واسين کي
مدهوش ڪري ڇڏيو آهي، صرف مان ئي آهيان، جيڪو هتي
دانهون ڪري رهيو آهيان."

"آسمان، چنڊ جي شعائن مان هڪ سنهڙو پردو اُڻي لبنان تي
وجهي ڇڏيو آهي، منهنجا حبيب!"

"آسمان، رات جي اونداهيءَ مان هڪ ڳوڙهي چادر ٺاهي،
جنهن ڪارخاني جي دونهين ۽ موت جي لڙڪن جو استر چاڙهي،
شهر کي ان ۾ لڪائي ڇڏيو اٿس، منهنجي محبوبا!"

"ڳوناٺا بيد ۽ اخروٽ جي وڻن سان ڍڪيل جهوپڙين ۾ ستا پيا
آهن، ۽ سندن روح خوابن جي تماشا گهرن ڏانهن ڊوڙي رهيا آهن،
منهنجا پيارا!"

"مال ۽ دولت، انسان جي چيلهہ ڇپي ڪري وڌي آهي.
حرص ۽ طمع جي اٿانگن رستن جا رڪاب ڍلا ڪري وڌا آهن. ڏک
۽ مصيبتن هن جي پلڪن کي ڳورو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي هو
فرش تي پيو آهي ۽ خوف ۽ نااميديءَ جي ڇانوري ۾ هن کي اذيت
ڏئي رهيا آهن، منهنجي پياري!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”گذريل نسلن جا پاڇا وادين ۾ ڦري رهيا آهن. پيغمبرن ۽ بادشاهن جا روح دڙن مٿان اڏامي رهيا آهن. منهنجو فڪر مون کي تصورات جي ساوڪ ۾ وٺي ويو آهي، ڪلدانين جي عظمت، اشورين جي شوڪت ۽ عربن جي فضيلت جو مشاهدو ڪرائي رهي آهي.“

”چورن جا ڪارا روح گهٽين ۾ رلي رهيا آهن. درين جي وٿين مان خواهشن جي نانگن جا مٿا ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن ۽ سڙڪن جي لاڙن تي موت جي ٽوڪارن سان مليل جليل بيمارين جا جلوس اڏامي رهيا آهن. منهنجي تصور، فراموشيءَ جا پردا ڦاڙي ڇڏيا آهن ۽ ماري ۽ ڦندي جي مڪارين ۽ عاموره جي گناهگارين جو منظر مون کي ڏيکاري رهيا آهن!“

”منهنجا حبيب! ٽاريون لڏي لمي رهيون آهن، انهن واديءَ جي نهر جي ترنم سان دوستي ۽ واعدا ڪيا آهن، ۽ منهنجي ڪن کي سليمان جي آلاپ، دائود جي بربط جو سُر ۽ موصليءَ جي گيتن سان نوازي رهيون آهن!“

”پاڙي جي ٻارن جا روح لرزي رهيا آهن. بک کين بيچين ڪيو ڇڏي. غم ۽ مايوسيءَ جي وچالي تي سنتل مائرن جا ٽڏا ساهه تيزيءَ سان جاري آهن. اپاهجن جون دليون غربت ۽ بدبختيءَ جي خوابن سان ڏکي رهيون آهن. تلخ آهون ۽ اڻ پوريون چيخون ٻڌي رهيو آهيان، جيڪي منهنجي سيني کي آهُن ۽ روح سان وزندار ڪري رهيون آهن.“

”نرگس ۽ سوسن جا گل مهڪي رهيا آهن. ياسمين جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشبوءِ بسانَ جي خوشبوءِ سان ملي، صنوبر جي خوشبوءِ سان ملي رهي آهي، اهي سڀ مليل جُليل خوشبوئون، هوا جي لطيف لهرن سان وڏن ننڍين ٻهاڙن ۽ وکرَ کائيندڙ سڙکن تي ليٽي رهيون آهن، ۽ روح کي محبت سان پُر ڪري رهيون آهن. انهن کي پرواز جو شوق عطا ڪري رهي آهي."

"ڳتيل گهٽين جي بدبوءِ فضا ۾ ڦهليل آهي ۽ بيماريءَ جي جيوڙ سان ملي جُلي، سنهڙن سنهڙن تيرن جيان احساس کي ڪپي رهيون آهن ۽ هوا ۾ زهر گڏي رهيون آهن."

"ڏس! منهنجا حبيب! صبح ٿي ويو آهي!! سجاڳيءَ جون آگريون ننڊ جي ڇپرن ۾ ڦري رهيون آهن. بنفشي شعاع ٻهاڙيءَ جي پويان ابري وري ويا آهن ۽ انهن زندگيءَ جي قوت ۽ عظمت تان رات جي چادر ڇڪي ورتي آهي. واديءَ جي ڪپرن تي پکڙيل ڳوٺ جيڪي آرام ۽ سڪون کي وهائو ناهي سمهي پيا هئا، سجاڳ ٿي چڪا آهن، ڪليسائن جا گهنڊ وڄي رهيا آهن ۽ فجر جي نماز جي آغاز جو اعلان ڪندي، ايٿر کي هڪ دلڪش آواز سان پُر ڪري رهيا آهن. غار انهن گهنڊن کي اٿين پڙاڏو ڪري رهيا آهن. ڦرڙا واڙ مان نڪري آيا آهن، ۽ رڍن، ٻڪرين جا ڌڻ، پنهنجي لوڙهن مان نڪري، ڪنڌ نوائي پنهنجي چراگاهن ڏانهن وڃي رهيا آهن، جتي ماڪ پيل چمڪندڙ گاهه کائيندا. ڌنار ڌڻ جي اڳيان اڳيان جوانيءَ جا گيت ڳائيندا وڃي رهيا آهن ۽ انهن جي پويان نوجوان ڇوڪريون، صبح جي ٻيرت لاءِ جهرڪين سان گڏجي گيت ڳائي رهيون آهن."

"منهنجي محبوب! صبح ٿي ويو آهي. ڏينهن جو ڳورو هٿ


Scanned with CamScanner

هڪٻئي سان مليل گهرن تي پکڙجي ويو آهي. درين جا پردا لهي ويا آهن ۽ دروازن جا تاڪ کلي ويا آهن. جنهن ڪري سخت چهرا ۽ غمگين اکيون نظر اچڻ لڳيون آهن. قسمتن جا ماريل ڪارخانن ڏانهن وڃي رهيا آهن. انهن جي جسمن ۾ گڏ موت آرامي آهي، ۽ پيئل ڳلن مان مايوسي ۽ خوف جهلڪي رهيو آهي. جڻ اهي زبردستي خوفناڪ ۽ مارينڌڙ ميدان جنگ ڏانهن وٺي وڃي رهيا هجن.“

”ڏس! سڙڪون تڪڙن ۽ لالچ جي پٽلن سان پرجي ويون آهن، ۽ فضا لوهہ جي گوڙ، ڦيٿن جي ڪڙڪڙ ۽ انجڻين جي سيٽين سان پڙاڏجي رهي آهي. سڄو شهر جنگي ميدان بڻجي ويو آهي. جنهن ۾ طاقتور ڪمزور جو پيڇو ڪري رهيو آهي.“

”منهنجا حبيب! هتي زندگي ڪيتري حسين آهي. جيئن روشني ۽ نزاڪت سان ڀريل شاعر جي دل!“

”منهنجي محبوبہ! هتي زندگي ڪيتري بي رحم آهي، جيئن گناهن ۽ ڏپ سان ڀريل ڏوهيءَ جي دل!“

# شاعر جو آواز

قدرت منهنجي دل جي اونهاين ۾ ٻج ڇٽيندو آهي. مان اهو فصل لڻندو آهيان ۽ ان جا سنگ گڏ ڪري بکايل انسانن ۾ ورهائيندو آهيان. روح هن ننڍي پيالي کي ڀريندو آهي ۽ مان اهو شراب ڪٺي اُڃايلن جي اُڃ اجهائيندو آهيان. آسمان هن ڏيئي ۾ تيل ڀريندو آهي، مان ان کي روشن ڪندو آهيان ۽ راهگيرن لاءِ، ان کي رات جي اونده ۾ پنهنجي گهر جي دريءَ ۾ رکي ڇڏيندو آهيان. مان اهي سڀ ڪم ان لاءِ ڪندو آهيان جو انهن جي ڪري منهنجي حياتي آهي. جڏهن زمانو مون کي انهن ڪمن کان جهليندو آهي ۽ مان راتين جي هٿان قيدي بڻجي ويندو آهيان تہ مان موت جي گهُر ڪندو آهيان. ان ڪري جو سرڪش اُمت جو نبي ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ رهندڙ شاعر جي لاءِ موت کان بهتر ڪا بہ شيءِ ناهي.

انسان تيز هوائن جيان شور ڪندا آهن ۽ مان سڪون ۽ اطمينان مان تڏا شوڪارا ڀريندو آهيان. ان ڪري جو مان سمجهان ٿو تہ زماني جي هڪڙي ئي جهٽڪي ۾ انهن هوائن جو تيک ختم ٿي ويندو، پر تڏا ساهه خدائي هٿن ۾ ابد تائين باقي رهندا.

انسان برف جيان ٿڌي مادي سان ملندا آهن ۽ مان محبت جي گرميءَ جي ڳولا ۾ آهيان تہ انهن کي پنهنجي سيني سان لڳايان. جيئن هو منهنجون پاسراٽيون ڪائي ۽ منهنجي جيري کي وڍي، ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري جو مون ڏٺو تہ مادو تہ انسان کي بنا ڪنهن عذاب جي ماري ڇڏيندو آهي. پر محبت انسان کي مصيبت ۾ مبتلا رکي زندگي عطا ڪندي آهي.

انسان مختلف قبيلن ۽ فرقن ۾ ورهائبا آهن ۽ مختلف ملڪن ۽ شهرن ڏانهن منسوب هوندا آهن. پر مان پنهنجي ذات کي هڪڙي ئي شهر ۾ ڏاريو سمجهندو آهيان. مان پنهنجي قوم جو اڪيلو فرد آهيان. ساري ڌرتي منهنجو وطن آهي ۽ سڀ انسان منهنجي قبيلي مان آهن. ان ڪري جو مان ڄاڻان ٿو تہ انسان ڪمزور آهي ۽ اها انسان جي حماقت آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ورهائي ٿو ۽ ڌرتي تنگ ڪرڻ ۽ ان کي حڪومتن ۽ بادشاهين ۾ ورهائڻ بيوقوفي آهي. انساني جماعت روح کي ختم ڪرڻ ۽ جسم جي دنيا آباد ڪرڻ ۾ هڪٻئي جي مدد ۾ رڌل آهن، ۽ مان اڪيلو هتي جو نوحو ٿو پڙهان. مان ڪن لائي ٻڌندو آهيان تہ پنهنجي ضمير مان هڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو اٿم، جيڪو چوندو آهي، "جيئن محبت انساني دلين کي مصيبتن ۾ گهيري زندگي بخشيندي آهي، ان طرح حماقت ان کي معرفت جا دڳ ڏيکاريندي آهي. يقين ڪريو تہ اهي مصيبتون ۽ هيءَ حماقت هڪ وڏي لذات ڪامل معرفت جي موجود آهي، ان ڪري جو خدا سچ جي هيٺان ڪابہ شيءِ بيڪار پيدا نہ ڪئي آهي.

(٢)

مان پنهنجي ملڪ جو مشتاق آهيان. هن جي حسن جي ڪري پنهنجي وطن واسين سان محبت ڪندو آهيان. پر جڏهن منهنجي قوم وطنيت جي تعصب جي پٺي اکين تي ٻڌي ڪنهن بہ ويجهي


Scanned with CamScanner

ملڪ تي هلان ڪندي آهي. اتان جي ماڻهن کان مال ڪسي وٺندي آهي. اتان جي رهاڪن کي قتل ڪندي آهي ۽ ٻارڙن کي يتيم ۽ عورتن کي بيواهه بڻائي ڇڏيندي آهي. اُتان جي ڌرتيءَ کي اتان جي رهاڪن جي رت سان ٻوڙي ڇڏيندي آهي ۽ اُتان جي مردار خور پکين کي، ان ڌرتيءَ جي نوجوانن جو گوشت کارائيندي آهي تہ ان ويل مون کي پنهنجي وطن سان بہ نفرت ٿي پوندي آهي ۽ هم وطنن سان بہ -

مان پنهنجي جنم - هنڌ لاءِ ٻڌي خوش ٿيندو آهيان. جنهن گهر ۾ منهنجي پالنا ٿي آهي، مان ان جو مشتاق آهيان. جڏهن ڪوئي مسافر لنگهندي، ان گهر ۾ پناهہ گهرندو آهي ۽ ان جي رهواسين کان زنده رهڻ لاءِ ٿورڙو رزق طلبيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس ان ويل ڌڪا ڏئي تڙيو ويندو آهي، تہ مان، ان ويل، ان گهر جو نوحو چوڻ شروع ڪندو آهيان. ان شؤق کي هن دل مان ڪڍي ڇڏيندو آهيان ۽ پنهنجي دل کي چوندو آهيان، ”اهو گهر جيڪو محتاج کي مانيءَ پور ڏيندي ڪاوڙ ٿو ڪري ۽ بسترو گهرڻ واري کي بسترو ڏيڻ کان جهجهڪي ٿو، اهو گهر ٻانوان ڊول ڪرڻ جي لائق آهي.“

مون کي پنهنجي ملڪ سان ٿورڙي محبت آهي. ان ڪري مان پنهنجي جنم - هنڌ سان بہ محبت ڪندو آهيان. جيئن تہ مون کي پنهنجي اصلي وطن، سڄي ڌرتيءَ سان محبت آهي، ان ڪري مون کي پنهنجي ملڪ سان بہ محبت آهي. مان ڌرتيءَ سان ان ڪري محبت ڪندو آهيان، جو اها انسانيت جي، ڌرتيءَ تي الاهي روح جو، چراگاهہ آهي. پر انسانيت، ڌرتيءَ تي الاهي روح جو پاڇو آهي. ويرانين ۾ اها گهڙي آهي، اها پنهنجي اگهاڙن انگن کي، ڦاٽل لباس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ڏکڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. گرم گرم لڙڪ هن جي ڦڪن ڳلن تان ڳڙندا رهندا آهن. هوءَ پنهنجي پٽن، انسانن جي اهڙن دردناڪ آوازن سان پاڻ ڏانهن سڏيندي آهي، جنهن سان آسماني فضا، آهُن ۽ دانهن جي صدائن سان پُرجي ويندي آهي. پر ان جي اولاد طرفداريءَ جي گيتن ڳائڻ ۾ مست لڳي پئي آهي ۽ ان جي فرياد نه ٿي ٻڌي. تلوارن جي جهنڪار ۾ هوءَ ان جي لڙڪن ڏانهن ڌسي نه سگهندي آهي. پري ويٺل انسانيت قوم کي پنهنجي مدد لاءِ سڏيندي آهي. پر قوم ٻڌي ٿي نه ٿي. جيڪڏهن فرض ڪريو، ڪوبه هڪڙو انسان ان جي دانهن ٻڌي به وٺندو آهي ۽ سندس ويجهو اچي، سندس ڳوڙها اگهڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ هن جون مصيبتون ڏسي، ڪيس صبر ڪرڻ لاءِ دلاسا ڏيندو آهي ته قوم چوڻ شروع ڪندي: 'هن کي ڇڏي ڏيو، ڳوڙها بزدل ۽ ڪمزور تي ئي اثر ڪندا آهن.'

انسانيت، ترقيءَ تي الاهي روح آهي، هي روح قومن جي وچ ۾ ڦرندو، انهن کي محبت جو رستو ڏيکاريندو آهي. جيڪا زندگيءَ جي رستن جي راهبر آهي. پر ماڻهو سندس ڳالهين ۽ تعليم تي کلندا آهن، ۽ هن تي چٿرون ڪندا آهن. اهو ئي هي روح آهي، جنهن جو آواز ڪالهه ناصري (يسوع مسيح) ۽ سقراط جي فلسفي جا قائل ٿيا. هنن ماڻهن کي ان الاهي روح ڏانهن سڏي گهرايو. ماڻهو کين قتل ڪرڻ لاءِ حاوي نه ٿيا، پر اٿين چوندي هن تي چٿرون ڪرڻ لڳا جو اهي چٿرون قتل ڪرڻ کان وڌيڪ سخت ۽ ڪڙيون هيون. يروشلم جا رهواسي ناصريءَ کي قتل ڪري نه سگهيا ۽ نه

ٿي هو سقراط کي ختم ڪري سگهيا. اهي ٻئي هميشه لاءِ زنده آهن. ان طرح انسانيت جي آواز تي سڏ ڏيندڙن تي اهڙين ڇٽڻ جو ٻه ڪو اثر نه ٿيندو، ۽ اهي هميشه هميشه جي لاءِ زنده رهندا.

(۳)

اسان ٻئي هڪ ئي روح جو اولاد آهيون، ۽ تون منهنجو ڀاءُ آهين. اسين ٻئي هڪ ئي قسم جي مٽيءَ مان جڙيل جسمن جا قيدي آهيون. ان ڪري ئي تون مون جهڙو آهين. تون زندگيءَ جي راهه ۾ منهنجو ساٿي آهين. ان حقيقت کي جيڪا ڪڪرن جي هيٺان لڪي پيئي آهي، ڄاڻڻ ۾ منهنجو مددگار آهين. منهنجا ڀاءُ! تون انسان آهين ۽ مان توکي دل جي گهراين سان چاهيان ٿو.

منهنجي باري ۾ جنهن کي جيڪو وڻي، چوندو رهي، دنيا پنهنجو فيصلو ڏيندي. تنهنجو قول ان جي فيصلي ۽ ان جي انصاف جي لاءِ هڪ طريقو ۽ ڪليل نشانيءَ جو ڪم ڏيندو. مون کان جو چاهين وٺندو رهه! ان ڪري ته تون مون کان اهو مال کسيندين، جنهن ۾ تنهنجو به حق آهي. تون ان جي ڪنهن حصي جو ضرور حقدار آهين. جيڪڏهن تون ان جي ٿوري حصي تي راضي رهين.

مون سان جو چاهين ڪر. ان ڪري جو تون منهنجي حقيقت تي هٿ هڻڻ کان قاصر آهين. تون منهنجو رت وهاءِ. منهنجي جسم کي ساڙي ڇڏ. پر تون؛ نه ئي منهنجي نفس کي تڪليف پهچائي ٿو سگهين، ۽ نه ئي تون؛ ان کي ماري ٿو سگهين. منهنجي هٿن ۾ لوهي هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ پيڪڙا وجهي ڇڏ ۽ مون کي قيدخاني جي اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ بيشڪ بند ڪري ڇڏ. پر ياد رک، تون منهنجي خيالن تي حاوي ٿي نه ٿو سگهين. اهي ته فضا ۾ آزاد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳامندڙ هير جيان آزاد آهن. نه انهن جي ڪا دانهن آهي ۽ نه انتها.

تون منهنجو ياءُ آهين ۽ مان توکي چاهيان ٿو.

مان توکي مسجد ۾ سجدو ڪندو، عبادتگاهه ۾ جهڪيل ۽ پنهنجي گرجا ۾ عبادت ڪندي، هر حال ۾ چاهيندو آهيان. ان ڪري جو اسان ٻئي، هڪ ئي مذهب، روح جو اولاد آهيون.

مان توسان تنهنجي ان حقيقت جي ڪري محبت ڪندو آهيان، جيڪا ڪلي عقل کان حاصل ٿي آهي. اها حقيقت جنهن کي مان پنهنجي اندپائيءَ ڪري ڏسي نه ٿو سگهان، پر منهنجي دل ۾ ان جي عزت آهي، ان ڪري جو هو نفس جي عملن مان آهي. اها حقيقت جيڪا آئينده عالم ۾ مون سان ملندي ۽ مکڙين جي مست ڪندڙ خوشبوئن جيان، هڪبئي سان رلي ملي ويندي. محبت ۽ حسن جي دائمي زندگيءَ جي ڪري، اهي ٻئي به هڪڙي ئي حقيقت جي شڪل ۾ ابد تائين زنده رهندي.

مان توسان ان ڪري محبت ڪندو آهيان جو مان توکي سخت دل طاقتورن جي آڏو ڪمزور ڀانيو. حريص سرمائيدارن جي عاليشان محلاتن جي چانوري ۾ توکي بيوس ۽ محتاج ڏٺم. تنهنجي حالت ڏسي مان رُنس. پر پنهنجي لڙڪن جي پويان توکي انصاف جي هٿن ۾ ڏٺم. جيڪو توکي ڏسي مرڪي رهيو هو، ۽ تولاءِ پريشان هجڻ وارن جي بيوقوفيءَ تي کلي رهيو هو. تون منهنجو ياءُ آهين ۽ مان توکي چاهيندو آهيان.

(۴)

تون منهنجو ياءُ آهين ۽ مان توکي چاهيندو آهيان. پوءِ به تون مون سان ڇو ٿو وڙهين. تون ڇو منهنجي ملڪ ڏانهن اچي، مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذليل ڪرڻ جو ارادو ٿو رکين. ڇا انهن جي خاطر جيڪي تنهنجي ڳالهين مان عزت ۽ تنهنجي تڪليفن مان خوشي حاصل ڪندا آهن؟ تون ڇو پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي، گهر واري ۽ معصوم ٻارڙن کي ڇڏي موت جي ڪڌ، گهر کان پري ڪنهن اجنبي سرزمين تي وڃين ٿو؟ ڇا انهن ظالم حاڪمن جي خاطر، جيڪي تنهنجي رت سان اقتدار ڳنهڻ ۽ تنهنجي والده جي ڏکن جي بدلي پنهنجي لاءِ اوچو مقام حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن؟ پر ڇا اهو ئي اوچو مقام آهي ته انسان پنهنجي پاڻ جي جان وٺي.

هو چوندا آهن ته ادا! پنهنجي ذات جي حفاظت ڪرڻ هڪ فطري جذبو آهي. پر مان انهن ماڻهن کي بيهر ڏسندو آهيان ته جيڪي توکي پنهنجو پاڻ ختم ڪرڻ لاءِ ان ڪري آماده ڪندا آهن: جو تون پنهنجي پاڻ کي سندن غلام بنائين. هو چوندا آهن، زنده رهڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻين جي حقن تي ڌاڙا هڻجن. پر مان چوندو آهيان ته، ”ٻين جي حقن جي حفاظت ئي انسان جي بهترين اعمال مان هڪ نيڪ عمل آهي.“ مان هيئن به چوندو آهيان: ”ته جيڪڏهن منهنجي زندگيءَ مان ٻين کي موت ٿو ملي ته مون لاءِ موت وڌيڪ لذيذ ۽ وڌيڪ پيارو آهي.“

انانيت ئي انڌن جيان ماڻهن جي پيدائش جو سبب بڻي ۽ ماڻهيءَ جي هيڻان اڇي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهڻ جهڙڻ ۽ هڪٻئي کي غلام بنائڻ تي آماده ٿيندا آهن. جهالت کي چاهت ۽ ظلم کي حڪمت ۽ انصاف جو محڪوم بنائڻ چاهيندا آهن. پر هو اهڙي حڪومت جو مخالف آهي، جيڪا ڪلهن کان ڪنڌ ڪپڻ واريون تلوارون ڪڍي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظلم ۽ جهالت کي وڌيڪ پکيڙي، اهو غلبو جنهن بابل کي تباهه ڪيو، يروشلم جون پاڙون به پٽي ڇڏيون. اهو غلبو جنهن خوني ظالم پيدا ڪيا، جن کي ماٺهو عظيم شخصيتون سمجهڻ لڳا ۽ ڪتابن ۾ سندن نالا سونهري اکرن ۾ لکيا ويا. جيئن زمين ان وقت، جڏهن اهي هن ڌرتيءَ کي بيگناهن جي پاڪ رت سان رڱي رهيا هئا، پنهنجي سطح تي هلڻ کان نه جهليو. ان طرح ڪتابن سندن جنگين جي قصن کي پنهنجي صفحن ۾ جاءِ ڏني. پوءِ اي ياءُ! پوءِ تون ڏوکو ڏيندڙ ماڻهيءَ کان ڪيترا پيرا ڏوکا کائي چڪو آهين ۽ ان طرح جي نقصان ڏيندڙ شيءِ کان ڪيترو نقصان کٽي چڪو آهين؟ حقيقي غلبو صرف علم آهي، جيڪو مقبول عام انصاف پسند فطري قانون جو محافظ آهي. ڇا اهو به ڪو انصاف آهي ته قاتل کي ته توهان قانون جي مطابق قتل ڪندا آهيو. ڦوروءَ کي قيد ڪندا آهيو، پر وري پاڻ ٿي گڏ تي، پنهنجي پاڙيسرين جي وطن تي حملو ڪري، هزارن بيگناهن جو رت وهائيندا آهيو ۽ سندن ملڪيت ڦريندا آهيو. طرفداري رکڻ وارا ان جي باري ۾ ڪهڙو حڪم ڏين ٿا؟ جيڪي پاڻ قاتل هوندي به ٻين قاتلن کي ڦاسيءَ تي ٿا چاڙهين ۽ ڦورن کي قيد ڪندا آهن، جيتوڻيڪ هو پاڻ به ڦورو هوندا آهن؟

تون منهنجو ياءُ آهين ۽ مان توکي چاهيندو آهيان ۽ محبت، انصاف جو ٻيو نالو آهي. پوءِ جيڪڏهن مان توسان محبت ڪندي، هر جاءِ تي عادل نه رهان ته پڪ ڄاڻج ته مان اهو مڪار آهيان، جيڪو محبت جي بهترين لباس کي انانيت جي لباس ۾ لڪائيندو آهيان.


Scanned with CamScanner

امڙا گيت جيڪي خاموشيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، ۽ هل هنگامي ۾ انهن جو آواز ڪنن ۾ نہ پوندو آهي. خوابن جي دنيا ۾ جن جو احساس ٿيندو آهي ۽ سجاڳيءَ ۾ انهن جو نشان بہ نہ ملندو آهي.

اي دنيا ۾ وسندڙا هي محبت جا گيت آهن. ڪهڙو اسحاق آهي، جيڪو اهي پڙهي ٻڌائي، اجان بہ ڪهڙو دائود آهي، جيڪو اهي خوش اسلوبيءَ سان ماڻهن جي ڪنن تائين پهچائي. هي چنبيليءَ جي گل کان نازڪ ۽ دوشيزه جي ڳُجهہ کان وڌيڪ لڪل آهن. ڪير آهي جيڪو خدائي گيت ڳائي سگهي.

**لهرن جا گيت:**

مان ۽ سمنڊ جا ڪنارا هڪٻئي جا عاشق آهيون. محبت اسان کي ملائيندي آهي ۽ زوردار ۽ تکيون هوائون اسان کي جدا ڪنديون آهن. مان پري نيلگون شفق جي ڪنارن کان ان ڪري ايندي آهيان. پنهنجي چانديءَ جهڙي سفيد گج کي، ان جي سون جهڙن چمڪندڙ ذرڙن سان ملائي ڇڏيان ۽ پنهنجي ٿڌاڻ سان هن جي دل جي گرمي ختم ڪري ڇڏيان.

صبح جو سويل مان عشق ۽ محبت جي درياءَ ۾ ٻڌل گيت، پنهنجي ان محبوب جي ڪنن تائين پهچائيندي آهيان ۽ هو مون کي پنهنجي سيني سان لڳائيندو آهي. شام جي ويل مان، ڪيس عشق جا راڳ ٻڌائيندي آهيان ۽ هو مون کي چمندو آهي.

مان هر وقت عشق جي گرمي ۽ فراق جي تپش ۾ آهہ و زاري ڪندي آهيان ۽ منهنجو محبوب مون کي صبر جي تلقين ڪندو آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ مون کي بهادريءَ جا سبق ڏيندو آهي.

سمنڊ ۾ چاڙهه ايندو آهي ۽ مان پنهنجي محبوب سان ٻکجي ويندي آهيان، وري اهو لهڻ لڳندو آهي، تہ مان هن جي قدمن تي پنهنجو مٿو رکندي آهيان.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾، سمنڊ مٿان اڏامندڙ، پهاڙن تي ويهي چمڪندڙ تارن جو تماشو ڏسڻ وارن پکين جي چوڏاري ڪيترائي ڦيرا رقص ڪيو، ۽ ڪيترائي ڦيرا مون نامراد عاشق جي فرياد ٻڌي تہ ان سان گڏجي رنس ۽ ٽڏا شوڪارا ڀريم.

مون ڪيترائي ڀيرا بي حس پهاڙن کي سڏيو، پر انهن منهنجا سڏ نہ ٻڌا. وري مون کين کلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چپن تي مرڪڻ جا آثار بہ نظر نہ آيا. مون سمنڊ جي پنور ۾ قاتل بي جان لاشن کي ڪڍي زنده انسانن جي سامهون رکيو ۽ حسين عورتن جي حسن کي هيٺو ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي تري مان موتي ڪڍيا، پر ڪنهن بہ مون ڏانهن ڌيان نہ ڏنو.

رات جي خاموشيءَ ۾ جڏهن دنيا ۾ وسندڙ مخلوق ننڊ جي مستيءَ ۾ بيهوش ستي پئي هوندي آهي، مان جاڳندي آهيان. ڪڏهن گيت ڳائيندي آهيان ۽ ڪڏهن شوڪارا ڀريندي آهيان.

افسوس آهي مون کي ان سجاڳيءَ ختم ڪري ڇڏيو. پر ياد رکو تہ مان بہ عاشق آهيان ۽ عشق نالو آهي بيداري ۽ جاڳندو رهڻ جو. اها ئي منهنجي زندگي آهي ۽ اهو ئي منهنجي زندگيءَ جو ڪم.

## سعادت جا گيت:

انسان منهنجو ۽ مان انسان جي محبوبہ آهيان. مان هن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشتاق ۽ هو منهنجو عاشق آهي. پر افسوس! ان جي محبت ۾ منهنجو هڪ رقيب به آهي، جيڪو مون کي تڪليف ڏيندو آهي ۽ هن کي به عذاب ڏيندو آهي. اها هڪ سرڪش قوت آهي، يعني مادو - اسان جيڏانهن به ويندا آهيون، اهو اسان جي پويان پويان ايندو آهي ۽ اسان کي هڪٻئي کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مان ڪليل ميدانن ۾، وڻن جي هيٺان ۽ سمنڊ جي ڪناري پنهنجي محبوب انسان جي ڳولا ڪندي آهيان. پر ان کي حاصل ڪري نه سگهندي آهيان. ان ڪري جو مادو ڪيس ڌوڪو ڏئي شهر جي آباديءَ طرف وٺي ويو آهي. مجموعي ڏانهن. فساد ۽ بدبختيءَ ڏانهن. مان ان انسان کي معرفت جي درسگاهن ۾ ڳوليندي آهيان، پر هو مون کي ناهي ملندو. ان ڪري جو مادو، جيڪو مٽيءَ جي لباس ۾ رهندو آهي، هن کي غرور ۽ تڪبر جي درسگاهن ڏانهن ڇڪي وٺي ويو آهي.

مان صبر ۽ قناعت جي ساوڪ ۾ ان جي ڳولا ڪندي آهيان، پر هو هتي به ناهي. ان ڪري جو منهنجو دشمن مادو، هن کي حرص ۽ طمع جي قيدخاني ۾ بند ڪري ڇڪو آهي.

صبح جي سهائيندڙ سمي ۾ جڏهن اوير مرڪندو آهي، مان هن کي سڏيندي آهيان. پر هو منهنجو آواز ٻڌندو ئي ناهي. ان ڪري جو غفلت جي ننڊ ڪري هن جون اکيون بوجهل هونديون آهن. شام جي ويل جڏهن سڪون ڦهلجي ويندو آهي، مکڙيون سمهي پونديون آهن مان وري ڪيس سڏيندي آهيان! پر هو مون ڏانهن ڌيان نه ڏيندو آهي. ان ڪري جو سڀاڻي جي فڪر ۾ هن جي دل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رتل هوندي آهي. هو منهنجو محبوب آهي ۽ مون سان محبت ڪندو آهي. پر هو پنهنجي ڪمن ۾ منهنجي ڳولا ڪندو آهي. جڏهن تہ مان خدا جي عملن ۾ ئي ملي سگهندي آهيان. هو بيڪس مزدورن جي ڪوپرين تي، سون ۽ چانديءَ جي ڍيرن جي وچ ۾ اڏيل محل ۾ مون سان ملڻ جو خواهان آهي. پر مان ڪيس صرف فطرت جي سمنڊ ڪناري آزاد فضا ۾ ئي ملي سگهندي آهيان. هو سرڪش ماڻهن ۽ خوني ظالمن جي ميڙاڪي ۾ مون کان چمي وٺڻ چاهيندو آهي، پر مان هن کي هيڪلائيءَ ۾، پوتر مکڙين جي آڏو ئي چمي ڏئي سگهان ٿي. هو حيلي ۽ رياڪاريءَ کي منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ واسطو بنائڻ تو چاهي، پر مان صرف نيڪ عمل، پسنديده عملن کي ئي واسطو بنائڻ ٿي گهران.

منهنجي محبوب منهنجي دشمن مادي کان آهہ و زاريءَ جي تعليم پرائي، پر مون کي ان وقت پڪ ٿيندي، جڏهن هن جي دل جي اکين مان محبت جا لڙڪ لڙندا ۽ سندس آهون، سندس دل جي اونهائين مان نڪرنديون، مان ان ويل سمجهنديس تہ محبوب منهنجو آهي ۽ مان هن جي آهيان.

## انسان جا گيت:

"تون بي جان هئين. پوءِ تو ۾ ساهہ وڌو ويو. اهو ئي توکي ماريندو ۽ پوءِ زنده ڪندو. پوءِ تون انهن ڏانهن موٽايو ويندين." (قرآن مجيد)

مان ازل کان آهيان. هاڻي بہ آهيان. زماني جي خاتمي تائين رهندس. منهنجي وجود جي ڪا انتها ڪانهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان لامحدود فضا ۾ ترندو رهيس. خيالن جي دنيا ۾ اڏامندو رهيس. نور جي سرچشمي جي بلڪل ويجهو ٿيس، پر هائي مان مادي جو قيدي آهيان.

مون ڪنفوشينوس جي تعليم ٻڌي. برهما جي فلسفي کي ڪن لائي ٻڌم، جيڪو گوتم ٻڌ جي ويجهو؛ معرفت جي وڻ جي هيٺان ويٺو رهيو. پر هائي مان انڪار ۽ جهالت سان مقابلي ۾ رڌل آهيان. جڏهن خدا جو نور موسيٰ جي سامهون ظاهر ٿيو ته مان ان ويل طُورِ تي ئي هوس. مون اردن جي واٽن تي ترسي ناصريءَ جا معجزات ڏٺا. ۽ مديني ۾ رهي، رسول ڪريم جا اقوال (حديثون) ٻڌا. پر هائي مان حيرت جو قيدي آهيان.

مون بابل جا عاليشان محل، مصر جو شان، ۽ يونان جي عظمت پنهنجي اکين سان ڏٺا. پر انهن سيني عظمتن ۾ ڪمزوري، ذلت ۽ حقارت صاف ڏسڻ ۾ آئي. مون مصر جي جادوگرن، اشور جي نجومين ۽ فلسطين جي نبين سان گڏ ويٺو رهيس ۽ حڪمت جا گيت ڳائيندو رهيس. هند ۾ لٿل حڪمت مون برزبان ڪري ڇڏي. جزيره عرب ۾ رهندڙن جي قلبن مان نڪتل شعر مون ياد ڪري ڇڏيا. اولهه واسين جي زبان مان نڪتل موسيقيءَ کي مون پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏني. پر پوءِ به مان انڌو ئي رهيس، ۽ مون کي ڪجهه به نظر نه آيو. ٻوڙو ئي رهيس، مون کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه آيو. حريص فاتحن جون سختيون برداشت ڪيم. ظالمن حاڪمن جو ظلم برداشت ڪيم. سرڪش مغرورن جي بندگي ڪيم. پوءِ به زماني جو مقابلو ڪرڻ ۾ عاجز رهيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون اهو سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو، جڏهن مان ٻار هوس، ۽ تمام جلد مان پنهنجي جوانيءَ جو به مشاهدو ڪندس. پر بلڪل جلد منهنجو ٻڍاپو ايندو. مان ڪمال تائين پهچندس ۽ خدا ڏانهن واپس ورندس. مان ازل کان آهيان. هاڻي به آهيان ۽ زماني جي خاتمي تائين رهندس. منهنجي وجود جي ڪابه انتها ڪانهي.

## بارش جا گيت:

مان چانديءَ جو سفيد چمڪندڙ تارو آهيان. خدا مون کي مٿان آسمان کان زمين جي دنيا تي اڇلائي ڇڏيندو آهي.

مان مشتروت جي تاج جا وکريل موتي آهيان. ڪڪر مون کي چورائي آيا ۽ فصلن ۾ مون کي ڇٽي ڇڏيائين.

مان روئندي آهيان ته سرسبز پهاڙن جي چهرن تي مرڪون ڪيڏڻ لڳنديون آهن، ۽ مان هيٺ ڪِرندي آهيان ته مکڙيون پنهنجا ڪنڌ کڻنديون آهن.

ڪڪر ۽ فصل هڪٻئي جا عاشق آهن. مان انهن جي وچ ۾ خابرو آهيان، مان وسندي آهيان ته هڪڙي جي اڃ اجهائيندي آهيان ۽ ٻئي جي گرميءَ جي شدت گهٽائيندي آهيان.

ڪنوڻ جو ڪڙڪو منهنجي اچڻ جي خوشخبري ڏيندو آهي ۽ اندلٺ منهنجي سفر جي خاتمي جو ڏس ڏيندو آهي. هڪڙي ٿي غضبناڪ مادي مان دنيا جي زندگيءَ جي ابتدا ٿيندي آهي ۽ پرسڪون موت جي مٿان ان جو خاتمو ٿيندو آهي.

مان سمنڊ جي قلب مان نڪري، غبار جي پردن تي اڏامندي آهيان. ۽ جڏهن ڪوئي خوبصورت باغ منهنجي سامهون ايندو آهي ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اتي ڪري پوندي آهيان. ان جي مڪڙين کي چمڻ لڳندي آهيان، ۽ ان جي ٽارين سان ڀڪجي ويندي آهيان.

سانت ويل – مان پنهنجي نرم ۽ نازڪ هٿن سان روشندانن جي شيشن کي ڇهندي آهيان ته انهن مان هڪ اهڙو گيت اڀرندو آهي، جنهن کي حساس ماڻهو ئي ٻڌي سگهندا آهن.

فضا جي گرمي منهنجي پيدائش جو سبب آهي. پر مان فضا جي گرميءَ جي قاتل آهيان. ائين ئي عورت پنهنجي ان قوت جي وسيلي غالب پوندي آهي، جيڪا مرد جي عطا ڪيل آهي.

مان سمنڊ جي ٿڌي آهہ آهيان. آسمان جا ڳوڙها آهيان ۽ فصلن جي مرڪ آهيان. ان طرح محبت، قلبي رجحانات جي سمنڊ جي ٿڌي آهہ آهي. غور و فڪر جي آسمان جا لڙڪ آهي ۽ نفس جي فصل جي مرڪ آهي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غريب دوستن جي نانءُ

’بدبختيءَ جي وڃائي تي تو جنم ورتو. ذلت جي ماحول ۾ تو پرورش حاصل ڪئي. ظلمن جي فضا ۾ تون جوان ٿئين. صرف تون ئي آهين جيڪو سڪل ماني، ٿڌا شوڪارا ڀري کائيندو آهين ۽ ڪني پاڻيءَ ۾ پنهنجا ڳوڙها ملائي پيئندو آهين.‘

’اي مظلوم فوجي سپاهي! جيڪو ظالم انسانن جي حڪم تي پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي، پنهنجي معصوم ٻارڙن ۽ پنهنجي عزيز ساٿين کي ڇڏي صرف ان ڪري موت جي منهن ويندو آهين، ته توکي اهو انعام مليءَ جنهن کي ماڻهو ڦڪار چوندا آهن.‘

’اي شاعر! جيڪو پنهنجي وطن ۾ ئي مسافر جيان رهندو آهي. پنهنجي سڃاتل ماڻهن ۾ اجنبي نظر ايندو آهي، ۽ دنيا جي عيش پسندين ۾ صرف جَوَن جي مانيءَ تي صابر هوندو آهي.‘

’اي جيل جي بند ڪوٺڙيءَ جا قيدي! تون دنيا جي سرڪش انسانن جي ظلم ۽ ستمن کان مجبور ٿي هڪ معمولي ڏوهه ڪيو ۽ پوءِ انهن ئي سرڪش انسانن، جيڪي نيڪ اعمال غريب کي به بدنظر سان ڏسڻ جا عادي آهن، توکي به غضب جي نظرن سان ڏٺائون.‘

’اي ويچاري فقيرياڻي! جنهن کي خدا، حسن سان مالامال ڪيو. سرمائيدار نوجوان جي نظرن هن کي تاڙيو. تنهن جي غربت

مان فائدو وٺي، سون جي چند ٽڪرن سان توکي دوکو ڏنو ۽ جڏهن هو پنهنجي بري ارادي ۾ ڪامياب ٿيو تہ توکي ذلت ۽ بدبختيءَ جي کڏ ۾ ڌڪي، توکان نظرون ڦيرائي ڇڏيون.'

'توهان سڀ، اي منهنجا ٻي وس ساٿيو! توهان انساني قانونن جا مقتول آهيو، توهين منحوس ڇاتا تا ويو ۽ توهان جي نحوست جو سبب جابر قوتن جي سرڪشي، حاڪم جي سنگدلي، سرمائيدار جو ظلم ۽ جنسي خواهشن جي غلام انسانن جو غرور ۽ تڪبر ئي آهي.'

'اميد جو دانون مضبوطيءَ سان جهليو، نااميديءَ کي دل جي ويجهو اچڻ نہ ڏيو. ان ڪري جو دنيا جا ظلم، مادي دنيا کان پري، ڪڪرن کان پرتي، نظرن کان بہ لڪل، هڪ اهڙي قوت موجود آهي، جيڪا سراسر عدل آهي. سراسر شفقت آهي ۽ محبت آهي.'

'توهان انهن مکڙين جيان آهيو جيڪي ڇانوري ۾ ڦٽيون هجن. تمام جلد ٿڌي هير لڳندي ۽ سج جا ڪرڻا توهان تي بہ پوندا، پوءِ توهان هڪ نئين زندگي، راحت ۽ آرام، عيش ۽ سڪون جي زندگي حاصل ڪندا.'

'توهان برف جي وزن هيٺ دٻيل نرڙ ٽيل وڻ آهيو. جلد ئي بهار جي مند ڪڏندي ايندي ۽ توهان کي سرسبز پنن جو لباس پهرائي دنيا جي آڏو پيش ڪندي.'

'اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن حقيقت جي روشني توهان جي اکين مان لڙڪن جا اهي پردا پري ڪندي، جيڪي توهان جي مرڪڻ تي پٺجي ويا آهن.'

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجا غريب پائرو! منهنجي دل ۾ توهان جي لاءِ عزت آهي ۽ توهان کي ڏک ڏيندڙن لاءِ نفرت جا جذبا پڙڪي رهيا آهن. مان سڄ اڀرڻ کان کجهه دير اڳ، صبح جي سٺي وقت ۾ تلندو باغ جو سير ڪرڻ لاءِ نڪتس ۽ اتي ويهي ۽ پنهنجي دل سان سرباٽ ڪرڻ لڳس. موسم خوشگوار هئي. باغ جو ٽڙو گاهه طبيعت ۾ سرور پيدا ڪري رهيو هو ۽ ان رتت مان، جڏهن ته دنيا ۾ وسندڙ انسان پنهنجي هنڌن ۾ غنودگيءَ جي حالت ۾ پاسا بدلائي رهيا هئا. سائي ۽ نرم گاهه تي ٻانهن سيرانڌي ڏئي ليٽي پنهنجي دل کان فطرت جي حسن بابت پڇي رهيو هوس ۽ حقيقت جون ڳالهيون جيڪي مون تي عيان ٿي رهيون هيون، کيس ٻڌائي رهيو هوس. خيالن جي وهڪري ۾ لڙهندي، جڏهن منهنجا تصورات انساني سماعت کان مون کي پري وٺي ويا ۽ منهنجي تخيل مادي دنيا تان چادر کڻي منهنجي حقيقت، منهنجي آڏو آڻي بيهاري ته مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته منهنجو روح؛ مون کي فطرت جي ويجهو آڻي رهيو آهي ۽ ان جا راز مون تي عيان ٿي رهيا آهن.

اهڙي حالت ۾ مون ڏٺو ته ٽڏڙي هير مايوس يتيم جيان شوڪارا ڀريندي ٽارين تان لنگهي رهي هئي. مون هن کان پڇيو، ”اي هير، تون ايترا شوڪارا ڇو ٿي ڀرين؟“ هن وراڻيو، ”ان ڪري جو سڄ جي گرمي مون کي ڏکي شهر جي فضا ڏانهن موڪلي رهي آهي. ان فضا ڏانهن جتي منهنجي صاف لباس سان مختلف بيمارين جا جيوڙا چهٽي پوندا. ان فضا ڏانهن جتي منهنجي خوش ڪندڙ ذرڙن سان انسانن جي وات مان نڪرندڙ زهر گاڏڙ هوائون ملي وينديون.“


Scanned with CamScanner

پوءِ مون نيم نرم مکڙين ڏانهن ڏٺو، انهن جي اکين مان لڙڪن لارون پاڻيءَ جي شفاف ڦڙن جي شڪل ۾ جاري هيون. مون ڪانئن سوال ڪيو! ”فطرت جون پيدا ڪيل مکڙيون! هن ويل اهو روڄ ڇا لاءِ؟“

انهن مان هڪڙيءَ پنهنجي صراحيدار ڳچي مٿي ڪري چيو، ”اسين روئون ٿيون، ان لاءِ جو اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن انسان اچي پنهنجي ظالم هٿن سان اسان جون هي صراحي دار ڳچيون پڇندو. آزاد هوندي به اسان کي شهر جي بازارن ۾ غلامن جيان وڪڻندو ۽ شام جي ويل جڏهن اسان جي هيءَ تازگي ختم ٿي ويندي. اسين ڪومائجي وينديونسين ته گند جي ڍير ۾ اڇلائي ڇڏيندا. اسين ڪيئن نه لڙڪ لاڙيون. جڏهن ته اسين پنهنجي اکين سان ڏسي رهيون آهيون، ته سخت دل انسان جا ظالم هٿ اسان کي جلد پنهنجي وطن کان پري اڇلائڻ وارا آهن.“

ٿوري دير کان پوءِ نديءَ جو آواز ڪن تي پيو، جيڪا ان عورت جيان روئي رهي هئي؛ جنهن جو ٻار گم ٿي ويو هجي. مون ان کان پڇيو ته، ”اي ندي! تون ڇو ٿي اوڇنگارون ڏئي روئين؟“

نديءَ جواب ۾ وراڻيو، ”مان پنهنجي طبيعت جي خلاف ان شهر ڏانهن وڃي رهي آهيان، جتي انسان منهنجي بيعزتي ڪندا. انگور مان ٺهيل شراب پيئندا ۽ منهنجو پاڻي پنهنجي بدن جي ميراڻ لاهڻ لاءِ ڪتب آڻيندا. مان ڇو نه روئان، جڏهن ته مان ڏسي رهي آهيان ته تمام جلد منهنجو هي صاف ۽ شفاف پاڻي شهر جي گندگيءَ سان ميرو ۽ گدلو ٿي ويندو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري مون ٻڌو تہ پکي عمر جا گيت ڳائي رهيا آهن. مون انهن کان پڇيو، "اي خوبصورت پکيؤ! توهان ڪنهن جي ڏک ۾ درد ڀريل گيت ڳائي رهيا آهيو؟"

هڪ جهرڪي منهنجي ويجهو هڪ وڻ جي لام تي اچي ويٺي ۽ چوڻ لڳي، "انسان هاڻي هڪ دوزخي هٿيار ڪٺي ايندو ۽ اسان جو ساهہ وٺڻ جو فڪرمند هوندو. اسين نہ ٿيون ڄاڻون تہ اسان مان ڪير ان جي ظلم جو شڪار بڻبو. ان ڪري اسين هڪٻئي کي آخري سلام ڪري رهيون آهيون. نيٺ اسان اهڙا گيت ڪيئن نہ آلاپيون؟ جڏهن اسين ڄاڻون ٿيون تہ جيڏانهن بہ وڃون ٿيون تہ موت اسان جو پيڇو ٿي نہ ٿو ڇڏي؟"

ٻهاڙيءَ جي اوٽ مان سج ڪني ڪڍي. وڻن جي ڏکين لامن کي سون جو تاج پارائڻ لڳو ۽ مان پنهنجي طبيعت کان پڇي رهيو هوس، "آخر فطرت جنهن کي پيدا ڪندي ۽ ناميندي آهي، انسان ان کي ڇو ڦٽائيندو ۽ برباد ڪندو آهي؟"

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غريب بيواهي

لبنان جي اترين پهاڙين ۾ وادي قاديشا جي برف سان ڍڪيل ڳوٺ تي رات جي ڪاري چادر، ڏينهن جي روشنيءَ کي ڍڪڻ لڳي. برف سان ڍڪيل فصل سفيد ڪاغذ جي صفحي جيان ڏسڻ ۾ پئي آيا. جنهن تي هوا ليڪون ڪڍي ۽ وري ميساري ٿي ڇڏيون. تيز هوا ۽ انڌاري ان سان کيڏنديون هيون.

انسان پنهنجي پنهنجي جهوپڙين ۾ ۽ حيوانات پنهنجي آرام گاهن ۾ لڪي ويا هئا. آسمان جي ڪليل فضا ۾ ڪوئي جاندار چرندي نظر نه ٿي آيو. بيحس ڪنڌڙ ٿڌ، ساٿو ڪنڌڙ ٿڌيون هوائون، ديچارينڌڙ چرپر واري اونده ۽ خوفناڪ موت کان سواءِ ڪابه شيءِ نظر نه ٿي آئي.

هڪ ننڍي گهر ۾، باهه جي توَ تي ويٺل هڪ عورت، اُن ورڻ ۾ رڌل هئي. پر ۾ سندس اڪيلو پٽ ڪڏهن باهه جي گرم چيين ۽ ڪڏهن پنهنجي مهربان ماءُ ڏانهن نگاهون ڪٽندي، ويٺو هو. اوچتو تکي هوا گهلڻ شروع ٿي وئي. ڪمزور ديوارون لڏڻ لڳيون. ڇوڪرو گهبرائجي ماءُ سان چنبڙي ويو ۽ انڌاريءَ جي غضبناڪ حملن کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لڳو. ماڻس کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي هن کي چمي ڏني، پوءِ کيس پنهنجي هنج ۾ ويهاري هيئن چوڻ لڳي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ٻچڙا! گهٻرائڻ جي ڪا ٻہ ضرورت ناهي. هي تہ صرف فطرت پنهنجي عظمت جو اظهار ڪري انسانن کي ٻڌائي رهي آهي تہ توهان کجهہ بہ ناهيو. پنهنجي طاقت جو نماءُ ڪري، هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ جو احساس تي ڏيارڻ چاهي. ڏج نہ! زمين جي مٿاڇري تي مسلسل وسندڙ برف، آسمان تي ڇانئجي ويندڙ ڪڪر، تباهي ۽ بربادي ڦهلائيندڙ تکين هوائن جي پويان هڪ اهڙي ذات بہ آهي، جيڪا لڏندڙ فصلن ۽ سرسبز ۽ شاداب وادين جي ضرورت کي پلئيءَ پت چائندي آهي. انهن سيني تباهہ ڪندڙ حالتن کي ڏسڻ واري هڪ اک اهڙي بہ آهي، جيڪا انسان جي بي وسائپ تي رحمت ۽ شفقت جي نظر وجهي ٿي. منهنجي دل جا ٽڪرا، نہ ڏج! ان ڪري جو عناصر جي اها طبيعت جيڪا بهار ۾ مرڪندي رهي، گرميءَ ۾ وات ڦاڙي ٿهڪ ڏيندي رهي. خزان ۾ روئندڙ صورت بڻائي ظاهر ٿيندي رهي، هاڻي چاهي ٿي تہ دل کولي روئي ۽ زمين جي انتهائي اونهاين ۾ رهندڙ زندگيءَ جي ٻج کي پنهنجي ٿڌن لڙڪن سان تر ڪري ڇڏي. جڏهن تون مٺي ننڊ مان سجاڳ ٿيندين تہ ڏسندين تہ آسمان صاف آهي ۽ فصل برف جي سفيد لباس ۾ ملبوس آهن. جيئن انساني نفس، انساني موت جي ڇڪتاڻ کان پوءِ صاف سٿرا سفيد ڪپڙا اوڍيندي آهي. منهنجا اڪيلا پٽ! سمهي پئہ! تنهنجو والد ابدي زندگيءَ جي سرسبز ميدانن مان اسان کي ڏسي رهيو آهي. انهن سدائين جي مٺي ننڊ سمهڻ وارن جي ياد سان اسان جي دلين کي لوڏي وجهندڙ انداري ڪيتري نہ سٺي لڳندي آهي؟ منهنجا پيارا ٻارڙا! سمهي پئہ! ان ڪري جو انهن تکين هوائن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري بهار جي مند ۾ قسمين قسمين گل ٽڙندا ۽ انهن جي ڪري، توهان مختلف قسم جا گل ڏٺن تان پٽي ايندا. ان طرح منهنجا ٻچڙا! انسان به ڏکوئيندڙ تڪليفن، ناقابل صبر ۽ تحمل ۽ ساهه ڪڍيندڙ مايوسين کان سواءِ محبت جو ميوو حاصل ڪرڻ جي قابل نه رهندو. منهنجا ننڍڙا ٻارڙا سمهي پئو! تون ننڊ ۾ سٺا سٺا خواب ڏسندين ۽ ان ويل ڏيڄاريندڙ رات ۽ زوردار ٿڌ کان تون بي خبر هوندين."

ننڊ جي خمار مان ڳاڙهيون اکيون کولي هن ماءُ ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، "امان ننڊ ۾ منهنجون اکيون پرجي چڪيون آهن. ڊڄان ٿو ته ڪٿي نماز جو فرض ادا ڪرڻ کان اڳ نشي ۾ الوٽ نه ٿي وڃان." مائس کيس هنج ۾ ڪيو ۽ ڀوڳجندڙ اکين سان هن جي چهري ڏانهن ڏسندي چيائين، "منهنجا ٻچڙا! مون سان گڏ چوندو رهه! اي پروردگار عالم! فقيرن تي رحم ڪر ۽ کين سخت ٿڌ کان بچاءِ. پنهنجي هٿن سان سندن اگهاڙن جسمن کي ڍڪي ڇڏ. انهن يتيمن تي نظر رک، جيڪي جهوپڙين ۾ ستل آهن. انهن جا جسم برف سان ڳالهائڻ ۾ مشغول آهن. اي خدا! انهن بيڪس عورتن جون پڪارون ٻڌ، جيڪي نيري آسمان جي هيٺان، موت جي چنبن ۾ آهن ۽ ٿڌ جي ٿڦن جو مقابلو ڪري رهيون آهن. اي رب العالمين! پنهنجي عنايت سان سرمائيدارن جي دلين جا دروازا کولي ڇڏ. سندن اکين کي نظرن جي نور سان روشن ڪري ڇڏ، جيئن هو بکايلن جو احساس ڪري سگهن. اي آسمانن ۽ زمينن ۾ وسڻ وارن جا رزاق! انهن بکين کي پنهنجي احساس ۽ رحمت سان نواز، جيڪي هن اونداهي رات ۾ مائٽن جي دروازن کي ڪڙڪائي رهيا آهن. غريبن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي غربت کي رحم جي نگاهه سان ڏس! اي مهربان خدا! ڪمزور جهرڪيءَ کي به پنهنجي حفاظت ۾ رک ۽ تيز انڌارين جي لپيٽ ۾ اچي، خوفزده وڻن جو به نگهبان بڻج. اي خدا! اسان جي دعا قبول فرماءِ!“

جڏهن ٻار مٺي ننڊ جو مزو وٺڻ لڳو ته ماڻس ڪيس پنهنجي بستري تي سمهاري، ڏڪندڙ چپن سان هن جي ڇهري کي چميو ۽ پوءِ ٻاهه جي ٻر ۾ ويهي، اُن ڪتڻ ۾ جنبي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هڪ خواب

پوکڻ جي وچ ۾، هڪ صاف ۽ شفاف نهر جي ڪپر تي، هڪ خوبصورت پيرو پيل نظر آيو. پيري جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ مٿل جهرڪي پئي هئي. ٻيءَ ڪنڊ ۾ اهي پيالا جن مان داڻو ۽ پاڻي ختم ٿي چڪا هئا.

مان ماٺ ڪيو بيٺو رهيس. بي جان پکيءَ جو روح ۽ نديءَ جي آواز ۾ هڪ عبرت هئي، جيڪا منهنجي ضمير سان مخاطب ۽ منهنجي دل کي ڪجهه چئي رهي هئي. مان سوچڻ لڳس، هي ويچارو پکي نديءَ جي ڪناري تي هئڻ جي باوجود اڃ ۾ مري ويو ۽ پوکن ۾ هئڻ جي باوجود، جتان دنيا جو رزق ورهائبو آهي، هو بک ۾ بي تاب ٿي ويو. بلڪل ائين جيئن ڪنهن سرمائيدار کي پنهنجي سون چانديءَ جي خزانن ۾ بند ڪري ڇڏجي ۽ بي شمار دولت جي وچ ۾ اڃيو بکيو ٿي تڙپي مري وڃي.

ٿوري دير کان پوءِ مون ڏٺو ته اهو پيرو اوچتو هڪ انسان جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويو ۽ پکي انساني قلب جي صورت اختيار ڪري بيٺو، جنهن ۾ هڪ گهاءُ هو، جنهن مان ڳاڙهو رت جاري هو. زخم جي ڪنارن تي غمگين عورت جي چپن جيان ڏسڻ ۾ آيم.

زخم مان رت ڦڙن سان گڏ هڪ آواز نڪرندي ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو چئي رهيو هو، ”مان اهو ئي قلب آهيان، جيڪو هن مادي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا جو قيدي بڻيو رهيس، ۽ هن مٽيءَ جي پتلي، انسان جي بڻايل قانونن سان قتل ڪيو ويس. حسن جي پوک جي وچ ۾ زندگيءَ جي چشمن جي ڪناري مون کي انساني قانونن جي قيد ۾ گرفتار ڪري آندو ويو. مان محبت جي هنج ۾ خدا جي پيدا ڪيل زمين تي هٿ پير ٻنا مري ويس. ان ڪري جو هن زمين جي ميون ۽ محبت جي حسين انجام کان مون کي محروم ڪيو ويو. جيڪو مان چاهيان ٿو ته اهو انساني اصطلاح ۾ عار سمجهيو وڃي ٿو ۽ مان جنهن جي خواهش رکان ٿو، اهو هنن جي فيصلي مطابق ذلت ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

"مان انساني قلب آهيان، دنيا جي اونداهين ۾ قاسي بي جان ٿي ويس. بي مقصد وهمن جو قيدي بڻجي هٿ پيرن کان محروم ٿي ويس. شهرت جي گمراهيءَ ۾ اڃي منهنجو احساس ويندو رهيو. اڃان به انسان گونگو آهي. هن جون اکيون ڳوڙها نه ٿيون ڳاڙين، پر مرڪي رهيون آهن."

مون اهي ڳالهيون زخمي دل مان وهندڙ رت سان گڏ نڪرندي ٻڌيون ۽ ان کان پوءِ نه مون اتي ڪجهه ڏٺو ۽ نه مون ڪو آواز ٻڌو. مون تي پنهنجي حقيقت کلي پئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اجڙيل وسندي

ڪائنات تي چنڊ پنهنجي لطيف چانڊنيءَ جي چادر ڦهلائي ته سڄي عالم تي ماٺ ڇانئجي وئي. اها اجڙيل وستي هڪ وڏي ديوَ جيان ڏسڻ ۾ پئي آئي، جيڪا رات جي اونده جي حملن تي کلندي هجي.

ان وقت منهنجي تصور ۾ سمنڊ جي نيري سطح تان اٿندڙ ٻاڦ جيان ٻه خيالي تصويرون پيدا ٿيون ۽ هڪ اونچي مناري تي وڃي ويهي رهيون. ٿوري دير کان پوءِ هڪڙيءَ ڳاٽ اونچو ڪيو، ۽ پري ڀهاڙن سان ٽڪرائجي، واپس ورندڙ آواز جيان چوڻ لڳي:

”اي محبوب! هي انهيءَ وسنديءَ جا ڊٺل نقش آهن، جيڪي مون تنهنجي لاءِ اڏيا هئا ۽ هو ان عاليشان محلات جا آثار آهن، جيڪا مون تولاءِ تعمير ڪئي هئي. هاڻي اهي عمارتون ڊهي ويون آهن ۽ محلات جهري پئي آهي. ان جو شان خاڪ ۾ ملي ويو، صرف هڪ نشان باقي رهيو آهي، جيڪو ايندڙ نسلن کي پنهنجي عظمت جي پڪ ڏياري. اهي آثار اجان آهن جن کي ڏسندي ماڻهو ان مقام کي عزت جي نگاه سان ڏسندا رهندا. منهنجي محبوب! غور ڪيو ته دنيا جا چار ئي عناصر ان مستحڪم شهر تي ٻه حاوي ٿي ويا ۽ زماني جي گردش منهنجي دانائيءَ کي ٻه حقارت جي نظرن سان ڏٺو. جنهن شهر کي مون آباد ڪيو هو، اهو ويران ٿي ويو. هاڻي مون وٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان محبت کان سواءِ، جنهن جو خالق تنهنجو حسن آهي ۽ جنهن جي انعام کان سواءِ، جنهن کي تنهنجي محبت زندگي بخشي، ان کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي. مون يروشلم ۾ هڪ عبادتگاهہ جو بنياد وڌو، مسيحي راهبن ان جو احترام ڪيو، پر زماني جي ظالم هٿن هن کي قائم رهڻ نہ ڏنو ۽ مون پنهنجي ڪک ۾ محبت جي لاءِ هڪ ننڍڙو گهر آباد ڪيو. ان کي خدا عزت بخشي. ان تي زماني جي تيز هوائن جو ڪوبہ اثر ناهي.

مون ظاهري شين ۽ مادي ڪمن جي حقيقت ڄاڻندي عمر گذاري ڇڏي. انسان چيو، "ڪيڏو طاقتور حاڪم آهي." فرشتن چيو، "ڪيترو نادان آهي." وري مون، منهنجي پياري! توکي ڏٺو. تنهنجي محبت جا گيت ڳاتم. فرشتا ٻڌي خوش ٿيا. پر انسان پنهنجي ننڊ ۾ بيهوش پيا رهيا. منهنجي حڪومت جي ڏينهن ۾ منهنجو اجايل نفس ۽ منهنجي آسماني فضائن ۾ وسندڙ روحن جي وچ ۾ پردي جيان مائل هئا. جڏهن مون توکي ڏٺو، منهنجي محبت سجاڳ ٿي. پردا لهي ويا. گذريل ڏينهن پرڪيف افسوس ڪرڻ لڳا ۽ سج ۽ چنڊ جي روشنيءَ ۾ رهندڙ هر شيءِ کي بيڪار سمجهڻ لڳا.

مون مضبوط زرهون ۽ پائيدار ڍالون تيار ڪرايون ۽ سموري انساني جماعت مون کان ڊڄڻ لڳي. پر جڏهن محبت جي باهہ منهنجي سيني ۾ ڀڙڪي پئي تہ مان پنهنجي قبيلي جي نظرن ۾ بہ ڪِري پيس. موت اچي، ان سڀني اسلحي کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو. صرف منهنجي محبت کي خدا جي دربار ۾ پيش ڪيائين. ٿوريءَ مات کان پوءِ ٻي خيالي تصوير چيو، "جيئن مڪڙي پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي ۽ پنهنجي خوشبو مٿيءَ مان حاصل ڪندي آهي، ان طرح طاقت ۽ فلسفو نفس کي مادي ڪمزورين ۽ ان جي غلطين کان بچائيندا آهن.“

وري هُنَ تصويرون پاڻ ۾ ملي هڪ ٻي ويون ۽ ٻئي هليون ويون. ڪجهه دير گذرڻ کان پوءِ هوائن ان طرف هيءَ ڳالهه ڦهلائي ڇڏي، ”محبت کان سواءِ ڪنهن به شيءِ جي مستقل حفاظت نه ڪريو، ڇو ته محبت ئي ابدي شيءِ آهي.“

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هڪ خواب

جواني منهنجي آڏو لنگهي وئي ۽ مان ان جي پويان پويان هلڻ لڳس. اسان ڪافي پري هڪ پوک ۾ پهتاسون. اتي هاٿيءَ ڏندن جهڙا بادل، جيڪي اتاهان آسمان ۾ تري رهيا هئا، انهن وڻن کي ڏسي جيڪي پنهنجي بنا پن جي ٽارين سان مٿي اشارا ڪري رهيا هئا، جڻ تہ اهي آسمان کان پنهنجي ساوڻ پن جي خيرات گهري رهيا هجن، انهن کي ڏسي جواني بيهي رهي ۽ فڪر ۾ پئجي وئي. مان سائس هيئن ڳالهائڻ لڳس، ”جواني اسان ڪٿي پهتا آهيون؟“

هن وراڻيو، ”حيرت جي ڪيتيءَ ۾ آهيون. هوشيار رهجانءِ.“

مون چيو، ”چو نہ پاڻ واپس هلون. هن جڳهہ جي وحشت مون کي خوفزده ڪري رهي آهي. سفيد ڪڪرن ۽ ٽرڙ ٽيل وڻن جو منظر مون کي غمزده ڪري رهيو آهي.“

هن وراڻيو، ”صبر کان ڪم وٺ. حيرت ئي معرفت جو پهريون ڏاڪو آهي.“

مون حور جي هڪ خيالي تصوير ڏٺي، جيڪا منهنجي ويجهو اچي رهي هئي. مون تعجب مان پڇيو، ”هيءَ ڪير آهي؟“

هن ٻڌايو، ”هيءَ جپيٽر جي ڌيءُ ۽ وحشتناڪ قصن جي هيروئن ميلوبين آهي.“

(قديم يونانين جي خيال ۾ علم ۽ فن جا نوَ معبود هئا. جن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي ’ميوز‘ کري سڏيو ويندو هو. انهن مان هر هڪ پنهنجي پيروي ڪندڙ (پروؤن) کي سندن محبت، چاهت، حق ۽ قابليت جي مطابق ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو ڏيندو هو. هنن جا نالا هي آهن. (1) ميلوبين: غمناڪ ڪهاڻين جي معبوده. (2) بولينا: شعر ۽ سرور جي معبوده. (3) ٿاليہ: مزاحيہ شاعريءَ جي معبوده. (4) ڪاليون: فصاحت ۽ شجاعت جي معبوده. (5) اراتو: عشقيہ غزلن جي معبوده. (6) ترسڪوان: ناچ جي معبوده. (7) اورانيہ: آسماني علمن جي معبوده. (8) ڪليو: تاريخ جي معبوده. (9) اوتزلي: موسيقيءَ جي فن جي معبوده.)

مون چيو، ”دل خوش ڪندڙ جواني! جيسين تون منهنجي پاسي ۾ آهين، تہ غم مون کان ڇا گهرڻ آيو آهي؟“

هن وراڻيو، ”غم آيو آهي تہ توکي زمين ۽ ان تي وسندڙن جو غم ڏيکاري. جنهن غم نہ ڏٺو آهي، اهو خوشي ڪيئن ڏسي سگهندو؟“

حور جي خيالي تصوير پنهنجا هٿ منهنجي اکين تي رکيا، جڏهن هن پنهنجا هٿ کنيا تہ مون پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي جوانيءَ کان پري ۽ مادي دنيا کان الڳ ٿلڳ ڀانيو. مون، هن کان پڇيو، ”معبوده! جواني ڪٿي آهي؟“ هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو، مون کي پنهنجي پرن جي وچ ۾ ڪري، ڪٿي هڪ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويهارياڻين. اتان مون زمين ۽ ڌرتيءَ جي ڪائنات کي، پنهنجي اکين آڏو ڪتاب جي ورقن جيان لکيل ڏٺو. اتي رهڻ وارن جا راز ڪتاب جي سٽن جيان صاف نظر اچي رهيا هئا. مان حور جي خيالي تصوير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٽ خوفزده ٿيو بيٺو هوس. انسان جي لڪل رازن کي غور سان ڏسي رهيو هوس ۽ زندگيءَ جي اسرارن جي باري ۾ سوال ڪري رهيو هوس.

مون ڇا ڏٺو. ڪاش مان اهي منظر نہ ڏسان ها. مون ڏٺو تہ سعادت جا فرشتا، بدبختيءَ جي فرشتن سان جهيڙي رهيا آهن ۽ انسان اميد ۽ نااميديءَ جي ڪُن ۾ ڦاٿل حيران ٿيو بيٺو آهي. مون ڏٺو تہ محبت ۽ عداوت (دشمني) انسان جي دل سان ڪيڏي رهيون آهن. محبت سندس گناهن تي پردو وجهي رهي آهي. ميٽا ۽ راضپي جي نشي ۾ هن کي بيهوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. هن جي زبان مان تعريف ۽ مدح جا ٻول ٻولائي رهي آهي. دشمني هن کي خراب ڪري رهي آهي، هن جي حقيقت جي اکين کي ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. هن جي ڪنن ۾ ساڙ ۽ حسد جا بند ٻڌي، هن کي سچي ڳالهہ ٻڌڻ کان جهلي ٿي.

مون ڏٺو تہ ڪاهن، لومڙيءَ جيان فريب جو ڄار ڦهلائي انساني نفسن کي پنهنجي فريب جي ڦندي ۾ ڦاسائي رهيا آهن. انسان، جيڪو علم ۽ حڪمت کي مدد لاءِ سڏي رهيو آهي. پر حڪمت هن کان پري ڀڄي رهي آهي. ڪيس غضبناڪ نظرن سان گهوري رهي آهي ۽ زبان حال سان چئي رهي آهي، ”جڏهن مون هر مقام ۽ هر رستي تي توکي سڏي سڏي پاڻ ڏانهن ڪوٺيو، ان وقت تون مون ڏانهن ڇو نہ آئين؟“

مون دنيا پرست زاهدن کي ڏٺو، جن جون نظرون هر هر آسمان ڏانهن ٿي کڄيون. پر سندن دليون حرص ۽ طمع جي اونهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبرن ۾ گهڙي، نوان نوان چار وچائڻ ۾ رذل آهن. مون نوجوانن کي ڏٺو، جيڪي صرف زبان سان محبت جو اظهار ڪرڻ ۾ مگن هئا ۽ پنهنجي غلط اميدن جا محل اڏي رهيا هئا. پر خدا جي چاڻ ۽ هنن جي مٿان نہ هئي ۽ سندن جذبا ستل هئا. مون واعظن ۽ خطيبن جي جماعت ڏٺي، جيڪا مڪر ۽ فريب جو چار ڦهلائي خطابت جي زور سان پنهنجي تجارت جي بازار گرم ڪري رهيا هئا. مون طبيبن کي ڏٺو جيڪي سادن سودن خوش عقيده ماڻهن جي زندگين سان ڪيڏي رهيا هئا.

مون فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏٺو، جيڪي زمين تي هر هلائيندا آهن ۽ ٻج ڇٽيندا آهن ۽ سرمائيدار اها ئي پوک لٽي کائي ويندا آهن. ظلم بينو اهو تماشو ڏسي رهيو آهي ۽ ماڻهو ان ظلم کي قانون جو نالو ڏئي ان کي جائز قرار ڏيندا آهن. اوندهہ جا پردا، عقل تي لڳاتار پئجي رهيا آهن. محافظ عقل جي روشنيءَ ۾ مست ٿي گهري ننڊ ۾ آهي. صنف نازڪ کي اهڙيءَ طرح ڏٺم، جيئن ڪنهن اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ بربط هجي ۽ ان مان بي سرا راڳ ڦٽندا هجن. مون فطري آزاديءَ کي رستن ۾ ۽ ماڻهن جي دروازن تي هيڪل رلندي ۽ رهڻ لاءِ پناهہ جي جاءِ گهرندي ڏٺو. پر ڪين ڪنهن بہ پناهہ نہ ڏني. ان وقت مون انتهائي ذلت کي ڏٺو. جنهن جي پٺيان ماڻهن جي رش لڳل هئي ۽ ان کي 'آزادي' جي نانءِ سڏي رهيا آهن. مون ڏٺو تہ مذهب متبرڪ ڪتاب جيان مٽي تختيءَ تي رکيو آهي، ۽ ان جي جاءِ تي فضول وهمن کي مذهب جو نالو ڏنو ويو آهي. انسان کي ڏٺم، جيڪي صبر کي بزدليءَ جو لباس پهرائي رهيا هئا. بهادريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي بيوقوفي ۽ مهربانيءَ کي ڊپ سان پيئي رهيا آهن. مال کي فضول خرچ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ نفساني خواهشون پوريون ڪرڻ ۽ ڪنجوس جي هٿن ۾ ماڻهن جي روزي ڪسڻ جو هٿيار ڏٺم. ڪُنهن به داناءَ جي هٿ ۾ دولت جو نشان نه ڏٺم.

مون اهي حالتون پنهنجي اکين سان ڏٺيون. ان منظر کي ڏسڻ سان بيتاب ٿي چيم، ”اي معبودن جي ڌيءُ! ڇا هيءَ اها ترتي آهي؟ ڇا هي اهو انسان آهي؟“ هن نهايت اطمينان سان جواب ڏنو، ”اهو ئي نفس جو رستو آهي، جنهن ۾ ڪنڊا وڇايا پيا آهن. هي انسان جو پاڇو آهي، هيءَ ان جي رات آهي. تمام جلد صبح جو نور ڦهلجندو.“

پوءِ هن پنهنجا هٿ منهنجي اکين تي رکيا ۽ هٽ پري ڪرڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته مان اطمينان سان هن سان گڏ هلي رهيو آهيان ۽ اميد جا ڪرڻا مون کي هُن ڏانهن سڏي رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڄ ۽ ڪالهہ

هڪ سرمائيدار پنهنجي باغ ڏانهن روانو ٿيو. رنج هن جي مٿان پاڇي جيان لڏي لمي رهيو هو. ڇڻ مردار خور پکي ڪنهن ڍونڍ تي ڦيرا ڏئي رهيا هجن. هُو هڪ اهڙي جهرڻي تي پهتو، جنهن جي ٺاهڻ ۾ انساني هٿن پنهنجو ڪمال ڏيکاريو هو. ان جي چؤڌاري قيمتي پٿرن جو چبوترو جڙيل هو. جهرڻي جي ڪناري ويهي ڪڏهن مجسمن جي واتن مان تيزيءَ سان نڪرندڙ پاڻي جي لار کي ته ڏنائين ۽ ڪڏهن پنهنجي ان محل ڏانهن پئي نظر وڌائين، جيڪو ان خوبصورت باغ ۾ هيئن ڏسڻ ۾ پئي آيو، جيئن ڪنهن حسين نوجوان ڇوڪريءَ جي ڳل تي تِر. هو تصور جي دنيا ۾ پنهنجي يادداشت سان دل کي ريجهائڻ لڳو. هو ماضيءَ جي ڪتاب جو ورق اٿل ڪرڻ لڳو. ڳوڙها هن جي اکين ۾ جهلڪڻ لڳا ۽ انساني ڪمالات، ان جي اکين ۾ لڪي ويا ۽ هن جي دل ۾ گذريل ڏينهن جي واقعن جي ياد تازي ٿي وئي. هو بيساخته پنهنجو پاڻ سان هيئن ڳالهائڻ لڳو:

”ڪالهہ مان هن سرسبز پهاڙين تي ردون چاريندو هوس ۽ خوشيءَ جي زندگي گذاريندو هوس، ۽ اڄ مان طمع ۽ حرص جو قيدي آهيان. مال ۽ دولت مون کي پنهنجي پويان ڇڪي رهي آهي ۽ دين ۽ دنيا کان بيخبر پيو آهيان ۽ ان بيخبريءَ ۾ بدبختيءَ جي اونهاين ۾ ڪِري رهيو آهيان. مان پکين جيان آزاديءَ جا گيت ڳائڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ مگن هوس، ان جاءِ تي مان ڪالهہ تائين صبح جي هير وانگر ٿڌين هوائن جيان نرم نرم گاهہ تي هوريان هوريان پير رکندي آزاديءَ سان گهمندو هوس ۽ هاڻي انساني جماعت ۽ ان جي قانونن جو قيدي بڻجي ويو آهيان. مان هميشہ اهو چاهيندو هوس تہ زندگيءَ جون سموريون خوشيون پنهنجي لاءِ گڏ ڪري وٺان. پر اڄ مان ڏسان ٿو تہ مال ۽ دولت جي حڪمن جي بجاآوري ڪندي مان غم جي ڏکين رستن تان لنگهي رهيو آهيان. منهنجي حالت ان ڏاچيءَ جهڙي آهي، جيڪا سون جي بار ۾ دٻجي رهي هجي ۽ سون ان جي زندگي ختم ڪندو هجي.

ڪٿي آهن اهي کليل ميدان؟ اهي مڌ ڀريل گيتن سان گونجندڙ بازارون، اها صاف هوا، هوءَ باطن جي صفائي ۽ منهنجي اها خدا پرستي ڪيڏانهن وئي؟ اهي سڀ پرسڪون ۽ آرام بخشيندڙ شيون مون ضايع ڪري ڇڏيون. مون وٽ صرف ’سونا‘ رهي آهي، جنهن سان مان محبت ڪيان ٿو تہ هوءَ کلندي آهي. ٻانها ٻچيا آهن، جن تي زيادتي ڪرڻ، منهنجون خوشيون گهٽائي ڇڏيون آهن. شاندار محل ٻڌيو اٿم، جنهن جي اوچائيءَ منهنجي دل جي دنيا برباد ڪري ڇڏي آهي. يا اهو زمانو هو، جو مان ڪنهن ٻوٽائي ڇوڪريءَ سان گهمندو هوس. پاڪدامنيءَ ۽ محبت اسان جا ساٿي هئا. چنڊ اسان کي ساڙيلي نظرن سان گهوريندو هو. اڄ، مان انهن عورتن جي ميڙ ۾ ڦاسي پيو آهيان، جيڪي اکڙجي هلنديون آهن. اکين سان هر هڪ کي اشارا ڪنديون آهن ۽ سون جي زنجير سان، منين منهن ڳالهين سان، مصنوعي طور تي حسين ٿيڻ جي ڪوشش ڪنديون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. وصل جون گھڙيون، سون جي زيورن ۽ مندين سان مڻائي وڪڻنديون آهن. يا اهي ڏينهن هئا جو مان پنهنجي ساٿين سان ملي جهنگل جي هرڻن جيان، گھاٽن وڻن ۾ ڊوڙندو رهندو هوس. انهن جي سُر سان سُر ملائي ڳائيندو هوس. ساون فصلن جي لذتن ۾ سندن حصيدار ٿيندو هوس ۽ اڄ پنهنجي جماعت جي وچ ۾ ائين ٿو لڳان جيئن هرڻن جي وڳ ۾ ردي. مان رستي تان لنگھندو آهيان تہ مون کي دشمنيءَ جي نظرن سان ڏٺو ويجي ٿو ۽ ساڙ مان مون ڏانهن آڱريون کنيون وينديون آهن. جيڪڏهن گھمڻ خاطر باغ ڏانهن وڃان ٿو تہ غضبناڪ چهرن ۽ تکبر ۽ غرور مان آڪڙيل ڪنڌن کان سواءِ ڪنهن تي بہ نظر نہ ٿي پوي. ڪالهہ مون کي زندگي، زندگيءَ جي حسن سان مالامال ڪري ڇڏيو هو. اڄ اهي ئي مون کان کسيا ويا آهن. ڪالهہ مان پنهنجي خوش قسمتيءَ جي ڪري غني هوس ۽ اڄ سرمائيدار هوندي بہ غريب آهيان. ڪالهہ مان پنهنجي رڍن تي رحمدل بادشاهہ جيان حڪومت ڪندو هوس. پر اڄ، پنهنجي دولت جي آڏو، ظالم آقا جو مظلوم غلام ٿي چڪو آهيان. مون کي تہ اهو گمان بہ نہ هو تہ دولت منهنجي دل جي اکين تي پردا وجهي ڇڏيندي ۽ مون کي جهالت جي کڏن ۾ ڌڪي ڇڏيندي. مون نہ ٿي ڄاتو تہ ماڻهو جنهن کي عزت چوندا آهن، اها جهنم جي وادي آهي. آهہ! منهنجا گذريل زمانا.“

سرمائيدار پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺو. ننڍا ننڍا قدم کڻندو پنهنجي گھر ڏانهن هلڻ لڳو. ٽڏا شوڪارا ڀري رهيو هو ۽ هي ڪلمات هن جي زبان تي جاري هئا. ”ڇا ان جو نالو دولت آهي؟ اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي خدا آهي، جنهن جي مان عبادت ڪرڻ لڳو آهيان؟ اها ئي شيءِ آهي جنهن کي اسين زندگيءَ جي بدلي خريد ڪندا آهيون. پر زندگيءَ جي هڪ گهڙيءَ کي خريدڻ جي طاقت نه ٿا رکون؟ ڪوئي آهي جيڪو مون کان دولت جا ڍير وٺي، مون کي ٿوري دير تائين سچي محبت جو مزو چکائي؟ ڪير آهي؛ جيڪو مون کان جواهرن جون منيون ڀري وٺي ۽ ٿوري دير لاءِ ئي سهي مون کي حسين فڪر عطا ڪري؟ جيڪو مون کان منهنجي مال ۽ دولت جا سمورا خزانا وٺي؛ اهي اکيون ڏئي جيڪي حقيقي حسن کي ڏسي سگهن؟"

جيئن هو گهر جي دروازي تي پهتو، هن شهر ڏانهن اهڙين نظرن سان ڏٺو، جيئن ارميا، يروشلم کي ڏسندو هو، ۽ ان ڏانهن اشارو ڪري، هيٺيون ڳالهيون؛ پنهنجو پاڻ سان ڪرڻ لڳو. ڄڻ هو شهر جو مرثيو پڙهي رهيو هجي.

"اي اونده ۾ رلندڙ موت جي پاڇي ۾ ٻيل باطل تي فيصلو ڏيڻ وارا، بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪندڙ ماڻهؤ! ڪيستائين گلن ۽ مڪڙين کي جهنم ۾ اڇلائيندي، ڪنڊا ۽ سڪل پن ڪاٺيندا رهندؤ؟ ڪيستائين زندگيءَ جا باغات ڇڏي، ويرانين ۽ ڊيڇاريندڙ عمارتن ۾ پيا رهندؤ؟ ريشم جا نرم نرم ڪپڙا اوهان لاءِ ئي ٺاهيا ويا آهن. خراب ۽ ڦاٽل لباس ڇو ٿا پهريو؟ ماڻهؤ! حڪمت جو ڏيئو اجهامڻ لڳو آهي، خدا جي.واسطي ان ۾ تيل وجهو. جاڳو! چور توهان جو آرام ۽ راحت لٽي رهيا آهن."

ان ويل، ان سرمائيدار جي اڳو هڪ غريب سائل پنهنجو هٿ ڊگهيريو. هن جا چرندڙ پرندڙ چپ جمي ويا. هن جي چهري تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشيءَ جا آثار ظاهر ٿيا ۽ هن جي اکين مان لطيف روشنيءَ جا ڪِرڻا نڪري، مسئلن جي ڇهري تي پوڻ لڳا. ڪالهه جي اها حالت جنهن جي ياد ۾ هو ڳوڙها ڳاڙي چڪو هو، هن جي اکين ۾ ترڻ لڳي. هو مسئلن جي ويجهو ويو. هن جي ڇهري کي محبت ۽ مساوات جي چمي ڏنائين ۽ هن جو هٿ سون سان پري ڇڏيائين، ۽ پيار مان ڳوري آواز ۾ چوڻ لڳو، "ياٽو، هن وقت ايترو ٿي وٺ ۽ سيالي پنهنجي ياٽرن کي وٺي اچج ۽ پنهنجي دولت سنڀاليو."

سائل مرڪڻ لڳو، جيئن مکڙي بارش کان پوءِ مرڪندي آهي، ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻندو واپس هليو ويو.

هاڻي رحمدل سرمائيدار پنهنجي گهر ۾ هيئن چوندي گهڙيو. "زندگيءَ جي هر شيءِ سٺي آهي، ايستائين جو دولت به. دولت انسان کي تعليم ڏيندي آهي. دولت، سارنگيءَ جيان آهي، جيڪو هن کي وڄائي نه ڄاڻي، ان جي ڪنن ۾ بي سُرا راڳ ڳائيندي آهي. مال، محبت جيان آهي، جيڪو هن کي خرچ نه ٿو ڪري، اهو هن کي موت جي دروازي تائين پهچائي ٿو ۽ جيڪو ان کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ داتا ٿي ويندو آهي، اهو هن کي ابدي زندگيءَ سان مالامال ڪندو آهي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مڙدن جي وسندي

ڪالهه شهر جي هل هنگامي کان تنگ اچي، سرسبز پوکن جي پرسڪون دنيا کان لنگهي وسنديءَ کان ٻاهر اونچن اونچن پهاڙن تي ويس. فطرت جي بهترين لباس، سائي گاهه سان ڍڪيل هئا. پهاڙ تي چڙهي مون شهر تي هڪ نظر وڌي، ان جا وڏا وڏا محل ۽ عاليشان آبادي، ڪارخاني جي ڪاري دونهين جي پويان، جيڪو ڪارن ڪارن ڪڪرن جيان فضا ۾ گهمي رهيو هو، اکين کان لڪي ويا هئا.

مان هن خاموش دنيا ۾ جدا ويهي، انسان جي زندگي ۽ ان جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ لڳس. مشقت ۽ تڪليف کان سواءِ ڪجهه به نظر نه آيو. مون پنهنجي تصورات جو رخ ٻئي پاسي ڦيرايو ۽ پختو ارادو ڪيم ته ان نشيلي فضا کي انساني عملن جي تصورات سان گدلو نه ڪريان. مون ساون فصلن کي ڏٺو. اهي پنهنجي لطافت ۽ شادابيءَ جي ڪري خدائي تخت تي لڳا. پوکن جي وچ ۾ مون کي هڪ قبرستان ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ سَروُ جي وڻن ۾ لڪل قبرون سامهون نظر پئي آيون.

مان ان مقام تي هوس، جنهن جي هڪ طرف جيئرن جو شهر، پنهنجي ڏکهن محلن ۽ هل هنگامي سان ڀرپور فضا سان گڏ. منهنجي آڏو هو، ٻئي پاسي مئلن جو شهر عالم خاموشيءَ جي صورت ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي خاموش هستيءَ ۾ بيٺو هو. انهن ٻنهي وسندين جي وچ ۾ ويهي مان ٻنهي جي حالتن جو جائزو وٺڻ لڳس.

زنده انسانن جي وستيءَ ۾، هن جي مسلسل هلچل ۽ اٿ ڪٿ چرپر – هن جي، مئل لاشن جي وستيءَ جي، پرسڪون ۽ ڪڏهن ٻه چرپر ۾ نه ايندڙ حالتن تي غور ڪرڻ لڳس. هڪ طرف جيئرن جي وسندي – سراسر اميدن ۽ مايوسين جي دنيا. محبت ۽ حسن جي دنيا. سرمائيدار ۽ مزدور جي دنيا. مڃڻ ۽ انڪار ڪندڙن جي دنيا نظر آئي.

ٻئي پاسي، مئل لاشن جي وسندي. سڄي جي سڄي، هر طرف مٽيءَ جي ڍنوڙن تي ڍنوڙا نظر آيا. رات جي چپ چپات ۾، مٽيءَ جي انهن ٺنوڙن کي چيري، ٻوٽو پنهنجو سِرُ ڪڍندو آهي، جتي ڪنهن جاندار جي آواز فضا کي گدلو به نه ڪندو آهي.

مان پنهنجي خيالن ۾ ٻڏل هوس. بس ٻنهي وسندين جي حالتن تي غور ڪري رهيو هوس ته اوچتو منهنجي ڪنن ۾ شرنائين جو آواز پيو. منهنجي اکين ڏٺو ته زنده انسانن جو هڪ مجموعو اچي رهيو هو. ان جي اڳيان اڳيان سوڳ ۽ غم جا ساز وڄي رهيا آهن. فضا غمناڪ آوازن سان ڀرجي پئي وڃي. زنده انسانن جو هڪ گروهه آهي، جن جي چهرن مان عظمت ۽ وقار ٽمي رهيو آهي ۽ جن ۾ مختلف رنگن جا چهرا ڏسڻ ۾ پئي آيا. هي هڪ سرمائيدار جو جنازو هو. هڪ مئل لاش؛ جنهن جي پويان پويان جيئرن جي جماعت هئي. روئندڙ ۽ دانهون ڪوڪون ڪندڙ ۽ رڙندڙ روئندڙ.

جيئرن انسانن جو اهو گروهه جنازي جي جاءِ تي پهتو. پادري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچي جنازو پڙهڻ ۽ خوشبوئن جو واس ڏيڻ لڳو. ساز وڄائيندڙ جماعت هڪ طرف ٿي، غم جا سُر وڄائڻ لڳي. ٿوري دير ۾، اعظمن جي جماعت اڳتي وڌي ۽ فصيح زبان ۾ چونڊيل لفظن ۽ پنهنجي زوردار تقريرن سان ميت جي تعريف ڪئي. وري شاعر اڳتي آيا ۽ ميت جي شان ۾ ڊگها ڊگها مرثيا پڙهيا.

دفن جون رسمون پوريون ڪرڻ کان پوءِ هڪ اهڙي قبر چڙهي ويا، جنهن جي تياريءَ ۾ قبر بنائڻ وارن ۽ مصورن پنهنجي فن جو ڪمال ظاهر ڪيو هو. مان پري کان ئي اهو منظر ڏسندو رهيس. جلوس ماڻ ميٽ ۾ شهر طرف واپس ٿيو. سج هوريان هوريان هلندو پنهنجي منزل جي ويجهو ٿيڻ لڳو. روشني غائب ٿيڻ لڳي ۽ دنيا تي تاريڪي ڦهلجڻ لڳي.

ايتري دير ۾ پري کان ٻه ماڻهو ايندي نظر آيا. انهن جي ڪلهن تي، ڪاٺ جو ٺهيل تابوت هو. سندن پويان ڪير پياڪ ٻار ڪلهن تي کنيو، پراڻي ڦاٽل لباس ۾، ڪنڌ نوايو هڪ عورت هئي ۽ ان جي پيرن ۾ هڪ ڪتو، جيڪو ڪڏهن عورت ڏانهن لالچي نگاهن سان ڏسندو ۽ ڪڏهن تابوت تي پنهنجون نظرون پئي ڪپايائين. هڪ مفلس فقير جو جنازو، جنهن جي پويان هن جي زال، ڏک ۽ افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ. هڪ ٻار ماءُ جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي روئي رهيو هو ۽ هڪ وفادار ڪتو جيڪو بيواهه جيان غم ۾ غلطان ٻه تابوت سان هلي رهيو هو.

اهي ماڻهو قبرستان پهتا. رنگين ۽ چٽيل قبرن کان پري، قبرستان جي هڪ ڪنڊ ۾، هڪ کڏي ۾ تابوت کي دفن ڪري

چڏيو. پوءِ ماٺ ڪري واپس ٿيا. ڪتو پنهنجي مالڪ جي آخري آرام گاهہ طرف هر هر نهاري رهيو هو.

منهنجي ڏسندي ڏسندي هو وٽن جي پويان، منهنجي اکين کان اوجهل ٿي ويا. هيءُ منظر ڏسي مون جيئرن انسانن ڏانهن نگاهہ اڇلائي ۽ دل ۾ چيو، "هي ٻہ زبردست سرمائيدارن جو شهر آهي." وري مرده لاشن جي دنيا ڏانهن ڏٺم. سوچيم، هيءَ ٻہ زبردست سرمائيدارن جي دنيا آهي. اي خدا! مظلوم مزدورن جي دنيا ڪٿي آهي."

اچانڪ منهنجي نظر آسمان تي اڻامندڙ ڪڪرن تي پئي، جن جا ڪنارا سج جي ڪرڻن سان ڳاڙها ٿي چمڪي رهيا هئا. منهنجي دل آواز ڏنو، 'هيءَ غريب مزدورن جي دنيا آهي.'

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بي لاش

درياءَ ڪناري، اخروٽن جي ڇانءَ ۾ هڪ غريب هاريءَ جو پٽ ويٺي، خاموشيءَ سان پاڻيءَ جي رواني‌ءَ ۾ جوهہ پايو مگن لڳو ويٺو آهي. هڪ جوان جنهن ٻنيءَ ۾ پرورش پاتي، جتي ڪائنات جي هر شيءِ محبت جي دنيا ۾ ساهہ کڻندي آهي. وڻن جون ٽاريون هڪٻئي سان ياڪيون پائيندون آهن. گلن جون ٽاريون هڪٻئي تي جهڪيل رهنديون آهن. پکي هڪٻئي جو روح ڳائيندا رهندا آهن. جتي هر طبيعت روح ئي ٻڌيل رهندي آهي.

ويهہ ورهين جو غريب نوجوان، جنهن جي نگاهہ هڪ ئي ڏينهن اڳ چشمي جي ڪنڌيءَ تي ڇوڪرين جي جهرمٽ ۾ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ تي پئي تہ ان سان محبت ڪرڻ لڳو.

نيٺ ڪيس پتو پيو تہ هيءَ هڪ امير والد جي ڇوڪري آهي، پنهنجي من کي ملامت ڪيائين، ۽ پنهنجي دل سان پنهنجي نفس جون شڪايتون ڪرڻ لڳو. پر ملامت ڪرڻ جي باوجود دل محبت کان ڪٿي ٿي رهي سگهي ۽ سُهمن سان نفس هڪ حقيقت کي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهي. انسان پنهنجي دل ۽ نفس جي وچ ۾ ان نازڪ ڪونپل جيان آهي، جيڪا چؤگرد گهلندڙ هوا جي وچ ۾ بيٺي هجي.

نوجوان سامهون نگاهہ ڪئي تہ بنفشي جو گل، ڪنول جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گلن سان گڏ قتل هئا. نوجوان پنهنجي هيکلائيءَ تي ڏاڍو رنو.

محبت جون پرسرور گهڙيون ڇانوري جيان گذرنديون محسوس ٿيس. هو پنهنجو پاڻ کي هيئن ڇوڙ لڳو. هن جا ڳوڙها هن جي ڏکويل اکين مان جاري هئا ۽ ان جي دل جا امنگ پاڻيءَ جيان وهي ويا هئا. محبت مون سان چرچا پئي ڪري. هوءَ مون کي ڇڪي ان ميدان ۾ آڻي آهي، جتي اميدون عيب نظر اينديون آهن. جتي ذلت جا آئينہ دار آهن. محبت جنهن کي مون پنهنجو معبود ڪيو، اها منهنجي دل کي اميد جي محلات ۾ ڪڍي آئي آهي. پر منهنجي دنيا هڪ غريب هاريءَ جي جهوپڙيءَ تائين محدود رکيائين ۽ منهنجي نفس کي ان حسن جي چوڌيوار ۾ قيد ڪري ڇڏيو. جنهن جي چوطرف وڏيون هستيون ڦيرا پائينديون رهنديون آهن. جنهن جي شرافت هن کي پنهنجي پناهہ ۾ آڻي ڇڏيندي آهي. چڱو محبت! مان تنهنجي اشارن تي هلڻ لاءِ تيار آهيان. ٻڌاءِ ڇا ڪريان؟ باهہ جي برندڙ شعلن ۾ مان تنهنجي پويان پيو اچان ۽ منهنجو جسم لهسجي ويو آهي. مون پنهنجون اکيون کوليون تہ چوطرف اوندهہ کان سواءِ مون کي ڪابہ شيءِ نظر نہ آئي. مون ڪجهہ ڳالهائڻ گهريو تہ آهہ ۽ افسوس کان سواءِ مان ڪجهہ بہ چوڻ جي قابل نہ هوس.

اي محبت! مان ڪمزور ۽ غير صحتمند آهيان ۽ تون داناءُ. پوءِ تون ڇو ٿي مون سان مقابلو ڪرين؟

مان بي گناهہ آهيان ۽ تون انصاف پسند. پوءِ تون ڇو ٿي مون تي ظلم ڪرين؟ توکان سواءِ منهنجو ڪوبہ مددگار ناهي. پوءِ تون ڇو ٿي مون کي ذليل ڪرين؟ تون ئي منهنجي پيدائش جو باعث

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهين. پوءِ ڇو ٿي مون کي اڪيلو ڇڏين؟ توکي اجازت آهي، جيڪڏهن تنهنجي مرضيءَ خلاف منهنجي رڳن ۾ رت وهي ته ان کي زمين تي وهائي ڇڏجانءِ. جيڪڏهن تنهنجي ڏسيل رستن کان سواءِ منهنجا پير ڪڄن ته تون اهي ڪپي ڇڏج.

منهنجي بدن سان جو نون چاهين ڪر. پر منهنجي نفس کي آزاد ڇڏي ڏي ته تنهنجي چانءَ ۾ هٿ ٻنهي ۾ زندگي گذاري.

ننڍيون ننڍيون نديون پنهنجي محبوب سمنڊ ڏانهن وڃي رهيون آهن. مکڙيون پنهنجي پريتم سج کي ڏسي مرڪي رهيون آهن.

بادل پنهنجي من واديءَ ڏانهن لڙيا آهن.

پر نه ئي نديون منهنجي حال کان واقف آهن، نه ئي مکڙيون منهنجي فرياد رس آهن ۽ نه ئي ڪڪرن کي منهنجي مصيبتن جو ڪو علم آهي.

پر اي محبت! تو مون کي پنهنجي مصيبتن ۾ بي يارو مددگار ڏٺو، مون کي پنهنجي عشق جي جنون ۾ اڪيلو ڏٺئه ۽ ان محبوبه کان پري ڏٺئه، جيڪا نه ته مون کي پنهنجي پيءُ جي فوجن جو سپاهي ڏسڻ تي پسند ڪري، نه ئي مون کي پنهنجي محلات جوغلام تي ڏسڻ چاهي. ايترو چئي، نوجوان ماٺ ٿي ويو. ڪن لائي ڪنهن جو آواز ٻڌڻ لڳو. اٿين پٺي لڳو ته هو نديءَ جو آواز ۽ ٽارين جي پنن جي ڪڙڪڙاهٽ کان ڪجهه سکڻ پيو چاهي. توري دير رکي وري چوڻ لڳو.

اي محبوبا! جنهن جي نانءَ کان ڊڄندي مان هن جو نالو به زبان تي آڻي نه توسگهان. اي عظمت جي پردن ۽ رعب جي ديوان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي اکين کان روپوش محبوبه!

اي جنت جي پري، جنهن سان ملڻ جي توقع مون کي ڪائنات عالم جي خالق جي داتا کان سواءِ جتي هڪجهڙائيءَ جو زور هوندو اتي ننڍي وڏي جي سڃاڻ نه ٿيندي - ڪٿي به نه.

اي ڏس! تنهنجي هڪ اشاري سان تيز تلوارون ٿيون هلن - سرڪشن جا ڪنڌ تنهنجي آڏو جهڪن ٿا - متڪبر بادشاهن جا خزانا ۽ اڪيلائيءَ ۾ ويهندڙ عابدن جا عبادت گاهه تنهنجي لاءِ سدائين کليل رهندا آهن. تو اهڙيءَ دل تي قبضو ڪري ورتو آهي، جنهن کي محبت جي شراب پاڪ ڪري ڇڏيو آهي - اهڙي ساهه کي غلام بڻايو اٿئي، جنهن کي تنهنجي خالق عزت ڏني ۽ عقل اهڙو ڪسيو اٿس، جو ڪالهه تائين ان ساوڪ ۾ آزاد جهرڪين جيان، سائين پوکن مان لطف اندوز ٿي رهيو هو ۽ اڄ عشق جي هٿان قيدي بڻجي پيو آهي.

اي دنيا جي حسين ترين عورت! مون توکي ڏسي ڄاتي ورتو آهي ته منهنجو دنيا ۾ اچڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ ۽ جڏهن مون تنهنجي اونچي مقام ۽ پنهنجي گهٽ پٽي تي نظر وڌي ته مون کي پتو پيو ته خدا جا راز اهڙا به آهن جيڪي انسان جي پهچ کان مٿانهان آهن ۽ ڪجهه اهڙا به رستا آهن، جيڪي انسانن جي رستن کان الڳ ٿلڳ آهن. پر محبت انسان کي انهن تي خوشيءَ مان وٺي ويندي آهي.

جڏهن مون تنهنجا مرگهه - نيڻ ڏٺا ته مون کي پتو پيو ته زندگي هڪ جنت آهي، جنهن جو دروازو انسان جي دل ۾ آهي، جڏهن پنهنجي ۽ تنهنجي مرتبي تي نظر ٻوڙايم ته معلوم ٿيو ته هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي سنسار ۾ منهنجي رهڻ لاءِ ڪا جاءِ ناهي. جڏهن مون توکي تنهنجي سهيلين جي ميڙاڪي ۾ ڦيريون ڦيرو ڏنو ته ائين ڀانيم جيئن گلن جي گلدستي ۾ گلاب جو گل هجي، ته مون کي شڪ ٿيو ته منهنجي خوابن جي ڪنوار مجسم ٿي منهنجي آڏو آئي آهي. پر جڏهن تنهنجي خاندان جي مرتبي کي ڏٺم ته پڪ ٿيم ته گلاب جا گل پٽڻ کان اڳ ڪنڊا آڱرين کي زخمي ڪندا آهن ۽ خواب جي حسين دنيا کي سڄاڳيءَ جي هڪ گهڙي برباد ڪندي آهي.

ايترو چئي نوجوان جهرڻي طرف راهي ٿيو. هن جي بدن جا سڀ عضوا جواب ڏئي چڪا هئا ۽ هو غم ۽ نااميديءَ جو مجسمو بڻيل هو ۽ وري ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳو، ”اي موت! اچ ۽ مون کي غمن سان ٽمٽار هن زندگيءَ مان نجات ڏيار. اها زمين جنهن جا ڪنڊا؛ هن جي مکڙين جو قتل ڪندا آهن، رهڻ لائق ناهي. جلدي اچ، ۽ مون کي پنهنجي آغوش ۾ وٺ، جيئن مان پنهنجي اکين سان، اهو ڏينهن نه ڏسي سگهان، جڏهن محبت جي جاءِ تي دنياوي عزت حڪومت ڪري.“

”اي موت! مون کي زندگيءَ جي قيد کان آجو ڪراءِ، هن دنيا ۾ دوستن جي ملڻ سان، ابدي عالم ۾ ان سان گڏجڻ وڌيڪ بهتر آهي. مان ابدي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي محبوبه جو انتظار ڪندس، اتي ئي هن سان ملندس.“

نوجوان جهرڻي وٽ پهتو ته شام ٿي چڪي هئي. سج پنهنجي سونهري چادر ويڙهي ۽ ساوڻ فصلن تان سرڪڻ لڳو هو. هو اتي ويهي ان گاهه تي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. جنهن کي ٿوري دير اڳ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوبہ! امير ڇوڪري پنهنجي پيرن سان لتاڙي ڇڪي هئي. هن جو ڪنڌ سيني ڏانهن جهڪيل اٿيئن پئي لڳو ڄڻ هو پنهنجي دل کي ٻاهر نڪرڻ کان جهليندو هجي.

ان وقت اخڙوٽ جي وڻن جي اوٽ مان هڪ نوجوان دوشيزه، ناز مان پنهنجي دانون سائي گاهہ تي گهليندي ظاهر ٿي ۽ هلندي اچي نوجوان جي پر ۾ بيٺي، پنهنجو نرم ۽ نازڪ هٿ هن جي مٿي تي رکيائين. نوجوان هن ڏانهن ان شخص جيان ڏٺو، جنهن کي سُتي سُتي سچ جي ڪرڻن سجاڳ ڪري وڌو هجي. اکيون پٽيندي ٿي محبوبہ، امير جي ڌيءُ کي پنهنجي آڏو ڏٺائين. موسيٰ جيان، جڏهن هن ڪوهِ طور تي خدا جو جلوو پنهنجي آڏو چمڪندو ڏٺو تہ، گوڏا کوڙي، جهڪي پيو. خوف - حسن جي رعب ۽ خوشيءَ جي ڪري زبان ڪجهہ ڪڇڻ کان قاصر رهي، پر انهن اکين سان، جن مان لڳاتار لڙڪ لڙي رهيا هئا، دل جو سارو حال ٻڌائي ڇڏيو.

سهڻي ڇوڪريءَ هن کي ڀاڪر ۾ ڀريو. هن جا چپ چميائين ۽ اکين تي وات رکي، هن جي سمورن گرم گرم ساهن کي ٻڌي وٺي ۽ بانسريءَ جي سُر کان بہ وڌيڪ؛ لئہ کان بہ وڌ مٺي؛ آواز ۾ هن سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي:

”منهنجا محبوب! مون توکي انهن خوابن جي دنيا ۾ ڏٺو، مون پنهنجو تصور ان ويل پنهنجي سامهون رکيو، جڏهن سڄي ڪائنات، ننڊ جي هنج ۾ مست پئي هئي. تون منهنجو اهو ساٿي آهين، جنهن جي مون کي تلاش هئي، ۽ منهنجي حسن جو اهو شريڪ آهين، جنهن کي ان وقت جدا ڪيو ويو هو، جڏهن مون کي هن دنيا ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موڪليو پئي ويو.

”منهنجا محبوب! مان لکي صرف ان لاءِ ايندي آهيان تہ توسان ملان. منهنجي ڪوشش ڪامياب وئي ۽ ڏس تہ منهنجون نازڪ ٻانهون تنهنجي ڳچيءَ جو هار بڻيل آهن.

”غم نہ ڪر! ڪنهن پراڻهين وسنديءَ ۾، زندگيءَ ۽ موت جو پيالو هڪ وقت پيئڻ لاءِ، مان پنهنجي پيءُ جي وڏي شخصيت ڪي ڇڏي آئي آهيان.

”منهنجا محبوب! اڄ تہ انسانن جي ان وسنديءَ ڪان پري هڪ نئين دنيا آباد ڪريون.“

ٻئي محبوب، ٻئي عاشق هلڻ لڳا. رات جي اونده ۾ ٻنهي کي دنيا جي نظرن ڪان لڪائي رهي هئي. امير جا ظالم هٿ ۽ رات جي بيچاريندڙ شڪلين ڪان هو بي خوف هئا.

چند ڏينهن ڪان پوءِ، امير جي جاسوسن، شهر ڪان پري ٻہ لاش ڏٺا. هڪ جي ڳچيءَ ۾ سون جو هار هو. ويجهو ئي هڪ پٿر جي سليٽ تي هيءَ عبارت اڪريل هئي. ”اسان کي محبت ماري وڌو آهي. ڪير آهي جيڪو اسان کي جدا ڪري سگهي ۽ محبت اسان کي پنهنجي هنج ۾ جاءِ ڏني آهي، ڪير آهي جيڪو اسان کي واپس موٽائي سگهي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# محبت جي زندگي

بهار.

اٿ! منهنجي محبوبا وڻڪار ۾ هلون.

برف ڳري وئي. زندگي سجاڳ ٿي ۽ وادين ۾ نکري بيٺي آهي.

مون سان گڏجي هل تہ پري فصلن ۾ بهار جي نقش قدم تي هلون.

اچ تہ پهاڙين تي چڙهي، ان جي چوڌرد فصلن جي ساوڪ مان لطف ماڻيون.

بهار جي صبح وري اها چادر وڇائي آهي، جيڪا سياري جي ڊگهين راتين ويڙهي ڇڏي هئي. صوفن ۽ ڏاڙهن جا وڻ بهار جي چادر ويڙهيو، شب برات جي ڪنوار جيان لڳي رهيا آهن.

انگور جون وليون جاڳيون آهن ۽ انهن جون شاخون عاشقن جيان ٻڪجي ويون آهن.

نديون وڻڪار ۾ خوشيءَ جا گيت ڳائي نچڻ لڳيون آهن.

مکڙيون ڏاندين مان ائين ڦٽي نڪتيون آهن، جيئن سمنڊ جي متاڇري تي گج.

اچ، نرگس جي پيالين مان بارش جا بچيل لڙڪ پيون، ۽ ٽڏڙي هير ۾ گڏيل خوشبوئن تي ڌاڙا هڻون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ هن ساوڪ وٽ ويهي محبت جون چميون ونون، جتي بنفشي جو گل لڪو پيئو آهي.

**گرمي.**

اٺ! منهنجي محبوبہ فصلن ۾ هلون.

سج جي طبعي محبت سان فصل پچي ويو آهي ۽ ان جي لوبَ جو وقت اچي ويو آهي. جلدي اچ، ائين نہ ٿئي تہ پکي اسان کان اڳ پهچي وڃن ۽ ائين نہ ٿئي تہ ڪوليون شروعات ڪن ۽ اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪري وڃن.

اٺ! تہ زمين جا ميوا ائين پٽيون جيئن اسان جا روح وفا جي ٻج مان سعادت جا اهي ميوا پٽي چڪا آهن، جن کي محبت اسان جي اونهين گهراين ۾ پوکيو هو ۽ چئن عنصرن جي پيداوار کان پنهنجا خزانا ائين ڀريون جيئن زندگيءَ اسان جي من جي دنيا کي ڀُر ڪري ڇڏيو آهي.

هل! محبوبہ! سائي سائي گاهہ جي وڇائي تي ليٽي، نيري آسمان جي سَوڙ وجهي، نرم گاهہ جي سلن تي مٿو ٽيڪي، سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهيون، ۽ واديءَ جي ڪبوترن جي سرٻاٽن کي ڪن لائي ٻڌون.

**خزان.**

اٺ! منهنجي محبوبہ! باغ ۾ هلون. انگورن مان رس ڪڍون ۽ جيئن روح ڇوهہ جي حڪمت رکندو آهي... اسان خشڪ ميوا گڏ ڪريون. نازڪ مکڙيون نپوڙيون ۽ اکين جي نظارن کان هڪ قدم اڳتي وڃائي منظر تي هٿ ڦيرڻ جو لطف مائيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ! آباديءَ جي رستي تي هلون. وڻن جا پن سڪي ٽڪا ٿي ويا آهن. خزان جي هوا انهن کي وکيري ڇڏيو آهي. هوءَ چاهي ٿي ته گرميءَ ماريل مکڙين جي لاءِ انهن پنن جو ڪفن تيار ڪري، پارائي.

هل! پکي سمنڊ جي ڪپرن ڏانهن، وڻن ڏانهن سفر ڪري هليا ويا آهن، چمن جي شگفتگي اهي پاڻ سان کڻي ويا آهن. سُوسن ۽ چنبيليءَ تي وحشت برسي رهي آهي، اهي پنهنجا باقي لڙڪ زمين تي ڪيرائي رهيون آهن.

اڄ! واپس هلون. نديون بيهي رهيون آهن. اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها ناهن. ٻهاڙيون پنهنجو لباس لاهي چڪيون. هل، پياري! طبيعت بيزار ٿي رهي آهي.

**سيارو.**

اوڏو اڄ! منهنجي زندگيءَ جي ساٿي. ويجهو اچ ته برف جي ٿڌي هوا اسان جي جسمن کي جدا ڪري نه سگهي. هن سگريءَ جي آڏو، منهنجي پير ۾ ويهه. باهه ٿي ته سرديءَ جو محبوب ترين ميوو آهي. ايندڙ زندگيءَ جون ڳالهيون ڪر. سرد هوا جي سائين سائين سان منهنجا ڪن پرجي ويا آهن. ڪمري جون سڀ دريون، سمورا روشندان بند ڪري ڇڏ. باهرين غضبناڪ فضا ۽ برف جي هيٺان اداس شهر، منهنجي دل کي قتل ڪري رهيا آهن. ڏيئي ۾ تيل وجهه. ڏسين نه ٿي ته اهو اجهامڻ لڳو آهي. ان کي پنهنجي ويجهو رک ته جيئن مان تنهنجي چهري تي سرديءَ جي ڏکين راتين جو لکيل پڙهي سگهان – شراب جو پيالو آڻ ته جيءَ پري پيئون ۽ بهار جي ياد تازي ڪريون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي ويجهو اچ! منهنجي جان، باھ ٺري چڪي آهي. خاڪ ان کي پنهنجي سيني ۾ لڪائڻ لڳي آهي. منهنجي ويجهو اچ - ۽ مون کي پنهنجي سيني سان لڳاءِ. ڏيئو به وسامي ويو ۽ رات جي اوندھ ان کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

ننڍ جي گهيرڻ اکيون ننڍاکيون ڪري ڇڏيون آهن. مون کي پنهنجي ڪجلين اکين سان گهوري ڏس. ان کان اڳ، جو ننڍ مون کي پنهنجي سيني لائي، تون پنهنجي سيني سان لڳاءِ. منهنجو چهرو چمڻ، برف تنهنجي چمڻ کان سواءِ، ساري ڪائنات تي ڇانئجي چڪي آهي!

افسوس! اي منهنجي محبوب! ننڊ جو سمنڊ ڪيترو اونهو ۽ سچ جي روشني ڪيتري پري آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# شاعر جو موت

رات جي اونده پنهنجي ڪاري چادر شهر مٿان ڦهلائي ڇڏي. برف ان کي سفيد لباس ڍڪايو. رهاڪو سرديءَ جي خوف کان پنهنجي پنهنجي محلاتن ۽ گهرن ۽ جهوپڙين ۾ گهڙي ويا. ٿڌيون هوائون گهرن سان ٽڪرجي، اهڙا آواز پيدا ڪرڻ لڳيون، ڄڻ قبرن جي خاموش وسنديءَ ۾، ڪوئي نوحه خوان مرثيا پڙهيو رهيو هجي.

شهر جي ڪناري، آباديءَ کان ڪجهه پريرو، هڪ پراڻو گهر هو. گهر جون ڀتيون ڀُري ويون هيون ۽ برف جي وزن ڪري، گهر ڪِرڻ تي هو. گهر جي هڪ ڪنڊ ۾، پراڻي بستري تي هڪ نوجوان سامهون هلندو، ڏيئي کي گهوري رهيو هو. جيڪو رات جي خوفائتي اونده تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نوجوان جنهن جي عمر پنهنجي بهار جون منزلون طئه ڪري رهي هئي. ڄاڻي چڪو هو ته زندگيءَ جي ڏکوئيندڙ گهڙين کان نجات جو وقت ويجهو آهي. هو موت جي انتظار ۾ هو. هن جي زرد چهري تي اميد جي جهلڪ ڏسڻ ۾ پئي آئي، هن جي چپن تي غمگين مرڪن جا آثار هئا. هڪ شاعر، جنهن جي تخليق جو مقصد هي هو ته پنهنجي ڪلام سان انساني قلبن کي خوش ڪري، جيڪي سرمائيدار انسانن جي دنيا ۾ مري رهيا هئا. هڪ شريف النفس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ماءُ جي چمين جو لطف ناهي ماڻيو. پيءُ جي ڳلن کي چميو نہ اٿس. ۽ نہ ٿي ڪنهن پياري محبوبہ جي سفيد ڏندن کي هن هٿ لاتو آهي. اي منهنجا محبوب موت! جلد ڪر ۽ مون کي پنهنجي سيني سان لاءِ."

سڪرات جي حالت ۾ پيل نوجوان جي بستري جي ويجهو، هڪ حسين عورت جو خيال آيو. جيڪا برف کان وڌيڪ سفيد لباس ۾ ملبوس هئي ۽ جنهن جي هٿن ۾ جنت جي ساون پنن مان تيار ڪيل زمردي تاج هو. عورت نوجوان جي ويجهو آئي ۽ ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريائين. هن جي اکين کي بند ڪيائين، جيئن هو ڪيس دل جي اکين سان ڏسي. محبت سان هن جي چپن کي ڏوتائين. هڪ چمي ڏنائينس، جنهن نوجوان جي چپن تي مرڪن جا آثار نمودار ڪيا.

گهر خالي ٿي ويو. صرف مٽيءَ جو ڍير وچي بچيو. ڪاغذن جا چند ورق جيڪي اوندهہ جي ڪنڊن ۾ وکريا پيا هئا.

زمانو لنگهي ويو. ان وسنديءَ جا ماڻهو پنهنجي بدمستين ۾ بيهوش پيا هئا. جڏهن کين هوش آيو تہ اکين مان مستيءَ جو خمار ويندو رهين تہ شهر جي وچ ۾، پبلڪ پارڪ جي بلڪل وچ ۾ ، شاعر جو مجسمو بيهاريو ويو ۽ هن جي هر سال ورسي ملهائجڻ لڳي.

آه! انسان ڪيترو جاهل آهي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مون کي محبت آهي

انتها پسندن سان مون کي محبت آهي

مون کي اهڙن ماڻهن سان محبت آهي، جيڪي زندگيءَ جي سمنڊ جي اونهائين ۾ لهي وڃڻ ۽ زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، چوٽين تي چڙهڻ جي سگهه رکندا هجن.

مون کي انهن سان محبت آهي، جيڪي سدائين هڪجهڙائي جي ڳولا ۽ جستجوءَ ۾ رهندا آهن ۽ مون کي اهڙن مسيح روحن جي تمنا آهي، جيڪا 'ترڪيب' کي بالطبع قبول ناهن ڪنديون ۽ 'تقسيم' جن جي جوهر جي پرسان به نٿي لنگهي.

مون کي محبت آهي انهن انتها پسند دليرن سان، جيڪي پنهنجي شوق ۽ آرزوءَ جي باهه ۾ سڙندا آهن ۽ پنهنجي دلين جي وجدان ڪري بي چين آهن. پنهنجي جذبن جو قدر ڪندا آهن. اصولن جي ميدان جي راز کان پري ٿي اصل اصول کي پنهنجو مرڪز سمجهندا آهن، جيڪو هڪ طرف کين ڪڪرن کان به اڳتي وٺي ويندو آهي ته ٻئي طرف کين سمنڊ جي اونهائين ۾ اڇلائي سگهندو آهي.

مان اعتدال (برابري) پسندن کي ڄاڻندو آهيان، مون هنن جي ارادن کي توريو آهي. هنن جي ڪوشش کي جاچيو آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي ڏڄندڙ ۽ گيدي آهن، جيڪي بادشاهه جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪل ۾ 'حق' کان ۽ شيطان جي صورت ۾ 'باطل' کان ڊڄندا آهن، ۽ انهن عقيدن ۽ قائدن جي گهيري ۾ پناهہ ورتي اٿئون، جيڪي نہ فائديمند آهن ۽ نہ نقصانڪار - ۽ انهن سهنجهن رستن تي هلڻ لڳا آهن، جيڪي ڪين پڙيانگ جهگلن ۽ اجڙيل ويرانين ۾ وڃي ويندا آهن.

انهن سنسان جهنگن ۽ ويرانين ۾ جيڪي هدايت ۽ گمراهيءَ کان خالي آهن، جتي ڪاميابيون ۽ ناڪاميون بنهہ ناپيد آهن.

زندگي سانوڻ رت آهي، جنهن جي تمنائن ۽ آرزوئن جا سمنڊ مترنم هوندا آهن ۽ زندگي، سياري رُت آهي، جيڪا ان جي اندارين جي ماريندڙ هئڻ ڪري خطرناڪ آهي. ان ڪري جيڪو بہ پنهنجي زندگيءَ کي ساوڻ رت جي خوابيده خمار ۽ سياري جي خشڪ ڏيڄاريندڙ موسم کان محفوظ رکڻ جي لاءِ هن کي مختلف حصن ۾ ورهائڻ لاءِ برابريءَ کان ڪم وٺندو آهي، تہ هڪ طرف هن جا ڏينهن جمال ۽ جلال کان خالي ۽ راتيون افسانن ۽ خوابن کان محروم رهجي وينديون آهن. ٻئي پاسي هو پاڻ درندن جي مقابلي ۾ مُردن جي ويجهو تي ويندو آهي، اجان بہ انهن مرڻ جي ويجهو انسانن مان تي ويندو آهي، جيڪي نہ ئي زمين جي وطن ۾ سمهڻ لاءِ مرندا آهن ۽ نہ ئي سج جي روشنيءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ صحتمند هوندا آهن.

دين جي معاملي سهل پسنديءَ کان ڪم وٺڻ وارو ماڻهو سزا جي خوف ۽ جزا جي خواهش جي وچ ۾ حيران پريشان جي صورت ۾ بيٺو رهي ٿو. جڏهن هو ايمان وارن جي جتي سان گڏجي هلي ٿو تہ گهوڙين جي سهاري هلندو آهي. جڏهن ڪڏهن رڪوع جي حالت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ وجي ٿو تہ سندس فڪر سندس آڏو اچي سائنس چرچا ڪندو آهي.

جيڪو دنيا ۾ سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندو آهي، اهو ڏکيو عرصو اتي ئي بيٺو رهندو آهي، جتي هو پيدا ٿيو هوندو آهي. هو نہ پوئتي ٿيندو آهي جو ماڻهو سندس رجعت مان سبق حاصل ڪن، نہ ئي اڳتي قدم وڌائيندو آهي، جو دنيا کي سنئون رستو ڏيکاري سگهي يا پنهنجي ڪارنامن سان ڪنهن جوش ۽ ترغيب ڏئي. ان جي پيٽ ۾ هو بت جيان حيران ۽ بنا چرپر جي بيٺو رهندو آهي. سندس نظرون پنهنجي ئي پاڇي تي ڪتل هونديون آهن ۽ سندس ڪن دل جي ڌڙڪڻ تي لڳا رهندا آهن، جيئن پنهنجي ئي ساهن کي ڳڻي سگهي.

وري جيڪو محبت ۾ سهل پسندي چاهيندو آهي، اهو نہ هن جي شفاف بلورين پيالن مان ٿڌو مٺو شربت پي سگهندو آهي ۽ نہ گرم، نہ ئي ڪيس گرم ۽ سخت شراب جا ڍڪ نصيب ٿيندا آهن. هن جا چپ ڪني پاڻيءَ سان تر رهندا آهن، جنهن کي جهالت، ڪمزوري ۽ خوف جي تلاءُ مان پيئندي آهي.

وري جيڪڏهن ڪوئي بديءَ جي جهل ۽ نيڪيءَ جي پرچار ۾ سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندو آهي، اهو نہ بديءَ کي هارائي ٿو سگهي ۽ نہ ئي نيڪيءَ جي مدد ڪري سگهندو آهي. اهو صرف ان ڳالهہ تي ڪفايت ڪندو آهي تہ وهندڙ جذبن جي چوڌير بيٺل جذبن جو دائرو ٺاهي، پنهنجي ساري عمر خواهشن جي ويران ۽ سنڌ ڪناري تي گذاري ڇڏيندو آهي. سڀيءَ جيان هن جو ڏيک، پٽر

جيان سخت ۽ باطن غليظ پوڻ سان پريل هوندو آهي. کيس اها به پروڙ نہ هوندي آهي تہ زندگيءَ جي سمنڊ ۾ چاڙهہ کڏهن ختم ٿيو ۽ لاٿ کڏهن شروع ٿي.

وري جيڪو عظمت ۽ اوچائيءَ جي طلب ۾ سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندو آهي، ان جي پهچ انهن تائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندي، اهو عظمت ۽ بزرگيءَ جي روح جي حقيقي نکار ۽ حسن ڏانهن ڌيان نہ ڏيندو آهي، پر ان جي ظاهري ملمع سازي تي سون جو چمڪندڙ پاڻي چاڙهي ڇڏيندو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ نہ سگهندو آهي. ان تائين جو هوا جو هڪڙو معمولي جهونڪو ۽ روشنيءَ جو هلڪو ڪرڻو بہ ان کي فنا ڪري ڇڏيندو آهي.

وري جيڪو آزاديءَ جي ڪنوار جي طلب ۾ سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندو آهي، اهو پهاڙن ۽ بيابانن ۾ ان جي پيرن جي نشانن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسي نہ سگهندو آهي، جو تہ آزادي بہ زندگيءَ مثال آهي، جيڪا منڊڻ ۽ هٿ پير وڍي ويهڻ وارن جي لاءِ پنهنجي رفتار ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽائيندي ناهي.

وري جيڪو خواهشن ۾ سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندو آهي، اهو اونچي ۽ ڏکيي يا نظر جي ٽوڪي ۽ مختصر زندگيءَ جو طالب هوندو آهي. پر هن جي ارادن ۽ خواهشن جي خلاف کيس ڏکيي ۽ بي رنگ، ڇسي ۽ بدمزي زندگي نصيب ٿيندي آهي. ان جي خلاف جيڪڏهن هو انتها پسندن مان هجي ها تہ ڪاميابي ۽ فتح جي دائون هن جي هٿ ۾ هجي ها ۽ اها محبت، حق ۽ آزاديءَ سان گڏيل هجي ها. مون ٻڌو پئي تہ ڏکويل سهل پسند ڇٽي رهيو هو، "قناعت اهو

جيان هلڻ لڳيون ۽ هو هڪٻئي کي چوڻ لڳا. "اڄ اسان هنن آزاريندڙ انتها پسند مان جان آجي ڪئي!"

پر هنن نہ ٿي ڄاتو تہ هن جو روح ان گهڙيءَ نسلن ۽ قومن تي غالب ٿيندو ويو آهي.

مون کي محبت آهي انهن سان، جن پنهنجي پيءُ ڏاڏن جي شان شوڪت کي ڇڏي ڏنو ۽ ريشمي خلعت جي بدران پراڻي سراڻي گودڙي ۽ وڏائيءَ جي بدران ذلت قبولي، ان مرڪز طرف اڪيلا روانا ٿيا. جيڪو الهام ۽ وحيءَ جو سرچشمو آهي. سهل پسندن سان مشڪري ڪندي ۽ ان جي ان عمل تي حيرت جو اظهار ڪندا رهيا. پر هن جون نازڪ ۽ ڏکيون آڱريون، وجود جي ظاهر ۽ لڪل پاسن کان ڪٺي ڪنديون رهيون.

مون کي محبت آهي انهن شهيدن سان جيڪي موت جي تمنا ۾ سرن جي بازي لڳائيندا آهن، آخري مقصد کان سواءِ دنيا جي هر شيءِ کي زرخيز ڄاڻندا آهن ۽ اوچي مقصد کان سواءِ هر شيءِ کي حقير ڄاڻندا آهن.

مون کي محبت آهي انهن ماڻهن سان جيڪي باهہ ۾ ساڙيا ويا، سنگسار ڪيا ويا، سوريءَ تي چاڙهيا ويا، تلوار جي آڏو آندا ويا، ان فڪر جي ڪري جنهن سندن عقل کي پنهنجو ڪيو آهي. يا ان جذبي جي ڪري، جنهن سندن دلين ۾ هڪ نئين باهہ ڀڙڪائي هئي.

مون کي محبت آهي انتها پسندن سان، ان ڪري اهوئي سبب آهي جو مون جڏهن بہ جام پنهنجي چپن تي آندو تہ سندن خوف ۽

لڙڪن جو ساءُ چکيم. ۽ جڏهن، ڪنهن ويل پنهنجي دريءَ مان ٻاهرين فضا ۾ نهار ڪيم ته هنن جا پرندڙ، چمڪندڙ چهرا ڏٺم. جڏهن ٻه، انتاريءَ جي آولڙ تي ڪن ترين ته هوا جي ڪلهن تي ترندي، سندن خوشيءَ جا گيت ۽ خوشين جا آلاپ ٻڌم!

SHER ALI CHANDIO ★ CHANDIA GOTH QASIMABAD ★ SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# توهين ۽ اسين

اسين غم جا پٽ آهيون ۽ توهين خوشيءَ جا پٽ!
اسين غم جو اولاد آهيون ۽ غم خدا جو پاڇو آهي، جيڪو گنهگارن جي پر ۾ پنهنجو گهر نه ٺاهيندو آهي. اسان جا روح اداس آهن ۽ اداسي اهڙو وڏو مرتبو آهي، جيڪو حقير ۽ ڪمتر روحن کي نه ملندو آهي.
اسان روئندا آهيون، ڏاڍهون ۽ آهون ڪندا آهيون. اي کلڻ وارؤ! ۽ اهو جيڪو هڪ ڀيرو به پنهنجي لڙڪن سان وهنتو، اهو روح ازل تائين پاڪ ۽ صاف ٿي ويو.
توهين، اسان کي نه ٿا ڄاڻو، پر اسين اوهان کي ڄاڻون سڃاڻون ٿا. توهين حياتيءَ جي سمنڊ جي طوفاني ڇهڙين لهرن سان گڏ وهندا ٿا وڃو، ۽ اسان کي مڙي ڏسڻ به نه ٿا چاهيو. پر اسين ڪناري تي ويهي اوهان کي چڱي طرح ڏسي رهيا آهيون ۽ اوهان جا آواز به خوب ٻڌي رهيا آهيون.
توهين اسان جي فرياد ۽ ماتم تي ڪن نه ٿا ڏيو، زماني جون ڏاڍهون ۽ ڪوڪون اوهان جي ڪنن ۾ پڙاڏاجي رهيون آهن، پر اسين اوهان جا گيت ٻڌي رهيا آهيون. ان ڪري جو رات جي سرباڻن اسان جي ڪنن کي کولي ڇڏيو آهي. اسين اوهان کي ڏسي ٿا سگهون جو اوهين ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ ويٺا آهيو، پر اوهين اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي ڏسي نٿا سگهو. ڇاڪاڻ جو اسين روشن اونده ۾ بيٺا آهيون.

اسين غم جو اولاد آهيون! اسين پيغمبر! شاعر ۽ موسيقار، جيڪي دل جي تارن سان ديوتائن جو لباس اُڻندا آهيون، ۽ پنهنجي سيني جي ٽڪرن سان فرشتن جون منيون پريندا آهيون. ۽ اوهين، اوهين دنيائي خوشين ۽ رت ۽ پونءِ جي پيداوار آهيو. توهين پنهنجون دليون جهالت جي هٿ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيو. ڇو ته جهالت جي آڱرين جو نازڪ ڇهاءُ ڇڪيندڙ ۽ راغب ڪندڙ آهي. توهين ناداني‍ءَ جي قربت مان خوش ٿيندا آهيو. ان ڪري جو ناداني‍ءَ جي گهر ۾ اهو آئينو موجود ناهي، جنهن ۾ توهين پنهنجي پيانڪ چهري جو عڪس ڏسي سگهو.

اسين آهون پريندا آهيون ۽ اسان جي آهن سان گڏ گلن جا سرباٽ، پن جو کڙڪو ۽ آبشارن جا نغما ايرندا آهن.

ان جي مقابلي ۾ توهين جڏهن کلڻ لاءِ وات کوليندا آهيو ته اوهان جي ٽهڪن ۾ کوپرين جون چيخون ٻڌڻ ۾ ايندي آهن. پيڪڙن جا آواز ۽ دوزخ جي آهه و پڪار شامل هوندي آهي.

اسين روئندا آهيون ته اسان جا لڙڪ زندگي‍ءَ جي دل مان ڳڙندا آهن، ان طرح جيئن ماڪ جا ڦڙا رات جي پلڪن مان صبح جي جگر تي لڙي پوندا آهن. پر جڏهن اوهين کلندا آهيو ته ائين محسوس ٿيندو آهي، جيئن نانگ جي ڏنگيل ڪنهن شخص جي زخمن مان زهر وهي رهيو هجي.

اسين بيواهين جي مظلومي ۽ ويچارگي ۽ يتيمن جي بدبختي‍ءَ تي روئندا آهيون، پر اوهين ان لاءِ کلندا آهيو جو اوهان کي سون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي چمڪ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر ناهي ايندو. اسين روئندا آهيون جو فقيرن جي آه و زاري ۽ مظلومن جون پڪارون ٻڌندا آهيون ۽ اوهين کلندا آهيو ته جام ۽ ساغر جي ٺهڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه آواز اوهان جي ڪنن تائين نه ٿو پهچي. اسين روئندا آهيون جو اسان جا روح خداوندي ذات کان جدا ٿي خاڪي جسم جي خول ۾ قيد ٿي ويا آهن ۽ توهين کلندا آهيو جو توهان جا جسم خوشي ۽ اطمينان سان مٽيءَ سان ڇهنيل آهن.

اسين غم جا پٽ آهيون ۽ اوهين خوشيءَ جا لاڏلا.

اچو ته اسين پنهنجي غمن جا ڪارناما دنيا جي آڏو رکون ۽ اوهين پنهنجي خوشيءَ جا اعمال!

توهان غلامن جي ڪوپرين مان احرام تعمير ڪيا، پر احرام اڄ بيابانن ۾ بيٺل زماني کي توهان جي فنا ۽ اسان جي بقاء جا قصا ٻڌائي رهيا آهن.

توهان ڪمزورن جي هڏن تي بابل جا باغ لڳايا ۽ مجبور ۽ بي وس ماڻهن جي قبرن تي نينوا جون ماڙيون جوڙايون، پر اڄ بابل ۽ نينوا ڪنڊن جو روپ ڌاري چڪا آهن ۽ انهن جي عظمت ۽ شوڪت اڻامنڊڙ واريءَ تي اٺ جي پيرن جيان آهن. جنهن کي هوا جو ڇڙواڳ جهونڱو ڪنهن به پل ۾ ڊاهي ٿو سگهي. ان جي باوجود انهن جي تاريخ قومن جي آڏو هر هر ورجائي ٿي وڃي ۽ اها اسان کي مبارڪون ڏيندي آهي ۽ اوهان تي لعنت ملامت ڪندي آهي.

اسان سنگ مرمر مان عشار جي مورتي ناهي، هن جي ڇهاءَ ۽ جسماني لباس ۾ زندگي پيدا ڪئي. ان گونگي ۽ بي زبان کي به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهائڻ تي آماده ڪيو. اسان سِتار تي نهاوندي راڳ آلاپيو. فضا ۾ رلندڙ، پريشان محبوب جو روح ڇڪجي اسان جي پير ۾ اچي ويو. اسان رنگ برنگي لفظ ۽ نقشن جي مدد سان اعليٰ ۽ ارفع هستيءَ جي اهڙي تصوير ٺاهي جو نقشن کي ديوتائن جي فڪرن ۽ رنگ کي فرشتن جي جذبن سان مشابهه ڪري ڇڏيو.

توهان تماشن جي پويان پئجي ويا، جن جي خونخوار چنبن، روم ۽ انطاڪيه جي آکاڙن ۾ سوين بي گناهن کي ماري ڦٽو ڪيو. اسان ماٽ ميٽ ۾ لاڳاپو ڳنڍيو، جنهن جي جادوئي آڱرين ايليڊ ۽ انجيل مقدس جا مختلف حصا تخليق ڪيا.

توهان نفساني خواهشن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي سمهي رهيا. جنهن جي تکن جهونٽن هزارين لکين عورتن کي اگهاڙپ ۽ بدڪاريءَ جي دوزخ ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ اسان اڪيلائيءَ سان جڙي وياسون، جنهن جي پاڇي ۾ شيڪسپيئر ۽ ڊانٽي جي فڪرن جنم ورتو ۽ وڌيا ويجها.

توهان حرص ۽ طمع سان ياري ڳنڍي، جنهن جي تيز تلوارن هزارين رت جون نديون وهائي ڇڏيون ۽ اسان سچائي سان دوستي ڳنڍي، جنهن جي هٿن معرفت جي عظيم دائري کان هيٺ لاٿو.

اسين غم جا پٽ آهيون ۽ اوهين خوشيءَ جا لاڏلا ۽ اسان جي غم ۽ اوهان جي خوشين جي وچ ۾ هڪ سوڙهو ۽ اڻانگو پهاڙي رستو آهي. جنهن کي نه اوهان جا خوبصورت عربي گهوڙا پار ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي اوهان جي چنيل ۽ زريءَ سان مڙهيل گهوڙي گاڏيون اڪاري ٿيون سگهن. اسين اوهان جي حقارت کي شفقت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگاهن سان ڏسندا آهيون، پر اوهين اسان جي بزرگيءَ کان نفرت ڪندا آهيو، ۽ زمانو اسان جي شفقت ۽ اوهان جي نفرت جي وچ ۾ ڦاسي اسان ۽ توهان کي حيرت مان ڏسي رهيو آهي. اسان دوستن جيان توهان وٽ ايندا آهيون ۽ اوهين دشمن جيان اسان تي ڪُلر ڪندا آهيو. اسان جي دوستي ۽ اوهان جي دشمنيءَ جي وچ ۾ رت ۽ لڙڪن سان ڪنن کو هڪ اونهو واهه آهي. اسين اوهان لاءِ محل اڏيندا آهيون ۽ اوهان اسان لاءِ قبرون کوٽيندا آهيون ۽ محلاتن جي خوبصورتي ۽ قبرن جي اوندهه جي انسانيت نولادي هٿيار سجائي پهرا ڏيندا آهي.

اسين اوهان جي رستي تي گلن ورڪا ڪندا آهيون ۽ توهان اسان جي بسترن تي ڪنڊا وڇائيندا آهيو. گلاب جي پنکڙين ۽ ڪنڊن جي وچ ۾ حقيقت ابدي ننڊ ڪندي آهي.

مخلوق جي اوائلي پيدائش کان وٺي پنهنجي وحشائي ڪمزوريءَ جي سهاري، اسان جي نرم ۽ نازڪ قوت سان مهاڏو اٽڪايو اچو. هڪڙي پل جي لاءِ به جيڪڏهن ڪڏهن اسان تي حاوي ٿي ٿا وڃو ته خوشيءَ وچان ڏيڏرن جيان ٽيڪڻ شروع ٿا ڪريو. ان جي پيٺ ۾ جڏهن اسين اوهان تي حاوي ٿيون ٿا، اهو به هڪ اڌ ڪلاڪ جي لاءِ نه پر سدائين جي لاءِ، تڏهن به اسين ديوقامت چانورن جيان ماٺ ۽ چپن تي ٺپا هنيون ويٺا هوندا آهيون.

توهان يسوع مسيح کي صليب تي چاڙهيو ۽ چوگرد ويهي ان تي ٺٺوليون ڪيون ۽ کيس گهٽ وڌ ڳالهايو: نيٺ هوُ صليب تان لهي آيو ۽ حق ۽ روح سان قومن تي حاوي ٿي ويو ۽ دنيا کي پنهنجي


Scanned with CamScanner

فڪرن، نظرين ۽ بزرگيءَ جو حسن ۽ روشني بخشيندي هڪ هيرو جيان روانو ٿي ويو. توهان سقراط کي زهر ڏنو ۽ پاڻ کي سنگسار ڪيو. گيليلو کي موت جي منهن ۾ اڇلايو، علي ابن ابي طالب کي شهيد ڪيو. مدحت پاشا کي ڦاهي ٽنگايو - پر اهي سڀ جا سڀ فاتح بهادرن جيان زنده آهن ۽ توهان انسانيت جي حافظي ۾ انهن لاشن جيان زندگي گذاري رهيا آهيو، جيڪي خاڪ تي لاوارث ۽ بي گورو ڪفن پيا آهن، جن کي نيستي ۽ فراموشيءَ جي انڌيرن ۾ دفن ڪرڻ وارا ملندا ئي نہ هجن. اسين غم جي اولاد آهيو ۽ غم اهو ڪکر آهي جيڪو دنيا ۾ معرفت ۽ سچائيءَ جو مينهن وسائيندو آهي. توهين خوشيءَ جا پٽ آهيو. توهان جون خوشيون دونهين جي ڪڪرن جيان پل گهڙي ڪيڏي بہ اونچائيءَ تي پهچي وڃن، پر هوا ڪين پاڙون پٽي اڇلائي ڇڏيندي آهي، ۽ عناصر فنا ڪري ڇڏيندا آهن تہ اهو فطرت جو قانون آهي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نيو فيلڊس پبلڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم | فيروز احمد | (ختم) |
| 2 | جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو-1) | طارق اشرف | (ختم) |
| 3 | اڌ ملاقات (خط) | طارق اشرف | (ختم) |
| 4 | جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم) |
| 5 | جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو-2) | طارق اشرف | (ختم) |
| 6 | زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون) | طارق اشرف | (ختم) |
| 7 | 4 - مارچ ۽ سنڌي جوڌا | – | 30/- |
| 8 | بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | – | (ختم) |
| 9 | اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول) | آغا سليم | 80/- |
| 10 | رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم) |
| 11 | 30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 1) | – | (ختم) |
| 12 | ٽڙا ٽپ | ايشور چندر | (ختم) |
| 13 | وايون وڻجارن جون | الطاف شيخ | 60/- |
| 14 | 30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 2) | – | (ختم) |
| 15 | بندر بازاريون (سفر نامو) | الطاف شيخ | 60/- |
| 16 | شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | (ختم) |
| 17 | يادگار ڪهاڻيون | مختلف ڪهاڻيڪار | (ختم) |
| 18 | ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | مترجم : ولي رام ولڀ | (ختم) |
| 19 | عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | – | (ختم) |
| 20 | دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مدد علي سنڌي | (ختم) |
| 21 | دل جو بندر (ناول) | مترجم: نصير اعجاز | (ختم) |
| 22 | رهيل قرض (ڪهاڻيون) | ظفر حسن | (ختم) |
| 23 | درد جي خوشبو (ناول) | قاضي خادم | (ختم) |
| 24 | ڪنهن سان سور سليان (ڪهاڻيون) | مرتب: فيروز احمد | (ختم) |
| 25 | فڪر جي آزادي | مترجم: محمد ابراهيم جويو | (ختم) |
| 26 | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفر نامو) | الطاف شيخ | 65/- |
| 27 | غلامن جو ٻيڙو (ناول) | مترجم: دوست محمد پٽني | 65/- |
| 28 | سي ٽي جوڙين ڏينهن (سفر نامو) | الطاف شيخ | 60/- |
| 29 | عاشي (ناول) | هينري رائڊر هنگرڊ/ فضل احمد بچاڻي. | 100/- |
| 30 | سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو) | الطاف شيخ | 60/- |
| 31 | سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي | 20/- |
| 32 | جهان رس (ڪهاڻيون) | الطاف شيخ | (ختم) |
| 33 | روح جي ڳولا (ناول) | مترجم: فضل احمد بچاڻي | (ختم) |
| 34 | درد جا ڏينهن، درد جون راتيون | طارق اشرف | (ختم) |
| 35 | سانباهو سمونڊ جو (سفر نامو) | الطاف شيخ | 80/- |
| 36 | سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | 30/- |
| 37 | آسيه (ناول) | هينري رائڊر هنگرڊ/ فضل احمد بچاڻي | 80/- |
| 38 | قلندر (ڪهاڻيون) | قره العين حيدر/ مدد علي سنڌي | (ختم) |
| 39 | الطاف شيخ جي نوٽ بوڪ تان | الطاف شيخ | (ختم) |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| 81 | ساهيوال جيل جي ڊائري | شيخ اياز | 80/- |
| 82 | سنگاپور ويندي ويندي (سفر نامو) | الطاف شيخ | 80/- |
| 83 | چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | (ختم) |
| 84 | ڀڳت سنگهه کي ڦاسي | شيخ اياز | (ختم) |
| 85 | ست يوگوسلاوياني آکاڻيون | جڳت آڏواڻي | 10/- |
| 86 | ست ڪشميري آکاڻيون | اختر محيعيدين/ ايشور چندر | 12/- |
| 87 | پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري) | آغا سليم | (ختم) |
| 88 | ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه (سفر نامو) | الطاف شيخ | 100/- |
| 89 | ڪپر ته ڪن ڪري (شاعري) | شيخ اياز | 100/- |
| 90 | سڏڪن مٿي سڏڙا | علي احمد بروهي | (ختم) |
| 91 | گانڌي | لوئي فشر/ نجم عباسي | (ختم) |
| 92 | ڀڳل ڪنيڙائيون | خليل جبران/ عبدالله الفائز | 40/- |
| 93 | ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ. | الطاف شيخ | (ختم) |
| 94 | ڪي جو ڀيڄل پوليو (شاعري) | شيخ اياز | 60/- |
| 95 | سرهي سرهي سار (سفر نامو) | ماهتاب محبوب | (ختم) |
| 96 | خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو-1) | شيخ اياز | 125/- |
| 97 | دنگيءَ منجهه درياهه (سفر نامو) | الطاف شيخ | (ختم) |
| 98 | ڏينا تيل ڦليل جا | علي احمد بروهي | (ختم) |
| 99 | راڄ گهاٽ تي چنڊ (سفر نامو) | شيخ اياز | 80/- |
| 100 | موتي جي مهراڻ جا | مرتب: فيروز احمد | (ختم) |
| 101 | تلاش (ناول) | نجم عباسي | (ختم) |
| 102 | لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) | شيخ اياز | 40/- |
| 103 | ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون | الطاف شيخ | (ختم) |
| 104 | مرڻ مون سين آءُ (ناول) | سراج | 80/- |
| 105 | پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) | سراج | 100/- |
| 106 | رات وچ ۾ (ناول) | بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي | (ختم) |
| 107 | ٻڙ جي ڇانو اڃي ڪان گهاٽي (شاعري) | شيخ اياز | (ختم) |
| 108 | اڪ سور (ناول) | رابندر ناٿ ٽيگور | 100/- |
| 109 | جت جر وهي ٿو جال (سفر نامو) | الطاف شيخ | (ختم) |
| 110 | رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) | امر جليل | 60/- |
| 111 | ماسترياڻي (ناول) | مترجم: نجم عباسي | (ختم) |
| 112 | اکن نيرا ڦليا (شاعري) | شيخ اياز | (ختم) |
| 113 | منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول) | سراج | (ختم) |
| 114 | رڻ ۽ رج جو اتهاس (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاهه | 50/- |
| 115 | انقلابي ماءُ (سوانح حيات) | مترجم: آزاد قاضي | (ختم) |
| 116 | ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون | شيخ اياز | 80/- |
| 117 | جلاوطن (ڪهاڻيون) | نور الهديٰ شاهه | 100/- |
| 118 | جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون) | امر جليل | 70/- |
| 119 | پونر پري آڪاس (شاعري) | شيخ اياز | 100/- |
| 120 | راهون چنڊ ستارا (سفر نامو) | ماهتاب محبوب | 60/- |
| 121 | يادين جي اندلٺ | الطاف شيخ | (ختم) |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| 163 | سنڌي ادب جو مختصر جائزو | اڪبر لغاري | 90/- |
| 164 | ڪتين ڪر موڙيا جڏهن ـ 2 | شيخ اياز | 100/- |
| 165 | تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون (ڪهاڻيون) | زرينہ بلوچ | 55/- |
| 166 | اننڊ وليون (شاعري) | شيخ اياز | 55/- |
| 167 | ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو) | الطاف شيخ | 70/- |
| 168 | تاريخ جو سفر | ڊاڪٽر مبارڪ علي/ ابوبڪر شيخ | 45/- |
| 169 | سانگهڙ (ناول) | محمد عثمان ڏيپلائي | 200/- |
| 170 | سر لوهيڙا ڳيا (شاعري) | شيخ اياز | 100/- |
| 171 | ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاڱو 2) | رسول بخش پليجو | 65/- |
| 172 | ڇا جو ديس ڇا جو ... بندر ديسان ديس | الطاف شيخ | (ختم) |
| 173 | قومي غدار ۽ حساب ڪتاب | لياقت عزير | 50/- |
| 174 | منهنجو وطن منهنجا ماڻهو | لوڪ رام ڏوڏيجا | 100/- |
| 175 | سورج مکيءَ سانجهہ (شاعري) | شيخ اياز | 90/- |
| 176 | اوچا ڳاٽ پهاڙن جا | نجم عباسي | 50/- |
| 177 | عورت ۽ پيار ـ نئون شهر (ہ ڪتاب گڏ) | غلام نبي مغل | 45/- |
| 178 | رُليون وجود (ڪهاڻيون) | امر جليل | 60/- |
| 179 | پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول) | سراج | 150/- |
| 180 | جر ڏينا جهمڪن | شيخ اياز | 80/- |
| 181 | منهنجي سپ کان پياري ڏيهہ | ذوالفقار علي ڀٽو | 50/- |
| 182 | ڪيني ڪتاب (آتم ڪهاڻي جلد 1) | رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي | 150/- |
| 183 | هرڻ اکي ڪيڏانهن | شيخ اياز | 70/- |
| 184 | آواره (ناول) | موهن ڪلپنا | 50/- |
| 185 | اوڙاهہ (ناول) | غلام نبي مغل | 150/- |
| 186 | اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو) | الطاف شيخ | 100/- |
| 187 | ملير کان مالمو (سفرنامو) | الطاف شيخ | 90/- |
| 188 | مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص | ڊاڪٽر صالح | 55/- |
| 189 | قيدي (ناول) | فخر زمان | 60/- |
| 190 | جت برف پئي ٿي جام (سفرنامو) | الطاف شيخ | 80/- |
| 191 | ڪٿي تہ پڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪهاڻي جلد 1) | شيخ اياز | 100/- |
| 192 | ڪراچي کان ڪوبي هيگن (سفرنامو) | الطاف شيخ | 90/- |
| 193 | سهسين ٿيا سارنگ (سفرنامو) | عنايت بلوچ | 100/- |
| 194 | چنڊ ڳليون (شاعري) | شيخ اياز | 115/- |
| 195 | اندر جنين اچ (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | 70/- |
| 196 | اڻجاتل شهر جونقشو (ڪهاڻيون) | شبنم گل | 70/- |
| 197 | ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو) | ڊاڪٽر محبوب علي شيخ | 100/- |
| 198 | رئي آهي گهوٽ سان (چوٽيون ۽ پهاڪا) | الطاف شيخ | 90/- |
| 199 | ڪيني ڪتاب (آتم ڪهاڻي جلد 2) | رئيس ڪريم بخش نظاماڻي | 200/- |
| 200 | خواب خوشبو ڇوڪري (ناول) | ماهتاب محبوب | 100/- |
| 201 | گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾ | شيخ اياز | 70/- |
| 202 | ڀڳوانن جي ڀونءِ (سفرنامو) | بدر ابڙو | 90/- |
| 203 | يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون (سفرنامو) | الطاف شيخ | 90/- |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس طرفان جلد شايع ٿيندڙ نوان ڪتاب

| | |
|---|---|
| **حق موجود** - تاريخ جو ڪيڏارو | **يوسف شاهين** |
| **دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ** | **غلام نبي مغل** |
| **اي رود ته مدينه** | **الطاف شيخ** |
| **ڪُونجون ڪَرڪن روهه تي** | **شيخ اياز** |
| **ڪٿي نه ڀڄبو ٽڪ مسافر** (جلد III) | **شيخ اياز** |

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book